# ٻارهن ڏينهن

(ناول)

قادر سولنگي

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب جو نالو: ٻارهن ڏينهن
صنف: ناول
ناول نگار: قادر سولنگي
چاپو پهريون: ©2026
ڪمپوزنگ: محسن سولنگي
لي آئوٽ : سردار ٻُرڙو
ڇپائيندڙ: وديا پبليڪيشن حيدرآباد
03052356233

© Copyright
© All rights reserved

12Denh
(NOVEL | Twelve_ Days)
Author: Qadir Solangi
1st Edition: 2026
Layout By: Sardar Buriro
Published by: Vidya Publication
Hyderabad

For more information or order, please contact on whatsapp:
0305-2356233

# ليکڪ جا ڪتاب

- **سرءُ جي بهار** **(شاعراڻو نثر)** 2022ع
- **پاڻيءَ منجهه جهوپڙا** **(ناول)** 2023ع
- **سرجيس تان سور** **(ناول)** 2025ع
- **ٻارهن ڏينهن** **(ناول)** اوهانجي هٿن ۾ (2026)

# ارپنا

آءُ هيءُ ادبي پورهيو ”ٻارهن ڏينهن“ ناول، پنهنجي اولاد انجنئير اونيل نثار، سهان نثار، ڪميل قادر، ردا بتول، ارسلان قادر، آريان قادر ۽ پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي ساٿياڻي ارباب قادر، سميت سنڌو درياءَ جي سمورن عاشقن ۽ ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ شرڪت ڪندڙ هر فرد کي اَرپيان ٿو.

# سٽاءُ


- پبلشر نوٽ ........................ 06
- ليک پاران ........................ 07
- تاثر: ٻيرلوءِ ڏرٽو- سنڌ جي مزاحمت جو اهڃاڻ.... سهيل ميمڻ 08
- ٻارهن ڏينهن ........................ 12

1) ........................ 13
2) ........................ 63
3) ........................ 69
4) ........................ 73
5) ........................ 89
6) ........................ 103
7) ........................ 113
8) ........................ 118
9) ........................ 120
10) ........................ 126


# پبلشر نوٽ

اهو سنڌي افسانوي ادبَ جو ڀاڱُ آهي، جو هر دؤر جي تاريخَ، تحريڪَ، ويڙهاند، مزاحمت، سورش ان ۾ سمايل آهي.

اسان جو سنڌي ليکاري جتي هر دؤر جي چُرپر کي غير افسانوي ادب جو حصو بڻائي ٿو. اُتي انهيءَ دؤر جي سياسي چُرپر کي بہ افسانوي ادب جو حصو بڻائي ٿو. پري ڪو نہ ٿا وڃون.... جيڪر ورهاڱي بعد پيدا ٿيندڙ هيلَوڪين حَالتُن، جَبرُ، ڏاڍُ، مارامارِيءَ واري قبضاگيريءَ جي جديد دؤرَ تي نَظر وِجهبِي تہ اُن تي بہ اسان جي ليکارين افسانوي توڻي غير افسانوي ادب سَرجي قوم کي احساس ۽ اَدراڪ جون منزلون طئي پئي ڪرايُون آهن.

سنڌي ناول جي تاريخَ بہ ڪجهہ ائين ئِي رهي آهي. جتي سنڌي ادبَ ۾ ٻِيا موضوع اهميت ڀَريا ۽ لائق پائنيا وڃن ٿا، اُتي درياهُ ۽ ڌرتِي پڻُ سڀ کان مٿاهِين حيثيت رَکن ٿا.

اسان جَي سُجاڻ ناول نگارَ قادر سولنگيءَ جي هن ناول "ٻارهن ڏينهن" جو موضوع پڻ درياهُ آهي، نہ رڳو درياهُ پر درياه واري ديس جي ماڻهن جا ڏکُ، سُورَ، اَهنج ۽ سُڏڪا پڻ موضوع آهن.

هيءُ ناول ٻيرلوءِ واري ڌرتي جي تاريخ بہ آهي تہ افسانو بہ ، مزاحمتَ بہ آهي تہ جدوجهد لاءِ اُتساهہ بہ .

نئين دؤرَ، نئين انسانَ، نئين جدوجهد ۽ نوَن رُجحانن ۽ لاهن چاڙهن ۾ پنهنجي درياهَ ۽ ڌرتيءَ جي بقا لاءِ اُٿاريل آواز جي تاريخَ کي ناولائڻ وارو هيءُ سُهڻو ڪَمُ سنڌي اَدب ۾ ٻوليءَ ۾ پنهنجي منفرد جاءِ والارڻ جي سگهہ پڻ رکي ٿو.

**(ادارو)**

# ليک پاران

سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ جو منصوبو ۽ سنڌ جي زرخيز زمين ڌارين کي ڏيڻ واري منصوبي خلاف قوم پرست سياسي پارٽين طرفان اٺ مهينن کان مسلسل جدوجهد هلي رهي هئي، ان جدوجهد ۾ وڪيل برادري بہ شامل ٿي وئي.

وڪيل برادري ٻبرلوءِ باءِ پاس تي ڌرڻو هڻي پنجاب ڏانهن ويندڙ رسد بند ڪري ڇڏي، ڌرڻي ۾ قوم پرست پارٽين ۽ ڪاٻي ڌُر جي اڳواڻن، ڪارڪنن، ساڃاهہ وندن، اديبن، شاگردن، آرٽسٽن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، هارين، نارين، مردن ۽ عورتن لکن جي تعداد ۾ شرڪت ڪري پاڻ ملهايو.

ٻارهن ڏينهن لڳل ٻبرلوءِ ڌرڻي نئين ريتن ۽ رسمن کي جنم ڏنو جنهن ڌرڻي ۾ قومي ٻڌي ۽ سنڌ وطن سان محبت پروان چڙهي، نوان خيال ۽ نوان فڪر اُڀريا، پُرامن ۽ عدم تشدد جي فضا قائم رهي ۽ ڌرڻي کي ڪاميابي ملي.

ٻبرلوءِ ڌرڻي جي ڪاميابيءَ جو اثر ۽ تاثر صدين تائين پنهنجو پاڇو ڇڏي ويو جيڪو قوم ۽ قوم جي ايندڙ نسلن لاءِ ويساهہ اعتماد ۽ اميد جي لاٽ ٻڻجي اُماس راتين ۾ ٻرندو رهندو. مان ٻبرلوءِ ڌرڻي مان ملندڙ نتيجن کي ايندڙ نسلن جي امانت سمجهندي، قومي ذميواري ۽ فرض جو پوراءُ ڪندي ان تحريڪ کي ناول جي صورت ۾ آئي ايندڙ نسلن جي حفاظت لاءِ انساني تاريخ جي طور تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

رمضان جو مهينو آهي، اولاد لاءِ عيد جا ڪپڙا وٺڻ بدران ناول ڇپرايان پيو. مون کي اميد آهي منهنجو هيءُ ادبي پورهيو سنڌ واسي ضرور قبول ڪندا.

**قادر سولنگي**

ملهيراڻي سولنگي

2025-08-26



# ٻبرلوءِ ڌرڻو- سنڌ جي مزاحمت جو اهڃاڻ

سائين قادر سولنگي صاحب ٻبرلوءِ وٽ وڪيلن جي سڏ تي، پنجاب ۾ سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍي سنڌوءَ جو پاڻي چوري ڪرڻ خلاف تاريخي احتجاج تي هڪ منفرد نموني قلم کنيو آهي جيڪو ناول جي صورت ۾ آهي. اهو ڌرڻو لڳو تہ سڄي سنڌ جي وڪيلن جي سڏ تي پر ان ۾ سنڌي قوم جي عوامي شموليت هئي. منهنجي نظر ۾ اهو احتجاج ماضيءَ قريب ۾ سنڌ جو وڏو اثر انگيز ۽ انوکو احتجاج هو. جيتوڻيڪ "ٻارهن ڏينهن" ناول مون پڙهيو ناهي پر قادر صاحب ڪجهہ وقت اڳ ناول جي مواد ۽ خيال متعلق مون کي روبرو ضرور ٻڌايو هو. ان ڪري ناول جيئن تہ ڌرڻي متعلق آهي تہ ان مواد متعلق ناول پڙهڻ بغير بہ پنهنجا ويچار لکي رهيو آهيان .

ڌرڻي بابت روزمره جي فيصلن لاءِ وڪيلن جي 11 رڪني ڪميٽي سنڌو درياهہ تي ڪئنالن ٺاهڻ، گرين انيشيوٽوِ پراجيڪٽ، ڪارپوريٽ فارمنگ تي ٽيل ان احتجاج جي نظرداري ۽ رهنمائي پئي ڪئي.

ان احتجاجي ڌرڻي منهنجي سمجهہ موجب ڪجهہ هيٺيان فائدا سنڌ کي ڏنا آهن.

1) سنڌي قوم خوف مان ٻاهر نڪتي.
2) ڌرڻو وڪيلن جي سڏ تي هيو پر 95 سيڪڙو سنڌ جي سياسي قومي مذهبي پارٽين، هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن، بلڪ مجموعي طور سنڌي قوم جو احتجاج هو.
3) ثابت ٿيو تہ سنڌ، پيپلز پارٽي توڙي پير، مير، جاگيردار، سردار ۽ وڏيري جي نہ ڪيسي ۾ پئي آهي نہ ئي سندن سازشن کان بي خبر آهي.
4) سنڌ کي خبر پئي تہ هو ڪنهن بہ طاقت جي نڙيءَ تي پُرامن طريقي ۽ ڪهڙي نموني سان لَت رکي سگهن ٿا.
5) احتجاج مڪمل طور ڪامياب ٿيو آهي. ڪئنال پراجيڪٽ بلڪل رُلي ويا آهن. ڄاڻون ماڻهن کي خبر آهي تہ ڪو بہ ميگا پراجيڪٽ رُلندو آهي تہ ٻيهر ان جو نهڻ ممڪن ناهي ٿيندو

6) سنڌ جي ٻچي ٻچي کي خبر پئي آهي ته، پيپلز پارٽي، نواز ليگ ۽ بوٽن جو گڏيل پراجيڪٽ هو ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان شروع کان ئي انهن سان شامل رهي آهي.

7) سنڌ ۾ سياسي هلچل ٿي آهي. نوان ڪارڪن ۽ ليڊر نڪري نروار ٿيا آهن. نئين صف بندي ٿيندي، سياست کان مايوسي ختم ٿيندي، قومي شعور ۽ قومي سجاڳيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. سياست جو شوق پيدا ٿيو آهي. موبائيل فون واري نسل کي خبر پئي ته سياست ڇا آهي، وطن سنڌ ڇا آهي، زندگيءَ جو هيءُ به رخ آهي ۽ هيئن به وطن لاءِ جدوجهد ٿيندي آهي.

8) سنڌ جي ٻچي ٻچي کي خبر پئي ته پنجاب لوڪل دلالن سان ملي بندوق جي زور تي سنڌ جي ڦُرلٽ ڪري رهيو آهي.

9) ڪئنال ته رُلي ويا پر هيءُ وري ٻين منصوبن سان گڏ ميدان ۾ لهندا ۽ سنڌي وري جدوجهد ۽ مزاحمت جي ميدان ۾ هوندا. اهو سلسلو هلندو رهندو جيستائين هن پنجوڙ ۾ ڦاٿل آهيون.

10) سنڌي نوجوان نروار ٿيو آهي، جيڪو انهن سازشن کان هن تحريڪ ۾ خبردار ٿيو آهي جن جون ڪيس خبرون نه هيون. سياسي پارٽيون انهن جي تربيت ڪن، رڪنيت سازي ڪن.

11) اجايا سجايا ليڊر ڏوپجي ويا.

12) ڪمال ٿي ويو ته سنڌين جو هي هيڏو وڏو عالمي ليول جو احتجاج پُرامن رهيو ۽ هڪ پٿر به نه اُڇلايو ويو ۽ دشمن جا اربين ڊالر ٻُڏي ويا . هيءُ سنڌ جو سندن معيشت تي چٽو وار هو.

13) ويجهي ماضيءَ ۾ هنن پ پ، نواز ليگ ۽ بوٽن جي ٽڪنڊي کي ڪنهن به ناهي للڪاريو پر غريب مسڪين سنڌين انهن کي في الحال ته اُڇلايل ٽُڪ چٽرائي آهي.

14) سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جيڪا 15 سالن ۾ پنهنجي واڻن صحافين، اديبن، وڪيل ليڊرن تي انويسٽمنٽ ڪئي، ان جي ضايع ٿيڻ جي خبر پئي. جن به مال ڪاڏا هڪڙا لڪي ويا، ٻيا مجبوريءَ ۾



ڌرتي ۾ پهچي زرداري تي لعنت وجهندا رهيا پر پ پ کي ڪنهن به ريسڪيو ڪرڻ جي همت نه ڪئي.

15) زرداري هن تحريڪ ۾ سنڌ جو ناپسنديده ترين سنڌ دشمن شخص ٿي سامهون آيو.

16) جيترا وات، اوتريون ڳالهيون ۽ احوال. ماڻهن کي کهڙي خبر ته هيڏا وڏا احتجاج سنڀالڻ يا انهن جو پريشر ڪيترو ٿيندو آهي. ڪجهه به ٿي سگهندو آهي، اهڙن ايونٽس ۾. اندر جون خبرون ته اسان کان پُڇو. لمحي لمحي جي نئين صورتحال کي مُنهن ڏيڻو پئي پيو دوستن کي. سو سنو ٿيو پُرامن طريقي سان احتجاج ڪامياب ٿيو.

17) نه نواز ليگ پنجاب جي مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ ڇڏيندي، نه پيپلز پارٽي سنڌ جي مفادن جو سودو ڪرڻ ۽ ڪرپشن ڪرڻ ڇڏيندي ۽ نه ئي بوٽ پنهنجي هن شڪست کي وساريندا. سو سازشون به جاري رهنديون ۽ قوم جي جدوجهد به انهن خلاف جاري رهندي.

18) سنڌين پنجاب ۽ پاڪستان جا ڏگ ڏسي ڇڏيا. انهن جو ساهه جنهن ڪبوتر ۾ آهي ان ڪبوتر جو نالو ڪراچي کان ڪشمور 500 ميلن جو اهو روڊ آهي، ان تي لت ڏبي ته سندن نڙيءَ تي لت ايندي.

19) سنڌ جي آباديءَ ۾ اضافو اسان جي فائدي ۾ آهي. ڳوٺ، شهر سنڌي ماڻهن سان ڀريا پيا آهن. انهن ۾ اڪثريت نوجوانن جي آهي. امن امان جي صورتحال، پيپلن پاران روزگار وڪڻڻ ۽ حقدارن کي نه ڏيڻ، بي انتها ڪرپشن، انهن نوجوان آبادي کي احتجاج ۽ مزاحمت ڏانهن راغب ڪيو آهي.

20) قومپرست پارٽين سواءِ (چند مُدي خارج ليڊرن کان) وڏي محنت ۽ ڏکي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ سنڌيت جو ٻج پوکيندا آيا آهن جيڪو وڏي وڻ ٿيو آهي.

21) سوشل ميڊيا تي نيگيٽو ڳالهين تي ڌيان نه ڏيو. ميدان عمل ۾ ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ايئن به سوشل ميڊيا تي

هزارين ماڻهون بوٿن جا ۽ سوين ماڻهون پيپلن جا سڄو ڏينهن وينا ماڻهن کي اُبتو سبتو اُپارين. انهن جا ميڊيا سيل قائم ٿيل آهن. اهي ڪارڪنن کان هڪ ٻئي جي ليڊرن کي گاريون ڏياري ويڙهيائيندا آهن. ڪوڙيون پوسٽون ۽ ليڊرن جا ڪوڙا بيان هلرائي غلط فهميون پيدا ڪرائيندا آهن.

22) ڌرڻو ۽ احتجاج ڪامياب ٿيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ناهي ملي سگهيو ان لاءِ ميدان بہ اتي آهي، دشمن بہ اتي آهي ۽ جدوجهد بہ اتي ئي آهي.

23) نوجوان سنڌ پرست وڪيلن کي عرض تہ پنهنجو ووٽ بارز جي چونڊن ۾ سوچي سمجهي ڏين. توهان وڪيل آهيو. قانوندان آهيو نہ ڪي عام ماڻهو. توهان گهٽ ۾ گهٽ پيپلز پارٽيءَ جي هن ڪئنالن واري اشوءَ ۾ ڪردارن کي تہ سڀ ڄاڻو ٿا.

24) سنڌ جي هر ننڍي وڏي، ٻار ٻُڍي، عورت مرد، پڙهيل اڻ پڙهيل، سنڌي، پناڻ، پنجابي، سرائيڪي، بلوچ، گلگتي، هزاره، اردو سنڌي، گجراتي، ڪشميري ۽ جيڪو بہ ڌرڻي ۾ آيو ان کي سلام . جنگ جاري رهندي.

25) عوام سڀ کان وڏي طاقت آهي. صرف ٻَڌي ڪري. عزت سان شاندار نموني جيئڻ، ترقي ڪرڻ، هن شاهوڪار سنڌي قوم جو حق آهي ۽ پاڪستان جا وسيلا پورٽ، گئس، تيل، ڪوئلو معدنيات 80 سيڪڙو سنڌ جا آهن جيڪي بندوق جي زور تي لُٽيا پيا وڃن.

سنڌو درياءُ اسان جي وجود جي ضمانت آهي.

**ايڊووڪيٽ سهيل ميمڻ**

لنڊن

30 ڊسمبر 2025



# پارهن ڏينهن

## (ناول)

# 1

ساگر جو والد سيٺ شريف، سنڌو نگر شهر جو معزز ۽ ڪاروباري شخصيت هو. هو شهر ۾ جنس جو واپار ڪندو هو. ايماندار هئڻ ڪري شهر ۽ آسپاس جي علائقي ۾ عزت جي نگاهه سان جاتو ويندو هو.

سيٺ شريف آبادگارن ۽ هارين کي فصل تي ڀاڻ، ٻج ۽ دوائون ڏيندو هو ۽ جڏهن هارين کي پئسن جي ضرورت پوندي هئي ته روڪ رقم به ڏئي ڇڏيندو هو. فصل لهڻ تي آبادگار ۽ هاري جنس ڏئي حساب ڪندا هيس. جنس جو ڪاروبار ڪندڙ عام واپاري آبادگارن ۽ هارين تي ٻيٽو وياج رکندا هئا. آخر ۾ هاري ويچارا حساب ڪري انگوڇو ڇنڊي يا قرضي ٿي اُٿندا هئا ۽ واپاري به هارين مٿان رهجي ويل قرض تي راضي رهندا هئا. واپارين جي خواهش هوندي هئي ته هارين تي قرض رهي ته جيئن نئين فصل لاءِ ڀاڻ، ٻج ۽ دوائون کڻڻ تي پابند رهن. هارين لاءِ ڪنيل قرض مرض ٿي پوندو هو. ٻارهوئي فصلن ۾ ٻارن ۽ ٻچن سميت سردي، گرمي ۽ مينهن واچ جي پرواهه نه ڪندي ڪم ڪار ڪري فصل تيار ڪندا هئا.

فصل لهندو هو ته اَڌُ مُجيري ڪٽي ويندو هو ۽ اَڌُ واپارين کي قرض ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا. هارين وٽ کائڻ لاءِ اَنُ به مشڪل سان بچندو هو. ڪنهن هاريءَ وٽ اَنُ کائڻ لاءِ نه بچندو هو ته گهر جو ڍور ڍڳو وڪڻي خريد ڪري رکندو هو يا ايندڙ فصل تي واپارين کان قرض تي وٺي رکندو هو. هاري ويچارا ڇڻ ڪمائيندا ئي مجيرين ۽ واپارين لاءِ هئا. سندن اولاد لاءِ خواهشون، اميدون ۽ ڏٺل خواب اڌورا رهجي ويندا هئا. فصل ۾ اڪثر هاري ڪپهه، ڪمند، ڪڻڪ، تِرَ، جوئر، ٻاجهري ۽ ڀاڄيون ڪاهيندا هئا.

سيٺ شريف آبادگارن ۽ هارين کان وياج نه وٺندو هو. مناسب اگهه تي دوا، ٻج ۽ ڀاڻ ڏيندو هو. هُو آبادگارن ۽ هارين کان جنس خريد ڪرڻ وقت ڪنتو ٻين



واپارين کان گهٽ هٽندو هو. عام واپاري جنس خريد ڪرڻ وقت مڻ تي ٻه ڪلو ڪنتو هٽندا هئا، ته هُو هڪ ڪلو هٽندو هو. ان احساس پرئي ۽ همدرداڻي سلوڪ سبب آبادگارن ۽ هارين جي ڪٽت گهٽي رهندي هئي تنهنڪري سندس ڪاروبار سٺو هلندو هو. دڪي تي آيلن کي چانهه سان گڏ مانيءَ جو وقت هوندو هو ته ماني به ڪارائي ڇڏيندو هو. سيٺ شريف جي گهران منجهند جي ماني اٺن ڏهن ماڻهن لاءِ ايندي هئي، دڪي تي هڪ سيٺ شريف ۽ هڪ ملازم نالي منور هوندو هو. باقي ماني هارين ۽ آبادگارن کي کارائي ڇڏيندو هو. هن گهڻو مصروف رهڻ ڪري پنهنجي زندگي ڪاروبار تائين محدود ڪري ڇڏي هئي.

سيٺ شريف کي اولاد ۾ ٻه پُٽ هئا، وڏي پٽ جو نالو نذير هو جيڪو اين. اي. ڊي يونيورسٽي ڪراچيءَ مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪري ايريگيشن کاتي ۾ اسسٽنٽ انجنيئر ٿيو. اڳتي هلي پروموشن ملڻ کان پوءِ انجنيئر ٿيو. نذير ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. پنهنجي اولاد جي بهتر تعليم خاطر هن گهر واري ۽ اولاد کي به پاڻ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهايو. اڪثر نذير جو عيدن، خوشين يا غمين جي موقعن تي پنهنجي شهر وڃڻ ٿيندو هو ۽ والدين سان ملاقات ٿيندي هئس.

سيٺ شريف جي ٻئي پٽ جو نالو ساگر هو. ساگر سنڌوءَ جهڙو خوبصورت سنجيده نوجوان هو. جسم ۾ پريل ۽ وچولو قد رکندڙ هو. ڳالهائڻ جو ڪرو ۽ اندر جو پشم جهڙو اُجرو ۽ نرم هو. ساگر پيادل هلڻ کان اڪثرڪيٻائيندو هو. سڏ پنڌ تي به سواري استعمال ڪندو هو. جسماني ورزش نه ڪرڻ سبب هُو پنڌ ڪرڻ کان قاصر هو. اندر جي ادراڪ جو ايترو ته مضبوط هو جو حدف تي پهچڻ لاءِ جبل جي چوٽيءَ تي به چڙهڻ ۾ نه گهٻرائيندو هو. نه ئي دير ڪندو هو. اهڙي خوبيءَ مان هو پاڻ به واقف نه هو. هونءَ به ماڻهو پنهنجي اندر ۾ لڪيل خوبين کان اڻ واقف هوندا آهن.

ساگر سچل سرمست ڊگري ڪاليج سنڌو نگر مان سنڌي سبجيڪٽ ۾ ايم. اي جي ڊگري حاصل ڪئي، هو تعليم دوران ڪاليج ۾ شاگرد سياست جو سرگرم اڳواڻ ٿي رهيو.

هن جيئن ئي ڪاليج مان ڊگري حاصل ڪئي ته هڪ ڏينهن سيٺ شريف کيس چيو ته، ”منهنجي عمر هن وقت سٺ سالن کان مٿي آهي. ڪاروبار ۾ مون سان هٿ ونڊراءِ.“

"جيءُ بابا، پر مون کي نوڪري وٺي ڏيو." ساگر وراڻيس.

"مان نذير کي چوان ٿو جيسيتائين نوڪري ملي تيسيتائين ڪاروبار کي وقت ڏيو." سيٺ شريف چيس.

"بابا مان صبح دڪي تي هليو ويندس." ساگر وراڻيس.

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي ويو منور صفائي ڪري ڇڏي هئي. ڪپهه جي فصل جي مند هئي، ڪپهه تيار هئي، هارين ۽ آبادگارن کي دوا کڻڻ جي ضرورت نه هئي ان ڪري دڪي تي اڄ وڃ گهٽ هئي. ساگر ۽ منور ويٺا رهيا. شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو ته ساگر ڪانئس موڪلائي گهر هليو ويو.

هو اڪثر رات جو دوستن ڏانهن ڪچهري ڪرڻ لاءِ هليو ويندو هو ۽ دير سان گهر ايندو هو.

هڪ ڏينهن پڻس ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چيس، "ساگر بدامني آهي رات جو گهر مهل سان موٽي ايندو ڪر."

"بابا اڳتي دير نه ڪندس." ساگر وراڻيس.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪپهه جو چونڊو شروع ٿيو آبادگار ۽ هاري ڪپهه کڻي دڪي تي ايندا رهيا. ساگر تور ڪرائي رسيدون آبادگارن ۽ هارين کي ڏئي ڪاتي تي چاڙهي ڇڏيندو هو. هن هارين جي ڪپهه تي ڪنٽو هڻڻ ختم ڪري ڇڏيو. هارين جو سود وزن ڪاتي تي لکندو هو هاري خوش ٿي سندس شڪريو ادا ڪرڻ لڳا.

هڪ شام سندس پيءُ دڪي تي آيو. هو تور ڪرائي هارين کي فارغ ڪري ڪاتو ناهيندو رهيو.

سيٺ شريف چيس، "ساگر ڪپهه رکڻ سان سُوس ڪائيندي آهي تون ڪنٽو نه ٿو هڻين!! ڪپهه جو وزن پورو ڪري ڪيئن ڏينداسين اسان کان ڪارخانيدار به ڪنٽو هڻي وٺندا."

"بابا آبادگارن تي هڪ ڪلو مڻ تي ڪنٽو هڻان ٿو پر هاري ويچارن جي ڪپهه تي نٿو هڻان جو هنن جو ڪجهه بچي ئي نه ٿو." ساگر وراڻيس.

هن چيس، "ساگر مون کي توتي فخر آهي جو غريب پرور آهين پر ٻڌ بيا ته واپاري توڙي ڪارخانيدار خراب ڪپهه تي ٽي ڪلو ۽ سٺي ڪپهه تي به ڪلو



ڪنٽو هڻن ٽا مان ته صرف هڪ ڪلو هڻندو هيس، اهو به تو ختم ڪري ڇڏيو آهي."

"بابا پريشان ٿيڻ جي ڳالهه ناهي ڪارخانيدارن کي ڪنٽو هڻڻ مان به نه ڏيندس." ساگر وراڻيس.

"چڱو ڀلا گاڏي ڪپهه جي ٿي وئي آهي سڀاڻي ڪارخاني تي ڏئي اچجان." سيٺ شريف چيس.

"سڀاڻي مان ڏئي ايندس." ساگر وراڻيس.

هُو موڪلائي گهر هليو آيو.

صبح جو تيار ٿي دڪي تي اچي منور کان پڇيائين، "ڪپهه ڇا تي ڪٽائبي؟"

"ٽريڪٽر ٽرالي تي." منور وراڻيس.

"ٽريڪٽر ٽرالي گهرائي اڄ." ساگر چيس.

"ڪاتي جي پهرئين پني تي ڊرائيور جو موبائيل نمبر لکيل آهي، ڪال ڪيوس اچي ويندو." منور وراڻيس.

ساگر ڪاتي جي رجسٽر تي لکيل نمبر هڻي ڊرائيور کي چيو. ڊرائيور ٽريڪٽر ٽرالي ۽ به مزدور وٺي اچي پهتو. منور مزدورن کان ڪپهه ٽرالي تي رکرائي.

هن چيس، "تون ٽريڪٽر ٽرالي ڪاهي ڪارخاني تي هل مان اچان ٿو."

هو گاڏي ڪيڍي ڪارخاني تي ويو. پنهنجي ڪپهه جي تور ڪرائڻ لاءِ ڪارخاني جي دروازي تي آبادگارن ۽ هارين جي رش لڳي پئي هئي هر هاري ڪپهه جو وزن ڪرائي رسيد وٺي ويندو رهيو. هن پنهنجي ڪپهه جو وزن ڪرايو منشيءَ به ڪلو في مڻ تي ڪنٽو هنيو.

هن اعتراض ڪندي پڇيس، "ايترو ڪنٽو ڇو ٽا هڻو؟"

"ڪپهه سُوس ڪائيندي آهي سٺي ڪپهه تي به ڪلو ۽ خراب ڪپهه تي ٽي ڪلو هڻون ٽا." منشيءَ وراڻيس.

"توهان هارين سان زيادتي ڪري رهيا آهيو اها زيادتي ڪرڻ مان نه ڏيندس." ساگر ڪڙڪيدار آواز ۾ چيس.

ڪارخاني اندر ويهارو کن هاري پنهنجي ڪپهه جي تور جي انتظار ۾ بيٺل هئا. هو دروازو بند ڪري هارين کي چئي ڊرٽو هٽي ويهي رهيو. منشيءَ ڪارخاني جي مالڪ سيٺ مهرومل کي وڃي ٻڌايو ته، ”هڪ نوجوان دروازو بند ڪري هارين سان گڏجي ڊرٽو هٽي ويهي رهيو آهي.“

سيٺ مهرومل پڇيس، ”ڇا مسئلو آهي؟“

”نوجوان ڪپهه ٽريڪٽر ٽراليءَ تي ڪٽائي آيو آهي جيڪو پنهنجي ۽ هارين جي ڪپهه تي ڪنتو هڻڻ نٿو ڏئي.“ منشيءَ وراڻيس.

سيٺ مهرومل دروازي تي وڃي ساگر کان پڇيو، ”ڇو ڊرٽو هنيو آهي؟“

”ڪنتو هڻڻ بند ڪيو. اها هارين سان زيادتي آهي.“ ساگر وراڻيس.

”ڪپهه سُوس ڪائيندي آهي ۽ خراب ڪپهه جنهن جو ڳڳرُو ننڍو ٿئي ٿو مشين ۾ پائوڊر ٿي اڏامي وڃي ٿو. اهو نقصان ڪير برداشت ڪندو. توهان ڊرٽو ختم ڪيو.“ سيٺ مهرومل چيس.

”مان ڊرٽو ختم نه ڪندس، جيسيتائين زيادتي بند نه ٿي ٿئي.“ ساگر وراڻيس.

سيٺ مهرومل مجبور ٿي چيس، ”هڪ ڪلو مجموعي طور ڪنتو هڻون ٿا.“

”مان پنهنجي ڪپهه تي ڪلو به هڻڻ نه ڏيندس. ڇو ته هارين کان ڪپهه خريد ڪرڻ تي نه هنيو اٿم.“

”تنهنجي ڪپهه تي نٿا هڻون.“ سيٺ مهرومل چيس.

ڳالهيون ڪامياب ٿيون ساگر ڊرٽو ختم ڪيو. هارين سندس شڪريو ادا ڪيو. هاري وزن ڪرائي هليا ويا. ساگر به رسيد وٺي دڪي تي آيو. شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو.

هن ڪيس رسيد ڏيندي چيس، ”بابا مان پنهنجي ڪپهه تي ڪنتو هڻڻ نه ڏنو ۽ هارين جي ڪپهه تي به ٻه کان ٽي ڪلو مان هڪ ڪلو ڪرائي آيو آهيان.“

”ساگر پٽ هميشه غريبن جو هڏ ڏوکي ٿي رهجان.“ سيٺ شريف وراڻيس.

هو موڪلائي گهر هليو ويو.

ساگر جو بازار ۾ هڪ دوست هو جنهن جو نالو ڪريم هو. هو ميڊيڪل اسٽور هلائيندو هو. رات جو ساگر ساڻس ڪچهريءَ لاءِ ويو.



هن پڇيس، ”توهان گهڻو وقت ڪاروبار ۽ سماجي مسئلن کي ڏيو ٿا سياست کان صفا پري ٿي بيٺا آهيو ڇو؟“

ساگر وراڻيس، ”سياست ۾ ڪجهه وقت هليس، سياسي قيادتن مايوس ڪيو آهي. تنهن ڪري پنهنجو وقت سماجي ڪمن کي ڏيان ٿو اسان جو عوام ڏاڍو ڏکويل ۽ ڏتڙيل آهي. من ڪنهن کي ڪو فائدو ڏياري سگهجي.“

هن اختلاف رکندي چيس، ”وطن ۽ سماج جي مسئلن جو حل سياست وٽ آهي. اوهان سياست سان جڙيل رهو. اها ڳالهه ته صحيح آهي. پر سياست خود بند گهٽيءَ ۾ ڦاسي پئي آهي، ان جون ذميوار سياسي قيادتون آهن. جنهن ڪري سياست ۾ ماٺار لڳي پئي آهي.“

ساگر وراڻيس، ”اها ماٺار اسان کي ئي ٽوڙڻي آهي.“ ڪريم چيس،

”هاڻي هلڻ ڪپي وقت گهڻو ٿي ويو آهي.“ ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

هُو صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو. هاڪر اچي اخبار ڏنس. هو اخبار کولي پڙهڻ لڳو. هاري ڪپهه کڻي آيو ساگر اخبار مان هٿ ڪڍي ڪپهه جي تور ڪرائي هاريءَ کي رسيد ڏئي ڪاتي جو رجسٽر کولي وزن لکي، ٻيهر اخبار کولي پڙهڻ لڳو. منجهند تائين هاري ڪپهه کڻي ايندا رهيا، ساگر تور ڪرائي رسيدون ڏئي ڪاتي تي چاڙهيندو رهيو ۽ اخبار به پڙهندو رهيو. شام ٿيندي ئي جو هارين جي ڪپهه آڻڻ جو سلسلو وڌندو رهيو. سيٺ شريف دڪي تي آيو. ساگر تور ڪرائي هارين کي رسيدون ڏئي ڪاتي تي چاڙهيندو رهيو. هو فارغ ٿي والد کان اجازت وٺي گهر هليو ويو.

رات جو ڪريم ڏانهن ويو ڪريم اسٽور تي موجود هو.

ساگر ٻڌايس، ”نصير اخبار ۾ ڪالم لکي خوفناڪ انڪشاف ڪيو آهي ته پنجاب سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍي ٿو....!! اهو ڪالم مون به پڙهيو آهي.“

ڪريم وراڻيس، ”سنڌ ۾ پاڻيءَ جي اڳواٽ شديد کوٽ آهي. جيڪڏهن ڪئنال ڪڍيا ويا ته سنڌو درياءُ سُڪي ويندو، زراعت ختم ٿي ويندي، رڳو زراعت نه انسان، جانور، وڻ ٽڻ، جيت جڻيا پاڻيءَ کان سواءِ ختم ٿي ويندا.“

ساگر چيس، ”ڳڻتيءَ جوڳيون حالتون نظر اچي رهيون آهن. دراصل ان منصوبي تحت سنڌي قوم کي ختم ڪرڻ لاءِ سازش جوڙي وئي آهي، سنڌو درياءُ هزارين سالن کان سنڌ ڌرتيءَ جي زرخيزي ۽ سرسبزيءَ جي علامت رهيو

آهي. بدقسمتيءَ سان سنڌو درياءَ کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. سنڌو درياءُ سنڌ ڌرتيءَ جو روح آهي جنهن مان نہ رڳو پاڻي وهندو رهي ٿو پر ان سان گڏوگڏ تاريخ، تهذيب، زراعت، سڀيتا ۽ ثقافت بہ جيئندي ۽ وڌندي رهي آهي. جيڪي ڳالهيون ماضيءَ ۾ خُدشا محسوس ٿينديون هيون، اڄ اِهي حقيقتون سامهون اچي رهيون آهن."

ڪريم وراڻيس، "هن زيادتيءَ خلاف قوم پرست تنظيمون ۽ قوم اُٿندي، هن هيڏي ناانصافيءَ کي قوم ڪيئن برداشت ڪندي؟ ماضيءَ ۾ بہ اجتماعي زيادتن ۽ ناانصافين تي قوم اُٿي مزاحمت ڪري رياست جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائيندي رهي آهي، اها وَن يونٽ خلاف تحريڪ هجي يا ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو هجي، جيڪو پنجاب ٺاهي سنڌو درياءَ مان پاڻي پِري لکين ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ چاهي رهيو هو يا تازو ڪارونجهر جبل جي پٿر جي ڪٽائيءَ جو مسئلو هو جيڪو پٿر سون جي برابر آهي. قوم مزاحمت لاءِ اُٿي تہ رياست ۽ حڪومت کي هٿئو پيو. سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ سنڌي قوم جي بقا جو مسئلو آهي."

ساگر چيس، "پاڻ بہ خاموش ٿي گهرن ۾ نہ ويهنداسين، هاڻي وقت ڪافي گذري ويو آهي، مان هلان ٿو." ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

---

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ساگر ڪريم سان ملڻ لاءِ اسٽور تي ويو.

ساگر ٻڌايس، "اڄ قوم پرست اڳواڻ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ واري منصوبي مان پيدا ٿيندڙ نقصانن بابت قوم کي آگاهي ڏيندي هلچل جو اعلان ڪيو آهي ۽ ڪئنالن خلاف تحريڪ هلائڻ جو شيڊيول پڌرو ڪري قوم کي ساٿ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي."

ڪريم وراڻيس، "سمورن قومي سياسي اڳواڻن کي اُٿڻو پوندو. قوم هن نام نهاد منصوبي خلاف سندن ساٿ ڏيندي. سنڌو درياءُ وهندو رهندو تہ اسان بہ جيئندا رهنداسين."

ساگر چيس، "دنيا ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي. طاقتور ملڪ ۽ قومون پاڻيءَ تي قبضو ڪرڻ لاءِ رٿابنديون ڪري رهيون آهن. ڏاهن



اڳ ٻڌايو هو تہ ايڪويهين صديءَ ۾ پاڻيءَ تي جنگيون لڳنديون. جيئن ويهين صديءَ ۾ تيل تي لڳيون هيون ۽ ڪروڙين انسان اَجل جو شڪار ٿي ويا هئا. جنگين کان پوءِ سائنس تيل جو متبادل ڳولهي لڌو اڄ مختلف گئسن تي صنعتون ۽ گاڏيون هلن ٿيون پيون، پر پاڻيءَ جو متبادل دنيا ۾ ناممڪن آهي.

ڪريم وراڻيس، "پنجاب جو سنڌ سان پاڻيءَ تي تڪرار 1859ع کان پراڻو آهي. پنجاب ستلج، جهلم، بياس، چناب ۽ راويءَ تي پنهنجو اختيار سمجهي واهہ تعمير ڪندو رهيو آهي. پڇڙيءَ ۾ هئڻ ڪري سنڌ کي واجب حصي کان سدائين گهٽ پاڻي ملندو رهي ٿو."

ساگر ڪريم کان موڪلائي گهر آيو.

---

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو آبادگار ۽ هاري حساب ڪرائڻ لاءِ ايندا رهيس. هڪ هاري نالي خُدن آيس، جنهن هٿ ملائي چيس، "سيٺ منهنجو حساب ڪيو."

ساگر رجسٽر ڪڍي کاتو کولي حساب ڪري ٻڌايُس تہ "خدن تو تي اجا ويهہ هزار قرض رهي ٿو."

خُدن مٿي تي هٿ رکي خاموش ٿي، سوچ ۾ گم ٿي ويهي رهيو. سندس اکيون لُڙڪن سان پرجي آيون. ضعيف اکين مان سنڌوءَ جو ميرانجهڙو پاڻي ڳوڙها بڻجي ٽِمي پيو. ساگر جي نظر خُدن جي مُرجهايل چهري تي پئي، ساگر لکڻ ڇڏي قلم چپن ۾ وجهي ويهي رهيو.

هن پاڻ کي سنڀاليندي چيس، "خدن رهيل قرض ايندڙ فصل تي ڏجانءِ نئين فصل لاءِ پاڻ، ٻج ۽ دوائون ڪڍي وڃ."

خدن خشڪ نڙيءَ مان زوريءَ لفظ ڪڍيا، "اها تہ توهان جي مهرباني ائين چئي هو خاموش ٿي ويو."

ساگر پڇيس، "چاچا خدن ٻيو حڪم ڪر توکي ڇا کپي؟"

خدن ڏکايل لهجي ۾ وراڻيس، "سيٺ نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻي آهي گهوٽيتا تاريخ وٺڻ لاءِ زور پِري ويٺا آهن. فصل لهڻ تائين انتظار ڪرائيندو رهيو آهيان. هفتو اڳ ۾ اچي چيائون تہ فصل لهڻ تي آهي تاريخ ڏي تيسين اسان بہ تياري

ڪيون. مان ڪجھ ڏينهن جي مهلت گهري فصل لهڻ جي خبر پوي گھٽو ٿو ٻچي، هو ويندي ويندي ڌمڪي ڏيندا ويا تہ جيڪڏهن هن دفعي تاريخ نہ ڏنئي تہ اسان چوڪر کي ڪنهن ٻئي هنڌان پرٽائي ڇڏيندا سين. چوڪرو انتظار نہ ٿو ڪري سگهي. مان نياڻيءَ وارو پريشان آهيان هڪ رشتو ملي نہ ٿو جيڪڏهن مليو آهي ۽ اهو ٽٽي ويو تہ تڪليف ايندي. گهر واريءَ کي چا ٻڌائيندس ۽ نياڻيءَ تي ڪهڙو اثر پوندو." اهو ٻُڌي ساگر ٻيهر خاموش ٿي ويو.

ايتري ۾ ٻيو هاري جمن آيس . چوڻ لڳو "سيٺ منهنجو حساب ڪيو."

ساگر جمن جو کاتو کولي حساب ڪرڻ لڳو. خدن وڃڻ لاءِ اُٿيو تہ ساگر چيس، "خدن ويھ."

خدن ويهي رهيو. ساگر حساب ڪري ٻڌايس، "جمن تنهنجا ٽيھ هزار بچن ٿا."

"سيٺ پئسا ڏيو" جمن وراڻيس.

"جمن نئين فصل لاءِ پاڻ دوا ۽ ٻج نہ ڪٽندي چا؟" ساگر پڇيس.

جمن چيس، "سيٺ ٻيو اسان جو ڪهڙو سهارو آهي توهان کان ئي ڪٽندا سين گهر واري بيمار آهي ان جي دوا ڪرايان." جمن ڏڪارو ٿي وراڻيس.

"تنهنجي گهر واريءَ کي ڪهڙي تڪليف آهي. ساگر احساس پري پڇيس.

"سيٺ سائي ٿي پئي آٿس." جمن مايوسيءَ ۾ وراڻيس.

ساگر افسوس جو اظهار ڪندي جمن کي پئسا ڏنا هو موڪلائي هليو ويو.

ساگر خُدن کان پڇيو، "توکي نياڻيءَ جي ڏاج لاءِ گهڻا پئسا کپن؟"

"سيٺ اسان غريب ڪهڙو نياڻين کي سون ٺهرائي ڏيندا آهيون بس ٻہ ٽي جوڙا ڪپڙن جا هجن." خدن بيوسيءَ ۾ وراڻيس.

ساگر پنجاھ هزار ڏيندي پڇيس، "خدن پئسا ڪافي آهن؟"

"سيٺ مهرباني گهڻا آهن." خدن وراڻيس.

"خدن پاڻ ٻج ڪٽي وڃجانءِ پوءِ پيا حساب ڪندا سين." ساگر چيس.

"مهرباني سيٺ هاڻي مان هلان ٿو."

خدن موڪلائي گهر هليو ويو.

هُو گهر پهتو تہ زال حسرت مان پڇيس، "حساب ڪرائي آيو آهين؟"

"حساب ۾ قرضي ٿي آيو آهيان." خدن ڏڪارو ٿي وراڻيس.



"پوءِ....؟" زال ٿڌڙي آھ ڀري.

"سيٺ شريف جو نوجوان پُٽ دڪي تي ويهندو آهي. ان کي حوال ڏنم جنهن پنجاھ هزار روڪ ڏنا آهن." خدن وراڻيس.

"فصل لاءِ پاڻ ٻج ۽ دوا بہ ڏيندو؟" مومل ڏڪاري لهجي ۾ پڇيس.

وراڻيائين، "ها ڏيندو."

ايتري ۾ حُسين بخش آيو. خدن هٿ ملائي ويهڻ لاءِ چيس،

حُسين بخش چيس، "خدن تاريخ وٺڻ آيو آهيان."

"ادا حُسين بخش ڪهڙي بہ تاريخ مقرر ڪري اسان کي ٻڌائجو." خدن وراڻيس.

حُسين بخش وڃڻ جي ڪئي تہ خدن چيس، "چانھ پيئي پوءِ وڃو."

هن مومل کي چيو، "چانھ ٺاهي اچ."

ڪجھ ئي دير ۾ مومل چانھ ٺاهي کڻي آئي، حسين بخش چانھ پيئي موڪلائي گهر هليو ويو.

شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو ساگر والد کي خدن جو احوال ڏنو.

سيٺ شريف چيس، "ساگر پُٽ فصلن تي خرچ ٻيڻا ٽيندا پيا وڃن. حڪومت جنس جو اگھ وڌائي نٿي، هر هاري مسئلن جي ڏُٻڻ ۾ ڦاٿل آهي. اسان هارين سان ڪيترو ساٿ ڏيندا رهندا سين؟"

"خدن تي احساس اچي ويو پاڻ کي جيترو ٿي سگهي اوترو هارين جو ساٿ ڏيون." ساگر وراڻيس.

"اهو تہ ٺيڪ آهي پر پنهنجا بہ تہ خرچ آهن نہ!" سيٺ شريف چيس.

"هاڻي توهان پلي هلو."

ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

رات جو ساگر ڪريم سان ملڻ لاءِ ويو.

ڪريم چيس، "ساگر هل تہ هوٽل تي هلي ٻاهرين هوا کائي ذهن کي تازگي وٺرائي اچئون."

"اسٽور تي ڪير ويهندو؟" ساگر پڇيس.

ڪريم چيس، "نثار آيو آهي، سامهون ويٺو آهي ان کي ويهاريان ٿو."

هو اسٽور مان اُٿي ٻاهر نڪتا ساگر نثار سان هٿ ملائي خير خيريت معلوم ڪئي.

ڪريم چيس، ”اسان اچون ٿا توهان اسٽور تي ويهو.“

هو گاڏيءَ ۾ ويهي شهر جي مهراڻ ريسٽورنٽ تي وڃي ويٺا. ويٽر پاڻي کڻي اڳيان رکندي پڇيُن، ”صاحب ڇا کائيندا؟“

ڪريم چانهه کڻي اچڻ لاءِ چيس.

ويٽر چانهه کڻڻ لاءِ ويو.

ڪريم پڇيس، ”ساگر فصل ڪيئن لٿو آهي؟“

ساگر وراڻيس، ”پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري، سوڪهڙو پيدا ٿيو آهي. فصل جي اُپت گهٽ لٿي آهي. هاري ڏُکين حالتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن.“

ڪريم ٻڌايس، ”پُڇڙيءَ ڏي پاڻيءَ جي کوٽ اَجان گهٽي آهي. سنڌو درياءَ جو ڊيلٽا ختم ٿي ويو آهي. سنڌوءَ جو گهربل پاڻي سمنڊ تائين نه پهچڻ ڪري تمر جا ٻيلا ۽ سامونڊي پٽي ٻيواهه عورت جي ڇاتيءَ وانگر سُڪي وئي آهي. سمنڊ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. تمر جي ٻيلن ۽ ڊيلٽائي جيوت کي گهڻو نقصان رسي رهيو آهي. هڪ تعلقو کارو ڇاڻ مڪمل تباهه ٿي ويو آهي. ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري هليا ويا آهن. علائقا خالي ۽ ويران ٿي ويا آهن. سنڌو درياءَ تي ڇهه ڪئنال نڪرڻ کان پوءِ سڄي سنڌ جو حشر کارو ڇاڻ جهڙو ٿيندو.“

ساگر وراڻيس، ”سنڌ ۾ هاريءَ جو سفر ڏکوئيندڙ رهيو آهي. سنڌ جا لکين هاري موت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهن. سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ نيم سرمائيداري نظام هيٺ ڪري، هارين جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وڃي ٿي. لکين هاري ڪٽنب روزگار، تعليم، علاج، صاف پاڻي، گئس، بجلي، روڊ ۽ ٻين بنيادي حقن کان محروم آهن. ڪيترائي هاري ٻُک کان شڪست کائي آپگهات ڪري رهيا آهن. جديد دور ۾ جبري پورهئي جي شڪل موجود آهي. هر باشعور سنڌي پنهنجي پنهنجي ذميواريءَ سان هن ڏُتڙيل ۽ محڪوم طبقي کي فائدو ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪري.“

ڪريم ٻڌايس، ”حڪومت گرين انقلاب جو نعرو متعارف ڪرايو آهي، جنهن ۾ عسڪري قوتون ۽ وڏا جاگيردار شامل هوندا. هارين ۽ پورهيتن جي شموليت نه رهندي، گرين منصوبي ۾ فوج، پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردارن جي



ڳٺ جوڙ آهي. اهو گرين انقلاب فوجي قوتن جي قبضي ڪيل زمينن کي آباد ڪرڻ جو منصوبو آهي. اهڙين حالتن ۾ هتان جو هاري ۽ پورهيت مجبور ۽ لاچار آهي.

ساگر وراڻيس، ”ڪريم! سنڌ جي اڪثريتي آباديءَ جو ڪاروهنوار زرعي معشيت سان لاڳاپيل آهي اهو طئي آهي ته سنڌ جي معاشي ترقيءَ ۾ زرعي شعبي جو وڏو ڪردار آهي. حقيقي زرعي پوکيءَ کي نظرانداز ڪري هتي غير ملڪي ڪارپوريٽ سيڪٽر کي هٿي ڏني وڃي ٿي، جيڪو عمل زرعي سماج سان لاڳاپيل هارين لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي چڪو آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ اڃان وڏيڪ نقصان ڪار ثابت ٿيندو. هاري جهڙي حالتن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن، انهن جو حڪمرانن تي ڪوبه اثر نٿو پوي. پوري سنڌ ۾ هارين جي مسئلي تي تحريڪون هلنديون رهيون آهن. پر اڄ به هارين جون حالتون ساڳيون آهن.“

ڪريم ٻڌايس، ”ماضيءَ ۾ هارين جو استحصال مقامي جاگيردار حڪومتن جي ساٿ سان ڪندا رهيا آهن. پر هاڻ ته ٻين ملڪن جي ڪمپنين کي فارمنگ لاءِ زمينون ڏنيون پيون وڃن، جيڪي پنهنجي ليبر ڪٿان به آڻي سگهن ٿا ۽ مقامي هاريءَ کي مزدوري به ڪانه ملندي. حڪمران ان عمل کي جديد ترقيءَ سان ڀيٽيندي ’گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو‘ جو نالو ڏئي رهيا آهن، ان منصوبي کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي.“

ساگر چيس، ”اڄ ڪچهري گهٽي ٿي وئي آهي. ٻاڻ کي هلڻ گهرجي.“

ڪريم ويٽر کي پئسا ڏنا، هو گاڏيءَ ۾ ويهي واپس ٿي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا.

هُو صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو. هاري ڪپهه کڻي ايندا رهيس. ساگر ڪپهه جي تور ڪرائي رسيدون ڏئي کاتي تي چاڙهيندو رهيو. حساب ڪرائيندڙ آبادگارن ۽ هارين جي سڄو ڏينهن رش رهي. شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

ساگر رات جو ڪريم ڏانهن ويو. ڪيس ٻڌايائينس ته ”اڄ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڻ خلاف جدوجهد جو اعلان ڪندي، احتجاجن جو شيڊيول جاري ڪيو آهي. اياز لطيف

پليجو سنڌ جي ڏاهي رسول بخش پليجو جو پُٽ آهي، جنهن پنهنجي پُٽ جو نالو سنڌ جي عظيم شاعرن شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جي نالن جي سنگم سان رکيو آهي، رسول بخش پليجي سڄي ڄمار سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ۾ گذاري.

ڪريم وراڻيس، ”اسان هڪ عظيم درياءَ جا وارث آهيون. جنهن درياءَ جي شاندار تهذيب ۽ تمدن جي پيٽ ۾ پيدا ٿيا آهيون. جنهن درياءَ جون موجون، ڀٽائيءَ جا بيت ۽ لهرون اياز جا گيت آهن. جيڪي اسان جي دلين جي ڌڙڪندا آهن اها سنڌو پرڳڻيءَ تي سيني ندين کان اڳاٽي آهي، سڀ نديون ان مان ڦاٽي پرينڌڙ ٻانهيون آهن. سنڌو جڏهن ساٽيهه ڏانهن گجگوڙ ڪري ڊوڙندي آهي ته آسمان ڏڪي ويندو آهي، اها سنڌو ندي جيڪا علم ۽ فن جي ديوي آهي، موهن جي دڙي جا دراوڙان جي لهرن اڳيان سيس نوائيندا هئا. اڄ اها هراسيل ۽ ڏکايل آهي.“ ساگر جوش ۾ ايندي چيس، ”ڪريم! سنڌوءَ جي لهرن کي تلوارون ٺاهي دشمنن جا ڪنڌ ڪپينداسين.“

ڪريم وراڻيس، ”ساگر سنڌوءَ جي تعريف سان آسيس ملي رهي آهي ۽ اُتساهه پيدا ٿئي ٿو. اهو سنڌو درياءُ اسان جي پناهه آهي ان ڪري اسان توَنگر آهيون هيءَ راوي، هي ستلج، جهلم سنڌوءَ جي قدمن تان قربان. هن جو وجود سراپا ساوَڪ ۽ سُرهاڻ آهي، اهو ئي مهراڻ آهي، اها ئي سُرهاڻ آهي. دشمن سنڌوءَ جو رُخ ڦيرائڻ ۽ ڦِٽائڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن، هنن جا ارادا خاڪ ۾ ملائي ڇڏينداسين.

ساگر چيس، ”ڪريم هاڻي هلڻ کپي.“

ساگر کائنس موڪلائي گهر آيو.

---

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو هاري ۽ آبادگار حساب ڪرائڻ ۽ نئين فصل لاءِ ڀاڻ، ٻج ۽ دوائون کڻڻ لاءِ ايندا رهيس.

هڪ هاري حاڪم آيس، هٿ ملائي چيائين، ”سيٺ ڪٽڪ لاءِ ٻج ۽ گندگاهه لاءِ دوا کپي.“

”گهڻو ٻج ۽ دوا کپي؟“ ساگر پڇيس.

”ٻه ڪٿا ٻج جا ۽ چار ليٽر دوا کپي.“ حاڪم وراڻيس.



ساگر منور کي چيو ”ٻج ۽ دوا ڏيوس.“ پاڻ رجسٽر کولي کاتي ۾ لکي ڇڏيائين.

حاڪم چيس، ”سيٺ ڇهه هزار تيل لاءِ ٻه کپن ڊگڊگو هلائيندس پاڻيءَ جي کوٽ آهي.“

”اڃان ٻه ڏينهن ٿيا آهن حساب ڪري پئسا کڻي ويو آهين وري روڪ رقم گهرين ٿو؟“ ساگر چيس.

”سيٺ فصل تي کنيل گهر جي سودي جو قرض دڪاندار جو لاٿو ۽ اسڪول ۾ اولاد جي فيس ڏنم.“ حاڪم لاچاريءَ ۾ وراڻيس.

ساگر ڇهه هزار حاڪم کي ڏئي کاتي ۾ لکيا حاڪم پئسا وٺي هليو ويو. ٿوري دير ۾ خدن آيس.

ساگر پڇيس، ”خدن ڪيئن آيو آهين؟“ سيٺ سڀاڻي شام جو منهنجي نياڻيءَ جو ڪنواريتو آهي، توهان کي سڏ ڏيڻ آيو آهيان. سيٺ وڏي کي به وٺي اچجو.“ خدن وراڻيس.

”خدن پروگرام وڏو ڪرين ٿو ڇا؟“ ساگر پڇيس.

”نه سيٺ پاڙي جا ماڻهو ناني ماسي ۽ ٻيو توهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان.“ خدن وراڻيس.

”اسان ضرور ايندا سين ساگر چيو.“ خدن موڪلائي هليو ويو.

شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو.

ساگر چيس،” بابا خدن هاري ڪنواريتو ٻُڌائي ويو آهي.“

”ساگر تون سڏ پري اچجان. ٻه جوڙا ڪپڙن جا ۽ هڪ سينڊل وٺي ويجان.“ سيٺ شريف وراڻيس.

ساگر گهر وڃڻ لاءِ دڪي کان ٻاهر نڪتو ڏسي ته اوڀر طرف کان ڪارا ڪڪر ڳَر ڪنيو تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. تيز ۽ ٿڌڙي هوا لڳڻ شروع ٿي وئي. جنهن ۾ مينهن جي مَهڪ هئي.

ساگر واپس وڃي سيٺ شريف کي چيو ”بابا مينهن چڙهي رهيو آهي اُٿو ته پاڻ گهر هلون.“

سيٺ شريف پڇيس، ”موسميات کاتي وارن ٻڌايو هو ڇا؟“

ساگر وراڻيس، ”ها بابا.“

سيٺ شريف منور کي چيو "پاڻ ٻئي دڪو بند ڪري گهر وڃ. اسان هلون ٿا."

ساگر ۽ سيٺ شريف تکا تکا قدم کڻي گهر هليا ويا، مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. سڄي رات وسندو رهيو. موسمن جي تبديليءَ جي ڪري برسات اندازي کان گهڻي پئي.

صبح جو هو تيار ٿي دڪي لاءِ نڪتو بازار مينهن ۽ نالن جي پاڻيءَ جي اُٿڻ سان ٻڏي پئي هئي. ساگر موبائيل ڪيڏي لائيوِ هلائي ٿائون انتظاميا مٿان پاڻيءَ جي نيڪالي لاءِ زور ڀريو. ٿوري دير ۾ صفائيءَ وارو عملو وڃي پهتو. پاڻي ڪيڻ ۽ ناليون صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ساگر ٻه ٻينو رهيو جيسيتائين بازار مان پاڻي نه نڪتو.

هو پاڻي ڪيرائي دڪي تي آيو. دڪي تي مينهن پوڻ ڪري هارين جو اچڻ نه ٿيو.

شام جو سيٺ شريف دڪي تي اچي ساگر کي چيو "خدن جو سڏ پري اچج."

هو بازار مان ٻه جوڙا ڪپڙن جا ۽ هڪ سينڊل وٺي گاڏي ڪيڏي هليو ويو. ڳوٺ سائين ڏنو شهر کان ست ڪلوميٽر پري هو. ساگر وڃي پهتو. خدن جي ڪکائين اوطاق هئي، جنهن کي ڊينگهرن سان لوڙهو ڏنل هو. اوطاق ۾ ٽي کٽون پيل هيون، جن تي سيرانديءَ کان وهاڻا ۽ پيرانديءَ کان رليون رکيل هيون. پاڙي جا پنج همراه اڳ ئي ٻن کٽن تي ويٺل هئا. ساگر گاڏيءَ مان لٿو ته خدن اڳتي وڌي مليس ۽ کيس اوطاق ۾ وٺي آيو. ڳوٺاڻن اُٿي ساگر سان هٿ ملايو.

ساگر هڪ کٽ تي ويٺو. ساگر چيس خدن گاڏيءَ جو دروازو کليل آهي ان ۾ سامان پيو آهي، اهو گهر کڻي وڃ. خدن گاڏيءَ جو دروازو کولي سامان کڻي گهر هليو ويو.

خدن ماني کڻي اچي ساگر جي اڳيان رکي، مرغيءَ جي ڀاڄي ۽ چانورن جو پلاءُ ٺهيل هو. ساگر ڳوٺاڻن کي ماني کائڻ جي صلاح ڪئي. هڪ ڳوٺاڻي شمن وراڻيس، "سيٺ اسان هاڻي ماني کائي ويٺا آهيون توهان کائو."

ساگر ماني کائي ڳوٺاڻن سان ڪچهري ڪندي چيُن ته "پنجاب وفاقي حڪومت جي آشيرواد سان سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. اسان وٽ اڳ ۾ئي پاڻيءَ جي کوٽ آهي، فصل سُٺا نٿا لهن، ڪئنال ٺهڻ کان پوءِ اسان جي زمين ۽ زراعت تباهه ٿي ويندي، اسان کي پيئڻ لاءِ به پاڻي نه ملندو."

شمن وراڻيس، "سيٺ اها ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي. ڳوٺ جا نوجوان به ٻڌائن ٿا...هاڻي ڇا ٿيندو؟"



ساگر چيس، "سڄي سنڌ ۾احتجاج ٿين پيا. اوهان احتجاجن ۾ شريڪ ٿيو ۽ سڏ ۾ سڏ ڏيو. ڪئنال ٺهڻ نه ڏينداسين. سنڌو اسان جي بقا جو مسئلو آهي."

شمن وراڻيس، "ها سيٺ احتجاجن ۾ شامل ٿيڻو پوندو نه ته ٻُک مري ويندا سين."

ساگر چيس، "خدن مان هلان ٿو."

خدن وراڻيس، "سيٺ اوهان جي مهرباني جو مون غريب وٽ ڪهي آيا آهيو."

ساگر خدن ۽ ڳوٺاڻن کان موڪلائي گهر اچي آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

صبح جو تيار ٿي دڪي تي ويو ٿوري دير کان پوءِ هڪ ڳوٺاڻو آيس.

ساگر پڇيس، "ڪيئن آيو آهين؟"

نبن وراڻيس، "سيٺ اسان جي ڳوٺ جو روڊ ٺيڪيدار ٻه مهينا اڳ ٺاهيو هو. ان روڊ تان ڪارپيٽ واريءَ جي صورت ۾ اُڏري رهيو آهي. ٺيڪيدار ايڏي وڏي زيادتي ڪري ويو آهي ڪو پڇڻ وارو ناهي."

ساگر پڇيس، "ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟"

نبن وراڻيس، "سيٺ ڳوٺ جو نالو حبدار آهي."

ساگر پڇيس، "ٺيڪيدار جو نالو ڇا آهي؟"

جمن وراڻيس، "حاجي ڪليم الله نالو اٿس."

ساگر چيس، "نبن توهان هلو شام مان ڇهين بجي تنهنجي ڳوٺ ايندس ڪجهه ڳوٺاڻا گڏ ڪجان."

"چڱو سيٺ، مان هاڻي هلان ٿو." نبن وراڻيس ۽ نبن موڪلائي هليو ويو.

شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو. هو ڪائنس موڪلائي گاڏي ڪيڏي ڳوٺ حبدار هليو ويو. نبن ڳوٺ جا ماڻهو گڏ ڪري انتظار ۾ ويٺو هو. ساگر ڳوٺاڻن سان ملي موبائيل ڪيڏي لائيوِ هلائي ڳوٺاڻن جو احتجاج ۽ روڊ تان ٻُڪ ۾ ڪارپيٽ کڻي ڏيکاريندي واسطيدار اداري ۽ ٺيڪيدار کان مطالبو ڪيائين ته روڊ جو ٻيهر ڪم ڪرايو وڃي ۽ هن زيادتيءَ جو تدارڪ ڪري ڳوٺاڻن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي. احتجاج ختم ڪري هو ڪائن موڪلائي گهر هليو ويو. لائيوِ هلائڻ کان پوءِ ٻڙڌڪ مچي ويو.

صبح جو هو تيار ٿِي دڪي تي ويو. هڪ شخص ساگر وٽ آيو.

هن هٿ ملائي ويهاري پڇيس، "احوال ڏيو ڪيئن آيا آهيو؟"

همراهه وراڻيس، ”منهنجو نالو حاجي ڪليم الله آهي. ڪالهه توهان لائيٖو آيا هئا. اها لائيٖو ڊليٽ ڪيو جيترا پئسا چئو مان توهان کي ڏيان.“

ساگر چيس، ”حاجي صاحب اهو ڪم مان نہ ڪندو آهيان مهرباني ڪري ڳوناڻن کي روڊ جو ڪم ٻيهر ۾ سُنو ڪرائي ڏيو.“

”ٻيهر ڪافي خرچ ايندو پئسا ختم ٿي ويا آهن، توهان چئو تہ توهان کي پئسا ڏيان.“ حاجي ڪليم الله وراڻيس.

ساگر ناراض ٿيندي چيس، ”حاجي صاحب توهان کي هڪ ڀيرو چيم نہ اهو ڪم مان نہ ڪندو آهيان ڳوناڻن کي ڪم نہ ڪرائي ڏنوَ تہ توهان جي خلاف احتجاج جو دائرو وڌائيندس.“

حاجي ڪليم الله دٻاءَ ۾ اچي چيو ”مان روڊ جو ٻيهر ڪم ڪرايان ٿو مون کي هڪ هفتي جي مهلت ڏيو.“

”مان توهان کي هڪ هفتي جي مهلت ڏيان ٿو.“ ساگر چيس.

حاجي ڪليم الله موڪلائي گهر هليو ويو.

شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو ساگر ڪائنس موڪلائي گهر ويو.

---

ساگر رات جو ڪريم سان ملڻ لاءِ ويو.

ڪريم پڇيس، ”توهان ٻن ٽن ڏينهن کان نہ آيا آهيو؟“

ساگر وراڻيس، ”ڪجهہ ڪم هئا ان ڪري نہ اچي سگهيس.“

ساگر ٻڌايس، ”اڄ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي صدر سائين زين شاهہ سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪندي شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي.“

”جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض علي چانڊيو بہ ڪئنالن خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي.“

ڪريم چيس، ”سيد زين شاهہ سائين جي ايم سيد جو پوٽو ۽ سيد امداد محمد شاهہ جو پٽ آهي. سائين جي ايم سيد سنڌي قوم جو رهبر آهي، جنهن سنڌين کي هڪ قوم هئڻ جو نظريو ڏنو. سنڌ جي حقيقي خوشحالي آزاديءَ ۾ ڏسندي سنڌوديش جو نعرو هنيو. سائين جي ايم سيد جو پٽ سيد امداد محمد



شاهہ سنڌ دوست هو. سنڌي قوم جي خوشحاليءَ لاءِ سڄي حياتي جدوجهد ڪيائين.

رياض علي چانڊيو بہ سائين جي ايم سيد جي فڪر سان سلهاڙيل قوم پرست اڳواڻ آهي، سيد زين شاهہ ۽ رياض علي چانڊيو الڳ الڳ تنظيمون ٺاهي سياست ڪري رهيا آهن. سائين جي ايم سيد پنجاب کي سامراج سڏيندو هو جيڪو سنڌ جا حق ڦٻائيندو رهيو آهي، هينئر بہ سنڌو درياءَ تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. سائين جي ايم سيد جيئي سنڌ تحريڪ جو بنياد رکيو. جيئي سنڌ تحريڪ جي ٻڙ جهڙي ڇانوَ ڏيندڙ وڻ جون لامون ڪٽي قلم هنيا ويا. انهن قلمن مان ڪي ڪمزور ٻوٽا تہ ڪن وڻ ٿي ميوا جهليا، انهن ميون کي پچڻ کان اڳ ئي ٻي سورهي سهي پاڻ پٽي ڪائي ويا.“

ساگر وراڻيس، ”سنڌي ماڻهو کير ۾ پاڻي وڪرو ڪرڻ عيب سمجهندا آهن. ملڪ ٺهڻ کان پوءِ پنجاب تہ پنهنجون ٽي نديون انڊيا کي وڪڻي ڏنيون ۽ سنڌو درياءَ تي تربيلا ڊيم ٺاهي پنهنجي زمينن کي آباد ڪرڻ لڳو آهي، پاڻيءَ جي چوريءَ سبب پنجاب سنڌ کي ملندڙ پاڻيءَ جا انگ اکر لڪائيندو رهيو آهي. حقيقت اها آهي تہ گڏيل هندستان ۾ انگريزن جي حڪومت دوران سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻي تڪرار تي قائم ڪيل ڪميشن 1940ع ۾ پاڻيءَ جي عالمي سطح جي قانونن موجب فيصلو ٻڌايو هو تہ سنڌو درياءَ مڪمل طور تي سنڌ جو آهي ان تي ڪو بہ منصوبو سنڌ جي رضامنديءَ کان سواءِ نہ اڏيو ويندو. ان سان گڏوگڏ پنجاب ۾ موجود ٻين ندين تي جيڪي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون ان تي بہ ڪو منصوبو سنڌ جي مرضيءَ کان سواءِ نہ اڏيو ويندو ڇو تہ انهن ندين جي ويهہ سيڪڙو پاڻيءَ تي سنڌ جو حق آهي، پنجاب ان وقت خاموش رهيو. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد پنجاب انهيءَ قانون جي لتاڙ ڪئي ۽ مسلمان ڀاءُ واري نعري جي حيثيت سان نہ رڳو پنهنجون نديون وڪڻيون پر سنڌو درياءَ تي ڪيترائي ڊيم، ڪئنال ۽ بئراجن جوڙڻ سميت غير قانوني طور مختلف طريقن سان پاڻي چورائڻ لڳو آهي، جنهن ڪري عوامي سطح تي هڪ ڀيرو ٻيهر 1991ع ۾ پاڻيءَ جو ٺاهہ آندو ويو. جيڪو سنڌ لاءِ لولي پاپ ثابت ٿيو آهي. 1991ع واري پاڻيءَ ٺاهہ موجب سنڌو درياءَ جي ڇوڙ وارن علائقن لاءِ ڏهہ لک ايڪڙ فوٽ پاڻي رکيو ويو هو آبپاشيءَ سان لاڳاپيل ادارن طرفان ڇوڙ تائين 8.6 ملين ايڪڙ فُٽ ساليانو

سراسري وهڪري جي ضرورت تي زور ڀريل آهي ۽ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ روزانو پنج هزار ڪيوسڪ پاڻي وڃڻ گهرجي. پنجن سالن ۾ هڪ وڏو پاڻيءَ جو ريلو پنجويهہ ملين ايڪڙ فُوٽ وهڪرو ضروري آهي جنهن وسيلي دريائي وهڪرو پاڻ سان لٽ ڪٽي سمنڊ اڳيان بند ٻڌڻ جو ڪم ڪندو ۽ سمنڊ زمين ڳڙڪائي نہ سگهندو پر ظلم هيءُ آهي تہ 8.6 بدران 3.4 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جو وهڪرو ٿئي ٿو ڪڏهن ڪڏهن تہ زيرو بہ رهي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ ڊيلٽا وارو علائقو تباهہ ٿي ويو آهي."

"ڪريم احتجاجن جو سلسلو تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، هينئر سنڌ سمورين ٽيل زيادتن جو حساب وٺڻ جي ارادي ۾ نظر اچي رهي آهي، قومپرستن گهر گهر وڃي ڪئنال مسئلي تي سجاڳي پيدا ڪئي آهي."

ٿوري دير ماٺ رهي ساگر ٻيهر ڳالهائڻ لڳو "سڀاڻي دوست اچن ٿا نارو گهمڻ لاءِ توهان بہ هلجو."

"دوست ڪير آهن؟" ڪريم پڇيس.

"ڪراچيءَ جا بہ سنڌي جج آهن انهن سان بہ دوست گڏ هوندا. هتان جي بہ ٻن ٽئن دوستن کي بہ چيو اٿم. سير يادگار رهندو. توهان ضروري هلجو." ساگر وراڻيس.

"سڀاڻي ڪهڙي وقت هلبو؟" ڪريم پڇيس.

"يارهين بجي هلنداسين." ساگر وراڻيس.

ڪريم پڇيس، "واپسي ڪهڙي وقت ٿيندي؟"

ساگر وراڻيس، "رات رهڻ جو بندوبست ڪرايو آهي."

"جن دوستن وٽ رات رهڻ جو پروگرام آهي اهي ڪير آهن؟" ڪريم پڇيس.

ساگر وراڻيس، "فقير خادم حسين ۽ فقير عاشق حسين پائر آهن ۽ ناري تعلقي جون مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيتون آهن. پاڻ سورهيہ بادشاهہ پير صاحب پاڳاري جا مريد آهن، جن کي حُر بہ سڏيو ويندو آهي. سورهيہ بادشاهہ انگريزن جي بادشاهيءَ خلاف گوريلا ويڙهہ وڙهي هئي، پاڻ ان ويڙهہ ۾ شهادت ماڻي امر ٿي ويا. سورهيہ بادشاهہ جي شهادت کان پوءِ حُر گوريلن ويڙهہ کي تيز ڪري انگريز سرڪار کي سنڌ وطن مان ڀڄائي ڪڍيو هو."



"فقير پائرن جا جهنگل ۾ منگل لڳا پيا آهن. ناري جي صحرائي علائقي ۾ عاليشان محل ۽ بينڪون ٺهيل آهن. مهمان نوازي ۾ مشهور آهن. فقير خادم حسين ڪکائين جهوپڙي کان مهمان نوازي شروع ڪئي هئي جيڪا محلن تائين جاري آهي. پوري ملڪ مان ماڻهو نارو گهمڻ ايندا آهن. انهن سمورن سياحن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست فقير پائرن وٽ هوندو آهي."

نارو تعلقو آهي جيڪو ضلعي خيرپور جي اڀرندي پاسي آهي. جيڪو صحرائي ۽ زرعي آباديءَ وارو علائقو آهي، جنهن مان ڪافي مقدار ۾ گئس نڪري رهي آهي.

ڪريم وراڻيس، "ضرور هلبو."

ساگر چيس، "هاڻي مان هلان ٿو."

هو موڪلائي گهر هليو ويو.

---

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو. لڳ ڀڳ يارهين وڳين مهمان بہ پهچڻ شروع ٿي ويا، هن ڪريم کي ڪال ڪري مهمان جي اچڻ جو ٻڌايو ۽ جلدي اچڻ جو چيائين. ڪريم نثار کي اسٽور تي ويهاري دڪي تي هليو ويو. هن مهمانن جو ڪريم سان تعارف ڪرائيندي چيس، "جج فيصل صاحب، حج زاهد صاحب سندس دوست احمد، فراز ۽ ڪميل آهن."

ساگر ڪريم جو تعارف دوستن سان ڪرايو "منهنجو دوست ڪريم آهي، جيڪو علم، ادب ۽ سياست سان گهرو تعلق رکي ٿو پاڻ اڪثر رات جو ملندا آهيون ۽ ڪچهريون ڪندا آهيون."

آهستي آهستي سڀ دوست گڏ ٿي ويا ساگر مانيءَ جي پڇا ڪئي، فيصل وراڻيس، "هاڻي ناشتو ڪري آيا آهيون، چانهہ پيئنداسين، پر ڦڪي هجي."

ساگر منور کي چانهن ۽ بيڪري تان ڪيڪ وٺي اچڻ جو چيو. منور ڪيڪ ۽ چانهہ وٺي اچي مهمانن کي ڏني. مهمانن ڪيڪ کائي چانهہ پيتي.

فيصل چيس، "پاڻ کي هلڻ کپي."

ساگر وراڻيس، اُٿو تہ هلون."

سڀ مهمان گاڏين ۾ وڃي ويٺا.

فيصل چيو ”گمبٽ شهر مان ٻن دوستن کي کڻي هلڻو آهي جيڪي انتظار ۾ ويٺا آهن.“

قافلو گمبٽ شهر ۾ دوستن وٽ وڃي پهتو سڀ گاڏين مان لٿا. روشن اڳتي وڃي دوستن سان ملي بنگلي ۾ وٺي آيو. بنگلي ۾ ڪشادي لان تي ٽيبلون ۽ ڪرسيون لڳل هيون. جن تي مهمان اچي ويٺا. ملازم مٺائي، بسڪيٽ ۽ چانهه کڻي اچي ٽيبلن تي رکي، مهمانن چانهن پيتي.

فيصل چيو ”هاڻي هلڻ کپي.“

سڀ گاڏين ۾ ويهي روانا ٿيا. قافلو ڪوٽ ڏيجي شهر جي حدن ۾ وڃي داخل ٿيو. قافلي ۾ پندرهن دوست شامل هئا.

ساگر فيصل کي چيو ”ميرن جو مهراڻو گهمندا هلون؟“

فيصل وراڻيس، ”پليي هلو.“

قافلو مهراڻو پهتو جيڪو واريءَ جي پٽن تي اڏيل هو. رستو ڪٿي ڪچو ۽ ڪٿي وارياسو هو. سڀ دوست گاڏين مان لَٿا وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل وارياسو علائقو هو جنهن تي ٻير، ٻڙ، لئين ۽ اَڪ جا وڻ هئا، سوين هَرڻ ۽ ڦاڙها به هئا، جيڪي ٽپا ڏئي ڊوڙي رهيا هئا.

---

خيرپور ضلعو ماضيءَ ۾ رياست رهيو آهي، مير علي مراد ٽالپر رياست جو والي هو. خيرپور رياست کي اڳتي هلي فيڊريشن ۾ شامل ڪيو ويو. ان جو حڪومت مير صاحبان کي ماهوار معاوضو ڏيندي رهي ٿي. مير صاحبان جي خاندان ۾ مير علي نواز ”ناز“ شاعر هو جنهن جو عشق لاهور جي طوائف ’باليءَ‘ سان هو. جنهن عشق جو وڏو چرچو هو بالي خوبصورت عورت هئي جنهن جي عشق ۾ مير صاحب پنهنجي ساري ملڪيت لُٽائي ڇڏي هئي.

---

هڪ راڪو مهمانن سان اچي مليو راڪي کان زاهد پڇيو ”هرڻ ۽ ڦاڙها گهڻا آهن؟“

راڪي وراڻيس، ”سَوَنِ ۾ آهن. پهريان هزار کن هئا پر 2022ع واري مينهن ۾ مري ويا.“



زاهد پڇيس، ”مير صاحبان شڪار ڪندا آهن؟“

”نه سائين مير صاحبان نه پاڻ شڪار ڪن نه ڪنهن کي شڪار ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا.“ راڪي وراڻيس.

زاهد پڇيس، ”مير صاحبان ايندا آهن.“

راڪي وراڻيس، ”ها عيدن جي موقعن تي ايندا آهن.“

زاهد پڇيس، ”توهان ملازم ڪيترا آهيو؟“

راڪي وراڻيس، ”ڏهه ڄڻا آهيون.“

ايترن ملازمن جو ڪهڙو ڪم آهي؟“زاهد پڇيس.

”صبح ۽ شام جو جانورن لاءِ زمين تان گاهه ڪري گاڏيون پري اچي وجهندا آهيون.“ راڪي وراڻيس.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ زاهد پڇيس.

”منهنجو نالو سڄڻ آهي.“ راڪي وراڻيس.

سامهون هڪ ٻيو ملازم پئي آيو زاهد پڇيس، ”اهو ڪير آهي؟ اهو اسان جو جمعدار آهي.“ سڄڻ وراڻيو.

زاهد پڇيس، ”ان جو نالو ڇا آهي؟“

”نالو ضمير اٿس.“ سڄڻ وراڻيو

ضمير وڃي مهمانن سان هٿ ملائي چيس، ”سائين بنگلي تي هلو توهان لاءِ چانهه تيار آهي.“

سڀ دوست گاڏين ۾ وڃي ويٺا، ضمير قافلي جي اڳيان پنهنجي گاڏي ڪئي، قافلو وڏن گهاٽن وڻن جي ٻيلي مان هلندو رهيو جنهن ۾ ٻير ۽ ڪنڊيءَ جا وڻ هئا. رستي ۾ جانورن جا مختلف آواز ٻُڌڻ ۾ پئي آيا، جانورن ۾ نور، سيهڙ ۽ سوئر نظر اچي رهيا هئا. قافلو هڪ ڪلوميٽر سفر طئه ڪري بنگلي تي اچي پهتو. سڀ دوست گاڏين مان لٿا، بنگلو اَٺ ڏهه فوٽ مٽيءَ جي دڙي تي ٺهيل هو جيڪو پراڻي عمارت جو ڏيک ڏئي رهيو هو. بنگلي ۾ وڃڻ لاءِ سوڙهي ڏاڪڻ ٺهيل هئي مهمانن ۾ هڪ هڪ ٿي مٿي چڙهندو ويو. بنگلو ڍڳهن ۽ ساوڻ وڻن سان ڍڪيل هو. دوست چؤطرف کان پري پري تائين خوبصورت نظارو ڏسي رهيا هئا.

سڄڻ مخصوص انداز ۾ سڏ ڏنو بنگلي جي هيٺان ڏهاڪو کن سوئر اچي گڏ ٿيا.

فيصل پڇيس، ”ان سڏ تي ڇو اچي گڏ ٿيا آهن.“

”انهن کي کاڌو ڏيڻ لاءِ سڏ ڏيندا آهيون.“ سڄڻ وراڻيس.

بنگلي جي ننڍڙي صحن ۾ ٽيبلون ۽ ڪرسيون لڳل هيون. سڄڻ ٽيبلن تي منرل پاڻيءَ جون بوتلون، ميوا رکيا جنهن ۾ نارنگيون، موسميون ۽ ڪيلا هئا. پليٽن ۾ خُشڪ فروٽ بادام، ڪاجو پستا ۽ نيزا رکيا. مهمانن فروٽ کاڌو آخر ۾ چانهه ڏني وئي.

ساگر چيو ”هاڻي پاڻ کي هلڻ گهرجي. منزل پنهنجي اڳتي آهي سج ڪاني تي اچي پهتو آهي. روشنيءَ جي سفر ۾ سير ڪندا هلون.“

فيصل وراڻيس، ”هلو.“

هڪ هڪ دوست تي ڏاڪڻ تان لهي پنهنجي پنهنجي گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا.

فيصل چيس، ”ساگر توهان مون سان ويهو.“

ساگر فيصل سان گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺو. ننڍڙو قافلو منزل طرف روانو ٿيو. قافلو ڪچي رستي مان نڪري پٿريلي رستي تي هلڻ لڳو. ڪوٽ ڏيجي جي پورن ٻَلن جهڙا جبل ڪَرُ ڪڍي قافلي کي الوداع ڪري رهيا هئا. قافلو ڪوٽ ڏيجي جي تعلقي جي حدن کي گذر ڪري ناري تعلقي جي حدن ۾ سفر شروع ڪيو. چؤطرف رومانوي منظر هو. صحرا ۾ اُپريل ڇاتيءَ جهڙا واريءَ جا دڙا سُرور ڏئي رهيا هئا، جن تي اَڪن، لئين لامن ۽ ڪانديرن جا ٻوٽا کليل ميدان جي تيز هوا ۾ ڪنڌ لوڏي قافلي جي آجيان ڪري رهيا هئا. صحرا ۾ ٻوٽن جي اڪيلائپ جو احساس وڌي رهيو هو. ڪارڙا تتر ٻوليون ٻولي رهيا هئا. اڇڙا تتر واريءَ تي پر پکيڙي مستيون ڪري رهيا هئا. قافلو موسيقار جي ساز تي هلندڙ آڱرين جيان پنهنجي ردم ۾ هلي رهيو هو. سج ڏهاڙيءَ واري سفر جي زمين کي الوداعي چمي ڏئي رهيو هو. گاڏيون ڊوڙنديون رهيون رات ڪارا وار کوليا، ٿڌ ۾ اضافو ٿي رهيو هو. ڪوهيڙو ڀاڪرين پئجي رهيو هو. ماڪ نڇاور ٿي رهي هئي، گاڏيون اندران گرم چُميءَ جهڙيون ۽ ٻاهران وِلَهه ۾ سُتل ڪنواري بدن جيان ٿڌيون ٿي ويون هيون. پري کان ٽمڪندڙ بلبن جي ڪهڪشان نظر اچي رهي هئي.



فيصل ساگر کان پڇيو ”اڳيان آبادي آهي ڇا؟“

ساگر وراڻيس، ”چونڊڪو شهر آهي، چونڊڪو شهر خوبصورت ۽ خوشحال شهر هو. ديوان برادريءَ جو اعليٰ ڪاروباري ۽ امن وارو شهر هو. جڏهن کان ٻاهريان ماڻهو شهر ۾ اچي آباد ٿيا آهن ته شهر بدامنيءَ جي ور چڙهي ويو آهي. ديوان برادريءَ جي جان ۽ ڪاروبار غير محفوظ ٿي ويو. ديوان برادري لڏپلاڻ ڪري وڏن شهرن ڏانهن هليا ويا آهن. جنهن سبب شهر پنهنجي خوبصورتي ۽ ڪاروباري حيثيت وڃائي ويٺو آهي. بدامني ته سڄيءَ سنڌ جو مسئلو آهي پر ديوان برادري پاڻ کي وڏن شهرن ۾ محفوظ سمجهيو. شهر ڏسندي ڏسندي ويران ٿي ويو آهي.“

”پنهنجي منزل چونڊڪو آهي؟“ فيصل پڇيس.

”شهر مان گذري ويهن منٽن جو سفر اڳتي آهي جتي پنهنجي منزل آهي.“ ساگر وراڻيس.

”زندگيءَ جي بي خبريءَ جو احساس ٿي رهيو آهي.“ فيصل چيو.

قافلو چونڊڪو شهر ۾ داخل ٿي هوريان هوريان سفر ڪري رهيو هو. شهر ۾ ماڻهن جي چُرپر گهٽ محسوس ٿي رهي هئي. قافلو شهر منجهان گذر ڪري اڳتي وڌڻ لڳو.

ٿوري سفر کان پوءِ قافلو واريءَ جي ڀِٽُن ۾ جُڙيل عاليشان ۽ ڪُشادي بنگلي ۾ وڃي پهتو. فقير عاشق حسين قافلي جي آجيان ڪري مهمانن کي اندر وٺي آيو. هڪ ڪشادي ڪمري ۾ صوفا سيٽ ۽ ٽيبلون رکيل هيون ٽيبلن مٿان منرل پاڻيءَ جون بوتلون، ميوا جنهن ۾ صوف، نارنگيون ۽ ڪيلا پلاسٽڪ جي خوبصورت ٽوڪرين ۾ رکيل هئا ۽ پليٽن ۾ خشڪ ميووات بادام، پستا ۽ اخروٽ پيل هئا. فقير عاشق مهمانن کي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ چيو.

مهمان واري واري سان واش روم ڏانهن ويندا رهيا. واش روم وڏو ڪشادو نهيل هو. صفائيءَ جو خاص خيال رکيل هو. نئون صابڻ ۽ نئون ٽوال رکيل هو. مهمان هٿ منهن ڌوئي تازا توانا ٿيا. فقير عاشق مهمانن کي فروٽ کائڻ لاءِ چيو. مهمانن فروٽ کاڌو ۽ بعد ۾ چانهه ڏني وئي.

بنگلي تي هڪ ٻيو قافلو وڃي پهتو. فقير عاشق اُٿي قافلي جي آجيان ڪري بنگلي جي مٿئين حصي ۾ ويهاري ملازم کي سار سنڀال لاءِ چئي پاڻ هيٺ اچي ويٺو.

زاهد پڇيس، ”توهان وٽ مهمانن جي اچ وڃ گهٽجي لڳي پئي آهي.“

فقير عاشق وراڻيس، ”ٻارهوئي مهمان ايندا ويندا آهن پر ٽي مهينا ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري ٿڌ هئڻ ڪري گهڻو اچن ٿا. مهمانن جي رهائش ۾ ڪاڏي جو خاص خيال رکندا آهيون ماڳن تي وڃڻ لاءِ وقت ۾ گاڏيون به ڏيندا آهيون.“

فيصل پڇيس، ”ناري جا ماڳ ڪهڙا آهن؟“

فقير عاشق وراڻيس، ”تجل شريف سلام الله صوفي قادري (ٽرڏٽي) جو تڪيو ۾ لڪ شريف آهي. جتي هڪ خوبصورت مسجد قائم ٿيل آهي جنهن ۾ سيد محمد راشد روزي ڌڻي تبليغ خاطر جيسلمير ويندي نماز پڙهي هئي.“

فيصل پڇيس، ”توهان اسان کي ماڳ گهمائيندا؟“

فقير عاشق وراڻيس، ”سڀاڻي ڏينهن جو توهان کي گهمائينداسين.“

فيصل وراڻيس، ”سڀاڻي موڪل ختم ٿئي ٿي اسان صبح جو هليا ويندا سين، ٻيهر به ڏينهن ڪڍي ايندا سين.“

فقير عاشق وراڻيس، ”هينئر توهان لاءِ پٽن جي بينڪ تي ڪچهري جو بندوبست ڪيو آهي اُٿو ته هلون واپس مانيءَ ۾ رهائش جو بندوبست هتي ٿيل آهي.“

فيصل وراڻيس، ”هلو.“

فقير عاشق چيس، ”ان رستي تي صرف ويگو گاڏيون هلنديون آهن ڊرائيونگ ڏکي آهي. ڊرائيور اسان جو هوندو اسان جون گاڏيون مهمانن سان مختلف جڳهن تي ويل آهن توهان وٽ هڪ ويگو آهي ڪجهه دوست گاڏيءَ ۾ ويهن، ڪجهه انتظار ڪن گاڏي واپس اَچي ڪٽندي.“

دوست ويگو ۾ وڃي ويٺا ڪجهه دوست انتظار ۾ ويهي رهيا. ڪليل علائقو هئڻ ڪري شديد ڪوهيڙو پئجي رهيو هو. ٿڌ وڌي رهي هئي. رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا. گاڏي بنگلي کان ٻاهر نڪري پڪي رستي تي سفر شروع ڪيو پڪي روڊ تان گاڏي لهي منزل طرف وارياسي ۽ سوڙهي رستي جي چيرن تان هلڻ شروع ڪيو. رستي جي ٻنهي طرفن کان لئين، ٻوڙن ۽ آڪن جون قطارون هيون.



گاڏيءَ جي بتين جي روشنيءَ تي رستي ۾ نورَ ۾ گدڙ نظر اچي رهيا هئا، رستي جو خوف ناڪ سفر شروع ٿيو. واريءَ جي دڙن تي مٿانهين کان هيٺائينءَ تي گاڏي پاڻ اڇلائيندي رهي، دوستن ۾ خوف ۽ حراس ڇانئجي ويو.

ڊرائيور آٿت ڏئي رهيو هو. اسان جو روز جو سفر آهي هاڻي پهچڻ وارا آهيون پر دوستن تي آٿت جو اثر نه پيو پوي.

زاهد ڪلمو پڙهي ڇڏيو. فيصل اهڙي ڏکئي سفر تي اچڻ کان پڇتائي رهيو هو. گاڏيءَ ۾ سانت ڇانئجي وئي. وقت اويلو سفر ڏکيو هو دوستن جو ساهه مُٺ ۾ اچي ويو. خوف ۾ وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهجي ويا.

ڊرائيور خوف ۽ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو ”پهچي ويا آهيون.“

دوستن وڏا ساهه پري شوڪارا هنيا. ڊرائيور گاڏي موڙي بريڪ هنئي. دوست گاڏيءَ مان لٿا. خوفائتي سفر ۾ پگهريل جسم تي ٿڌ جو جهوٽو ڪنهن سڻڀيءَ جو ٿڦڪ لڳي رهيو هو. بلبن جي شُعاعن ۾ رات ڏينهن ۾ تبديل ٿيل هئي، وڏو جنريٽر هلي رهيو هو ٻوڙن جي ڪانن سان خوبصورت ڇن نهيل هئي، چوڏيواري ۾ صحن ۾ گهٽيون ڪانن سان نهيل هيون. جيڪي سهڻيون لڳي رهيون هيون. واريءَ جي فرش مٿان رکيل قالينون پاڪر ۾ پريل نرم جسم جهڙي راحت بخشي رهيون هيون.

فيصل مسلسل گهمندو لطف وٺندو رهيو. کُليل آسمان هيٺ ڪنڊيءَ جي ٻُنڊن سان مچ ٻري رهيو هو جيڪو ٿڌ ۾ پهريئن پيار جهڙو هو. هونئن به ڊسمبر عاشقن لاءِ رومانوي مهينو آهي. مچ جي چوڌاري قالينون وڇايل هيون. ٿڌ زور وٺي رهي هئي، دوست مچ جي چوڌاري پلٿ هڻي ويهي رهيا. وِلَهه ۾ باهه ديوتا لڳي رهي هئي. ڪجل پهريل اکڙين جي نهار لڳي رهي هئي، مومل جي هٿ ۾ توڏي جي مهار لڳي رهي هئي.

بنگلي تي انتظار ۾ ويٺل دوستن کي کڻڻ لاءِ گاڏي واپس وئي ۽ دوست بنگلي تي ترسي پيا ۽ ٻيا دوست گاڏيءَ ۾ ويهي بينڪ تي آيا. اوچتو محفل مئڪدو بڻجي وئي. جام ٽڪرائجڻ لڳا. ڇئن ڇپن جهڙيون چسڪيون اچڻ لڳيون.

فيصل پڇيو ”جام ٽڪرائجڻ جو مطلب ڇا آهي؟“

ساگر وراڻيس، ”پيئڻ جي گناهه جي معافي طلبڻ.“ پيئندي پيئندي محفل جوڀن جوانيءَ جي عشق ۾ خُماريل اکين جهڙي ٿي وئي. روح غذا طلبڻ لاءِ تڙپي

رهيو هو. محبوبا جا چپ چمڻ لاءِ ستائي رهيو هو. هونءَ بہ پڙهڻ کان پوءِ دل پيئڻ لاءِ چوندي آهي، پيئڻ کان پوءِ پيار لاءِ چوندي آهي.

ايتري ۾ سازندن جون آڱريون سازن تي رقص ڪرڻ لڳيون، سازن جو آواز محبوبا جي زلفن ۾ آڱريون ڦيرڻ جهڙو سُرور ڏئي رهيو هو. فقير پيار علي سُنگ سان آلاپ آلاپيو "جڳ جڳ جيئندو رهندو سنڌو وهندو رهندو." محفل سنڌوءَ جي نعرن سان گونجي اُٿي. سنڌوءَ جون ٻوليون ماءُ جون لوليون ٻڌجي ويون. سنڌوءَ جي محبت جون من ۾ ڇوليون هيون، محفل سنڌوءَ جي محبت ۾ مدهوش ٿي جهومڻ لڳي، جج صاحبان دوستن سان گڏجي جهومريون پائڻ لڳا. سنڌو درياءَ جي محبت ۽ عقيدت جي گيتن جي سحر ۾ محفل ٻہ ٻجي تائين هلندي رهي.

فقير عاشق چيو "هاڻي محفل کي ختم ڪري واپس هلڻ کپي."

محفل جو پڇاڙو ڪري ڪجهہ دوست گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا، ڇڻ ڪنهن ڪٽي وڃي گاڏيءَ ۾ ويهاريو هجي، ڪجهہ دوست مچ تي گاڏيءَ جي واپس اچڻ جي انتظار ۾ ويهي رهيا. واپسيءَ جي سفر ۾ گاڏيءَ ۾ خاموشي ڇانئيل هئي، دوست گاڏيءَ جي باڊي ۾ چِت سان لڳندا رهيا. پاڻ کي مضبوط جهليو ڪنڌ نوائي ويٺا رهيا.

ڊرائيور بنگلي تي دوستن کي لاهي واپس انتظار ۾ ويٺلن کي کڻي اچڻ لاءِ ويو. ٿوري دير ۾ اهي دوست بہ اچي پهتا.

وڏي هال ۾ ٽيبلن تي ماني لڳائي وئي، مهمانن جي عدد کان ڪاڏي جا ڦسم گهڻا هئا. مهمان مزي مزي سان ماني کائي ويٺا، آخر ۾ چانهن پياري وئي.

فقير عاشق مهمانن کي ڪمرن ۾ آرام ڪرڻ لاءِ وٺي ويو.منير ۽ بشيرمحفل ۾ نہ ويا هئا تہ دوستن کان محفل جو احوال وٺڻ کانپوءِ پڇتائي رهيا هئا.

هڪ ڪشادي ڪمري ۾ فيصل، زاهد، ساگر ۽ ڪريم کي رهايو ويو.

فيصل چيو "ساگر ناري جي ياترا مان ڏاڍو لطف مليو آهي خاص ڪري محفل ۽ ان جي سفر مان جيڪا گهڙي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ وسرندي."

زاهد چيو "اسان جج آهيون اها الڳ شيءِ آهي پر آهيون تہ سنڌ ڌرتيءَ جو اولاد. سنڌو درياءَ جو پاڻي اسان جي نسن ۾ ماءُ جي ٿڃ سان گڏ گردش ڪري رهيو آهي جڏهن وقت آيو تہ اسان نوڪرين سان نہ سنڌو درياءَ سان گڏ بيهنداسين."



ساگر وراڻيس، "ماءُ جي ٿڃ جي کير ۽ سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪو بہ فرق ناهي، ماءُ جي کير جو رنگ قدرت جي حقيقت جهڙو اڇو ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو رنگ محبوبہ جي ڪٽڪائي رنگ جهڙو آهي، فرق صرف رنگ جو آهي."

ڪريم چيس، "اڏيرو لعل ڄمڻ مهل جيسيتائين سنڌوءَ جو پاڻي نہ پيتو تيسيتائين ماءُ جي ٿڃ نہ پيو وٺي. جنهن جو آستانو نصرپور ۾ موجود آهي. سنڌو درياءَ جي لنگهہ واري رستي ساڌ ٻيلو . روهڙي، سيوهڻ ۽ ٺٽو آستانا ٺاهيا ويا آهن. اسان جا وڏڙا سنڌوءَ کي ديوتا ڪري مڃيندا هئا. رگ ويد انڊين بہ چوَن ٿا تہ اسان سپ سنڌو درياءَ جي ڪنارن تان لڏي اچي هتي ويٺا هئاسين.

سنڌو درياءَ جي لهرن مان جنم وٺندڙ تهذيب ۽ سماج ايترو تہ وسيع دامن آهي جو هن درياءَ جي ڪپن تي گوتم ٻُڌ بہ وهار ٿي وقت گذاريو هو. سنڌودرياءَ جي آس پاس ۾ رهندڙ ماڻهو سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي روزو کوليندا هئا. اهو اڄ اسان جو عظيم درياءُ پنجاب جي چوري ڪرڻ ڪري ساڻو ٿي پيو آهي."

فيصل چيو "هاڻي اسان کي آرام ڪرڻ گهرجي. صبح سفر لاءِ بہ نڪرڻو آهي، هو ڪمري جو بلب بند ڪري سمهي پيا."

ساگر ۽ ڪريم صبح جو سوير ننڊ مان اُٿي ڪمري مان ٻاهر نڪتا شديد سردي ۽ ڪوهيڙو پئجي رهيو هو. ڪوهيڙو بنگلي جي دَر دريں مان ليئا پائي اندر داخل ٿيڻ جي زوريءَ ڪوشش ڪري رهيو هو.

ساگر واقفڪار هو ڪريم کي چيائين، "هل تہ باورچي خاني ڏانهن هلون."

هُو باورچي خاني ۾ ويا. نصير بہ ڪرسيون رکي ڏنن. نصير تگاريءَ ۾ ٽانڊا وجهي وچ ۾ وجي رکيا. کين ٿَڌِ ۾ ٽانڊا حسينا جي ڳاڙهن لبن جهڙا لڳي رهيا هئا. جنهن مان گرم هنج جهڙي آسيس وٺي رهيا هئا. ٿوري دير ۾ فقير جا رات ترسيل بہ مهمان باورچي خاني ۾ آيا.

ساگر ۽ ڪريم اُٿي ساڻن هٿ ملايو. ٻنهي مهمانن کي پينٽ شرٽ پاتل هيون. هڪ مهمان نوجوان ۽ هڪ اڌ عمر جو هو. نوجوان جي هٿ ۾ اليڪٽرانڪ حُقو هو مٿي تي گرم ٽوپلا پاتل هئا.

ساگر نصير کي بہ ڪرسيون آڻڻ لاءِ چيو نصير ڪرسيون کڻي اچي رکيون. مهمان ڪرسين تي ويهي واري واري سان حقي مان سوٽو هڻي ڳڙ ڳڙ ڪري رهيا هئا، دونهين کي مٿي اُڏاري ٿَڌ ۾ مزو وٺي رهيا هئا.

ساگر چيو "پنهنجو تعارف تہ ڪرايو."

نوجوان وراڻيس، "منهنجو نالو احسان آهي مان پوليس کاتي ۾ ايس. ايس. پي آهيان، هيءُ منهنجو دوست ايس. ايس. پي خرم آهي جيڪو لاهور جو آهي پاڻ وزيراعظم جو پروٽوڪول آفيسر آهي. مون وٽ مهمان ٿي آيو آهي مان نارو گهمائڻ لاءِ وٺي آيو آهيانس."

ساگر پڇيس، "توهان سنڌي آهيو؟"

احسان وراڻيس، "ها مان سنڌي آهيان."

احسان پڇيس، "توهان پنهنجو تعارف ڪرايو؟"

ساگر وراڻيس، "منهنجو نالو ساگر آهي هيءُ منهنجو دوست ڪريم آهي."

احسان حُقي کي گڙ گڙ ڪرائڻ لڳو.

ساگر پڇيس، "توهان ڪهڙي شهر جا رهاڪو آهيو؟"

احسان وراڻيس، "موهن جي دڙي ۽ سنڌودرياءَ جي وچ ۾ اسان جو ڳوٺ ولي محمد آهي. منهنجي پوسٽنگ لاهور ۾ آهي."

سنڌو درياءَ جو نالو آيو تہ، ساگر چيس، "توهان ڪيترا خوش نصيب آهيو جو سنڌوءَ جي پير ۾ جڻ محبوبا جي هنج ۾ رهي رهيا آهيو. هاڻي تہ پنجاب سنڌودرياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍي اسان جي پالڻهار کي سُڪائڻ جو منصوبو جوڙيو آهي."

ايس ايس پي خرم وراڻيس، "سنڌو درياءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ ضايع ٿي رهيو آهي. اسان جيڪو چولستان ڪئنال ڪڍون پيا ان ڪئنال کي سمنڊ ۾ ضايع ٿيندڙ پاڻيءَ سان ڀريو ويندو."

ساگر ڪاوڙ ۾ چيس، " اهو پنجاب ڪوڙ هڻي رهيو آهي سنڌ کي حصي جي پاڻيءَ کان گهٽ پاڻي ملي رهيو آهي. اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌو درياءَ جي سسٽم ۾ ايترو پاڻي ئي ناهي جو اضافي ڪئنال ناهي پاڻي کنيو وڃي. توهان کان وسري ويو آهي ازبڪستان ۽ قازقستان جي مشهور ڍنڍ "ايول سي" جو صحرائي علائقو آباد ڪرڻ سبب تباهي ٿي هئي، جنهن ڍنڍ ۾ پاڻي آڻيندڙ ٻن ندين "اهور ۽ شيرڊ " جا سوويت يونين رُخ موڙي صحرائي علائقي ۾ پاڻي پهچائي فصل پوکڻ جو منصوبو جوڙيو هو جيڪو منصوبو ڍنڍ لاءِ تباهہ ڪُن ثابت ٿيو هو. ڍنڍ خشڪ ٿي ڏهہ سيڪڙو رهجي وئي، دنيا جي چوٿين نمبر وڏي ڍنڍ لوڻ جو سمنڊ بڻجي وئي. ان ئي ڍنڍ لوڻ جي طوفانن، تيز هوائن سان ٻين سرسبز علائقن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو. جنهن سان بہ ڪروڙ ماڻهو سخت متاثر ٿيا هئا."



ايس ايس پي خرم وراڻيس، "سنڌو درياءَ جو سمنڊ ۾ ضايع ٿيندڙ پاڻيءَ سان گڏوگڏ چناب نديءَ ۾ پنج ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي موجود هوندو آهي. جنهن کي ستلج ڏانهن موڙي چولستان ڪئنال کي ڀريو ويندو."

ساگر چيس، "چولستان ڪئنال کي پورو سال وهڻ لاءِ ڇهہ هزار ڪيوسڪ پاڻي گهرجي. جنهن سان ساڍا ست لک ايڪڙ زمين آباد ڪندو. زمين جو اهو انگ اکر اڳتي هلي ڇاهٺ لک پنجويهہ هزار ٽي سئو ايڪڙن تي پهچندو. جيڪا سنڌ جي ڪُل آباديءَ جي اڌ برابر ٿئي ٿي. ان وقت چولستان ڪئنال کي سترهن هزار ڪيوسڪ پاڻي گهربل هوندو. ايترو پاڻي پنجاب ڪٿان آڻيندو؟ ڇا سنڌوءَ جو رخ موڙيندئو؟ پنجاب هوش کان ڪم وٺي."

ايس ايس پي خرم حقي مان تيز سوٽو هڻي جذبات ۾ چيو. " اسان هر حال ۾ سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍنداسين جيڪڏهن وڙهڻو پيو تہ سنڌي ماري بہ ڪئنال ٺاهينداسين."

ساگر بہ جذباتي ٿيندي پڇيس، "گهڻا سنڌي ماريندئو؟ سوَ هزارَ لکَ اسان ست ڪروڙ سنڌي آهيون ياد رکجو هوشو، هيمون ۽ دولهہ درياءَ خان اڄ بہ اسان وٽ زنده آهن. پنهنجي محبوب سنڌوءَ تي سِر ڏينداسين پر ڪڏهن بہ ڪئنال ٺهڻ نہ ڏينداسين."

ايتري ۾ ساگر جو هڪ دوست ساد بہ باورچي خاني ۾ آيو. ساگر نصير کي ڪرسي آڻڻ لاءِ چيو.

ساد چيس، "منهنجي آفيس ۾ ميٽنگ آهي. مان هلان ٿو."

ساگر پڇيس، "تيار ٿيا آهيو؟"

ساد وراڻيس، "ها تيار ٿيو آهيان."

ڪريم بہ چيس، "مان ساد سان گڏجي وڃان ٿو. توهان کي نڪرندي اڌ ڏينهن گذري ويندو. مان اسٽور کولي روزي ڪيان وڃي."

ساگر وراڻيس، "تيار ٿيو نيرن ڪري پوءِ وڃو."

ڪريم چيس، "مان گهر وڃي تيار ٿيان ٿو."

ساگر، نصير کي چيو "مهمانن کي نيرن ڪراءِ ۽ چانهہ بہ جلدي تيار ڪر."

ساگر، خرم ۽ احسان کان پُڇيو، "توهان نيرن ڪندا؟"

احسان وراڻيس، "اسان تيار ٿي پوءِ ڪيون ٿا."

نصير بنگلي مان پلاسٽڪ جي ٽيبل ڪڍي وچي رکي ۽ نيرن لڳائي. نيرن ۾ آنا، ترپل مڇي ۽ اُفراتا هئا.

ساد ۽ ڪريم نيرن ڪئي. نصير چانهه ڏني. هُو چانهن پيئي موڪلائي وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺا.

ڊرائيور گاڏي ڪڍي. ڪوهيڙو تيز هئڻ ڪري گاڏي هوريان هوريان هلي رهي هئي.

ساد ڊرائيور کي چيو "گاڏيءَ تکي ڪر وقت تي پهچڻو آهي."

ڊرائيور بتيون ٻاري ڪوهيڙي کي چيريندو هلندو رهيو. گاڏي چونڊڪو شهر کان گذر ڪري اڳتي وڌي ته سج جا سونهري ڪِرڻا زمين کي چُهڻ لڳا. واري سون جيان جَرڪي رهي هئي.

ساد ۽ ڪريم سنڌو نگر پهچي ويا. ڪريم گاڏيءَ مان لهي گهر هليو ويو ساد پنهنجي آفيس هليو ويو.

جج صاحبان ۽ ساگر دوستن سميت تيار ٿي گڏجي نيرن ڪري، فقير عاشق کان موڪلائي شڪريو ادا ڪري گاڏين ۾ ويهي واپس روانا ٿيا.

ساگر دوستن کان موڪلائي گهر هليو ويو. روشن ۽ سندس دوست گمبٽ ۽ جج صاحبان ڪراچيءَ هليا ويا.

---

صبح جو ساگر تيار ٿي دڪي تي آيو. منور کان حال احوال ورتائين ۽ ڪاتي جي چڪاس ڪيائين.

منور چيس، "سيٺ توهان جا ٻه مهمان آيا هئا وشنو ۽ حيدر. توهان کي ڪال ڪئي پر نيٽورڪ ڪم نه پئي ڪيو. انهن چيو اسان ساگر سان ملڻ لاءِ آيا آهيون."

ساگر چيس، "جنهن علائقي ۾ مان هيس اُتي نيٽ ورڪ ڪم نه پيو ڪري."

ساگر پڇيس، "مهمانن جي ڪا خدمت ڪيئِي؟"

منور وراڻيس، "ها سيٺ مهمانن کي چانهن پياري."

ٿوري دير کان پوءِ حبدار آيو. ساگر هٿ ملائي ويهاريس.



حبدار چيس، "سيٺ ٺيڪيدار روڊ تي ٻيهر ڊانبر لڳائي ويو آهي. هاڻي ڪم سنو ڪري ويو آهي، ڳوٺاڻا خوش ٿيا آهن. مان اوهان جو شڪريو ادا ڪرڻ آيو آهيان."

ايتري ۾ هڪ ٻيو ڳوٺاڻو نالي جمن آيو جنهن چيس، "سيٺ اسان جي ڳوٺ ۾ سي سي بلاڪ هڻڻ جي اسڪيم ٺيڪيدار چئن سالن کان کائي ويو آهي. هڪ سر ٻه نه هڻائي اٿائين اسان جي مالڪي ڪيو."

ساگر پڇيس، "تنهنجي ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟"

جمن وراڻيس، "ڳوٺ جو نالو پريل آهي."

ساگر چيس، "مان سياڻي ڇهين بجي تنهنجي ڳوٺ ايندس. تون ڪجهه ڳوٺاڻا گڏ ڪري انتظار ڪجان."

جمن وراڻيو "ماڻهو گڏ ڪري انتظار ڪندس."

ساگر پڇيس، "ٺيڪو ڪنهن جو آهي؟"

جمن وراڻيس، "انور ٺيڪيدار جو آهي."

ساگر منور کي چيو "چانهن وٺي اچ."

منور چانهن آڻي حبدار ۽ جمن کي ڏني. هو چانهن پي موڪلائي هليا ويا. شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو ساگر ڪاٺس موڪلائي گهر هليو ويو.

---

ساگر رات جو ڪريم سان ڪچهري لاءِ ويو.

ساگر ٻڌايس، "اڄ جونئير ذوالفقار علي ڀٽو سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري پروگرامن جو شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي. جونئير ذوالفقار علي ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو جو پُٽ آهي. مير مرتضيٰ ڀٽو پنهنجي والد جو نالو رکيو اٿس. ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جو وزير اعظم هو. فوجي آمر ضياءَ عوامي حڪومت جو تختو اُونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي گرفتار ڪري ڪورٽ ۾ قتل جو ڪوڙو ڪيس هلائي عدالتي قتل ڪرايو، جنهن کي ڦاهي چاڙهيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽو کي اقتدار دوران سنڌ کي پنهنجا حق نه ڏئي ۽ سنڌ وطن جي خلاف سياسي حڪمت عملين جي الزامن باوجود هڪ فوجي آمر اڳيان بهادري سان ٻيهي موت کي قبول ڪرڻ ۽ سنڌي فرد جي حيثيت ۾ سنڌي قوم سندس

شهادت تي والهانه عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو. اهو ئي سبب هو 1988 ع جي عام اليڪشن ۾ پوري ملڪ سميت سنڌ ۾ وڏا جاگيردار پنهنجي ڪمدارن ۽ هوٽل جي ملازمن کان اليڪشن هارائي ويا. جاگيردار سياسي مستقبل جي خوف ۾ ڏڪي رهيا هئا. سياست عوامي رنگ ۾ رنگجي ڪکائن جهوپڙين جي راڻي بڻجي وئي. ذولفقار علي ڀٽو کان پوءِ جي قيادت ان سياسي راڻيءَ کي وارن مان جهلي گهلي وڃي محلاتن جي ٻانهين بڻائي قيد ڪري ڇڏيو عوام جا ڏٺل خواب اڌورا رهجي ويا.

مير مرتضيٰ ڀٽو پنهنجي پيءُ شاهنواز ڀٽو سان گڏجي آمريت خلاف گوريلا ويڙهه وڙهي. ٻئي ڀائر افغانستان کان پوءِ لبنان جلاوطن ٿي ويا. جلاوطنيءَ دوران شاهنواز ڀٽو کي زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو. جلاوطنيءَ دوران مير مرتضيٰ ڀٽو جي ٽيبل تي شيشي جي بوتل ۾ سنڌو درياءَ جو پاڻي ۽ برني ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي مٽي رکيل هوندي هئي. فوجي آمر جهاز جي حادثي ۾ مري ويو. ملڪ ۾ عام چونڊن جو اعلان ٿيو. جنهن اليڪشن ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو حصو وٺي صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ۽ سندس ڀيڻ بي نظير ڀٽو اڪثريت سان اليڪشن کٽي ملڪ جي وزير اعظم ٿي. مير مرتضيٰ ڀٽو مُلڪ ۾ موٽي آيو. جنهن کي ڀيڻ جي حڪومت ۾ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر ستر ڪلفٽن سامهون سٽن ساٿين سميت شهيد ڪيو ويو. جونئير ذوالفقار علي ڀٽو ان وقت ننڍيءَ عمر جو هو پڙهڻ لاءِ ٻاهرين ملڪ هليو ويو. آرٽ ۾ ڊگري حاصل ڪري واپس موٽيو آهي. ڇهن سالن کان انڌي ٻُلهڻ جو نسل بچائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. سنڌو درياءَ متعلق سٺي ڄاڻ رکي ٿو ۽ سنڌو درياءَ سان بي حد محبت ڪري ٿو. پاڻ عملي طور سياست ۾ ته نه آيو آهي، پر سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ خلاف جدوجهد جو اعلان ڪيو اٿس."

ڪريم چيو "هيڏانهن سنڌ ڪئنالن خلاف سراپا احتجاج آهي ۽ هوڏانهن ارسا چولستان ڪئنال لاءِ چار لک ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. پنجاب دهشتگردي ڪندي سنڌ کي للڪاري رهيو آهي."

ساگر چيس، "ارسا جا فيصلا غير قانوني آهن."

ساگر ٻڌايس، "سياڻي ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو ڪئنالن خلاف احتجاجي جلسو آهي. پارٽيءَ جو وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي، اڄ عوامي رابطا سلسلي ۾ دعوت نامو ڏئي آيو هو. سياڻي پاڻ ضرور هلنداسين."



ڪريم وراڻيس، "ها ساگر سياڻي قومي فرض سمجهي هلنداسين جلسي جو وقت ڪهڙو آهي."

ساگر وراڻيس، "جلسو ٻارنهن بجي آهي. توهان تيار رهجو يارهين بجي هلنداسين."

ساگر چيس، "هاڻي مان هلان ٿو." هُو موڪلائي گهر هليو ويو.

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو. يارهين وڳين ڪريم کي ڪال ڪري چيائين، "اچو ته جلسي ڏانهن هلون." ڪريم نثار کي اسٽور تي ويهاري دڪي تي آيو.

ساگر منور کي چيو "خيال رکجان."

ساگر ۽ ڪريم گاڏيءَ ۾ ويهي نڪتا.

ڪريم چيس، "سنڌو درياءَ دنيا جو ٻارهون نمبر وڏو درياءُ آهي. ان سان وڏو آبپاشي نظام جُڙيل آهي. تازو هڪ جائزي مطابق ماحولياتي گدلاڻ ۽ ڊيمن يا ڪئنالن جي گهڻي اڏاوت سبب ٻارنهن نديون مرندڙ سڏجي رهيون آهن. نيل، دجله ۽ ٻين ندين سان گڏ سنڌو ندي به شامل آهي. جن جو پنهنجي پُڇڙيءَ کان ڪٽجي وڃڻ جو خُدشو وڌندي نظر اچي رهيو آهي."

ساگر وراڻيس، "سنڌو درياءَ جو ڊيلٽا دنيا جي پنجون نمبر ڊيلٽا آهي. جيڪو تباهه ٿي ويو آهي. ان جو سبب پُڇڙيءَ تائين پاڻيءَ جو گهربل مقدار نه پهچڻ آهي."

ڪريم چيو "سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي گڏوءَ مان ماپي ڏنو وڃي. پنجاب چشما کان ماپ ڪندو رهي ٿو گڏو ۽ چشما جي وچ وارو مفاصلو پنج سئو ڪلوميٽر آهي جتان هزارين ڪيوسڪ پاڻي چورايو وڃي ٿو."

ساگر ٻڌايس، "وفاق ۽ صوبن ۾ جَرَ جي پاڻيءَ جو به معاهدو ٿيل آهي جڏهن ڪنهن دريائي طاس جي پاڻيءَ جو ڪاٿو لڳائڻو هوندو آهي ته جَرَ جو پاڻي ان ۾ شامل سمجهيو ويندو آهي. پنجاب جيترو درياءَ مان پاڻي ڪڍي ٿو اوترو ئي جرَ جو سمجهڻ کپي. درياءَ وهندو آهي ته جَرَ ڀربا آهن يا وڌندا آهن. سنڌو درياءَ جو پاڻي چوري ڪرڻ جي صورت ۾ گهٽ وهڻ ڪري اسان جا جَرَ هيٺ لهي ويا آهن."

هو ڳالهيون ڪندي جلسي جي هنڌ پهچي ويا. گاڏي بيهاري جلسي گاهه ۾ ويا. ماڻهو قافلن جي صورت ۾ ايندا رهيا. قيادت ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ حيدر شاهاڻي به جلسي ۾ پهچي ويا. هزارين ماڻهو جلسي ۾ هئا. روڊ بند ٿي ويو. گاڏين جون قطارون لڳي ويون. جلسي گاهه مان جذبي ۽ جوش سان سنڌو درياءَ مان ڪئنالن خلاف ۽ پنجاب خلاف نعرا لڳي رهيا هئا.

مقررن تقريرن ۾ وچن ورجايو ٿي، "ڪنهن به صورت ۾ سنڌودرياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين."

جلسو ختم ٿيو عوام واپس ويو. ساگر ۽ ڪريم به واپس وڃڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا. هنن خيرپور شهر ڪراس ڪيو.

ساگر چيس، "بک لڳي آهي ماني کائيندا هلون."

اڳتي وڏي بريڪ هڻي گاڏي مان لهي هوٽل تي وڃي ويٺا.

بيري پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس کڻي ٽيبل تي رکندي پڇيو "ڇا کائيندا؟"

ساگر آرڊر ڏيندي چيس، "اڌ ڪلو مٽن ڪڙاهي ٺهرائي اچ، پر جلدي ٺهرائي اچ."

ٿوري دير ڪانپوءِ بيري ماني ٽيبل تي لڳائي، هنن ماني کائي بيري کي چانهن آڻڻ لاءِ چيو. بيرو چانهن کڻي آيو هو چانهن پيئي اُٿيا.

ساگر بل ڏنو ٻئي گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا.

ڪريم پڇيس، "اڄ توهان کي تڪڙ لڳي پئي آهي."

ساگر وراڻيس، "ڳوٺ پريل وڃي ٺيڪيدار خلاف لائيوِ اچڻو آهي."

"توهان ڳوٺ پريل هلندا؟" ساگر پڇيس.

ڪريم وراڻيس، "مون کي اسٽور تي ڇڏيو."

ساگر چيس، "منهنجي به سيزن هلي رهي آهي آبادگار ۽ هاري دوا لاءِ اچن ٿا پر ڇا ڪجي عوام سان ٿيندڙ زيادتون بي چين ڪري رهيون آهن. ويهڻ نٿيون ڏين."

ڪريم وراڻيس، "اسان جي شهر جي آبادي ٽيهه چاليهه هزار ڪن ٿيندي ان مان هڪ توهان ڪرپٽ مافيا جي نڪ ۾ نوڙي وجهي ڇڏي آهي، هُو توهان جي نالي کان به ڇرڪن ٿا. جيڪڏهن هر ڳوٺ ۽ هر شهر مان هڪ هڪ شخص ان مافيا خلاف آواز اُٿاري ته سنڌ ساهه پٽي سگهي ٿي."



ساگر وراڻيس، "ان مافيا خلاف آواز اُٿاريندا رهن ٿا، پر آواز اُٿاريندڙ پنهنجو ايمان سلامت نٿو رکي سگهي. پوءِ مسئلا جيئن پوءِ تيئن رهيل رهن ٿا."

سنڌو نگر اچي ويو ساگر ڪريم کي لاهي پاڻ ڳوٺ پريل هليو ويو.

جمن جي پڇا ڪيائين، هو پنهنجي ڪچي نهيل اوطاق ۾ ڳوٺاڻا ويهاري انتظار ڪندو رهيو.

ساگر ڳوٺاڻن کان احتجاج ڪرائي لائيوِ ڏيڪاريندي ٺيڪيدار انور سان مخاطب ٿيندي، ڳوٺ جو ڪم ڪرائڻ جي گُهر ڪئي. ڳوٺاڻن ساگر جو شُڪريو ادا ڪيو ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

هُو صبح جو تيار ٿي دڪي تي ويو.

ٺيڪيدار انور اچي چيس، "توهان وڊيو ڊليٽ ڪيو جيڪي پئسا چئو مان توهان کي ڏيان ٿو."

ساگر ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وراڻيس، "مان اهو ڪم نه ڪندو آهيان توهان ڳوٺ ۾ وڃي ڪم ڪرايو. ڪالهه مان ڳوٺ جي حالت ڏسي آيو آهيان ڪا به سهولت موجود ناهي، هن جديد دور ۾ به ڳوٺ بنيادي حقن کان محروم آهي. اها سراسر ناانصافي آهي توهان سڄي اسڪيم هڙپ ڪري ڇڏي آهي."

انور اُٿي هليو ويو.

ساگر ڪال ڪري جمن کي چيو "ٺيڪيدار مون سان ملي ويو آهي. سُرُ نٿو ڪري سڀاڻي يارهين بجي ڳوٺاڻا وٺي پريس ڪلب اچ ٺيڪيدار خلاف احتجاج ڪيون."

جمن وراڻيس، "سڀاڻي مان ماڻهن جي ٽرالي ڀري پريس ڪلب پهچندس."

هو رات جو ڪريم ڏانهن ويو. ڪيس ٻڌايائين ته، "سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ وارو نوٽيفڪيشن سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيو آهي. جنهن تي صدر مملڪت جي دستخط ٿيل آهي. صرف اقتدار خاطر قومي غداري ڪري رهيو آهي. پهريان سندس سياسي جماعت قبول نه پئي ڪري هاڻي ليٽر ظاهر ٿيو آهي. سنڌ جي زمين سنڌ حڪومت ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ مهيا ڪري رهي آهي. سنڌ حڪومت به صدر مملڪت جي پارٽيءَ جي آهي. جيڪا سنڌ ۾ مسلسل ويهن سالن کان حڪومت ڪندي پيننگ ڪري رهي آهي."

ساگر وڏيڪ ٻڌايس، ”اڄ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سنڌوءَ مان ڪئنالن خلاف جدوجهد جو اعلان ڪندي جلسن، جلوسن ۽ ريلين ڪڍڻ جو شيڊيول جاري ڪيو آهي. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي شاگرديءَ دوران سائين جي. ايم. سيد جي جيئي سنڌ تحريڪ ۾ شامل ٿي سياست جي شروعات ڪئي. سائين جي ايم سيد کان پوءِ بشير خان قريشي سان گڏجي جدوجهد ڪئي. بشير خان قريشيءَ جي شهادت کان پوءِ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جيئي سنڌ قومي محاذ شهيد بشير خان قريشي جي نالي سان الڳ تنظيم جوڙي سنڌ لاءِ متحرڪ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ڪئنالن خلاف تحريڪ طاقت وٺندي رهي ٿي.“

”پر اهي قومپرست گڏجي تحريڪ ڇو نٿا هلائن.“ ساگر پڇيس؟ “

ڪريم وراڻيس، ”تحريڪون مرحليوار هلنديون آهن. هي شروعاتي مرحلا آهن. آخري مرحلي ۾ سياسي ڌرين کي گڏ هلڻو پوندو. حالتون گڏ هلڻ تي مجبور ڪنديون آهن.“

ساگر چيس، ”هاڻي مان هلان ٿو ڏاڍو ٿڪل آهيان. هو موڪلائي هليو ويو.“

صبح جو ساگر تيار ٿي دڪي تي ويو. يارهين بجي پريس ڪلب ويو ڳوٺاڻا ٽريڪٽر ٽرالي ڀري پريس ڪلب اچي پهتا. ڳوٺاڻن احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ساگر خطاب ڪندي ٺيڪيدار کان ڪم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج ختم ٿيو ڳوٺاڻا واپس هليا ويا. ساگر به واپس گهر هليو ويو.

ساگر هڪ رات جو ڪريم سان ملڻ لاءِ ويو.

ساگر، ڪريم کي ٻڌايو، ”اڄ جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر گروپ جي اڳواڻ اسلم خيرپوري به ڪئنالن خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي. قوم پرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر سائين جي ايم سيد جي جيئي سنڌ تحريڪ ۾ مدبر ۽ دانشور طور سڃاتو ويندو هو. سندس تقرير ڪمال جي هوندي هئي. سندس لفظ ميدان جنگ ۾ هوشوءَ جي گهوڙي جي ٽاپن جيان هوندا هئا. سائين جي ايم سيد جي وڇوڙي کان پوءِ الڳ گروپ ٺاهي پنهنجي نالي جي سڃاڻپ سان قوم جي خوابن جي ساڀيان لاءِ سڄي ڄمار جدوجهد ڪندو رهيو. اڄ به سندس نالي جي سڃاڻپ سان جماعت سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي.“

ساگر وڌيڪ ٻُڌايس، ”ته اڄ قوم پرست اڳواڻ عبدالخالق جوڻيجو به ڪئنالن خلاف تحريڪ جو اعلان ڪيو آهي. عبدالخالق جوڻيجو سينئر قوم



پرست اڳواڻ، علم ۽ دانش جي حيثيت سان قومي تحريڪ ۾ سڃاڻپ رکي ٿو. عبدالخالق جوڻيجو به سائين جي ايم سيد جي جيئي سنڌ تحريڪ ۾ شامل ٿي سياست جي شروعات ڪئي. سائين جي ايم سيد جو وڇوڙي کان پوءِ پنهنجي نالي جي سڃاڻپ سان الڳ جماعت ٺاهي. جيئي سنڌ محاذ (خالق جوڻيجو) سان سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.“

هوڏانهن قوم پرست اڳواڻ نواز خان زئنور ۽ سنڌياڻي تحريڪ به ڪئنالن خلاف تحريڪ جو اعلان ڪيو آهي. نواز خان زئور سائين جي ايم سيد جي فڪر سان سلهاڙيل اڳواڻ آهي ۽ سنڌياڻي تحريڪ ترقي پسند اڳواڻ رسول بخش پليجو جي فڪر ۽ نظريي جي زيورن سان سينگاريل تنظيم آهي.

ڪريم چيس، ”سڀاڻي 13 مارچ دريائن جو عالمي ڏينهن آهي. قوم پرست تنظيمن ۽ ساڄاهه وندن ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي. پاڻ به سنڌوءَ کي ارادس ڏيڻ لاءِ هلنداسين.“

ساگر وراڻيس، ”شهر جي سول سوسائٽيءَ صبح يارهين بجي روهڙي ڪئنال جي ڪپ تي سنڌوءَ کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ پروگرام ٺاهيو آهي پاڻ گڏ هونداسين.“

ساگر چيس، ”هاڻي مان هلان ٿو.“

هو موڪلائي گهر هليو ويو.

صبح جو ساگر تيار ٿي دڪي تي اچي منور کي چيائين، ”بازار مان گُل ۽ منهنجي گهر مان ڏهاڪو کن پليٽون وٺي اچ.“ منور هليو ويو.

ٿوري دير کان پوءِ منور گُل ۽ پليٽون کڻي اچي پهتو. ساگر ۽ ڪريم گل ۽ پليٽون کڻي گاڏيءَ ۾ ويهي روهڙي ڪئنال تي آيا.

سول سوسائٽيءَ جا دوست، ساڄاهه وند ۽ قلمڪار روهڙي ڪئنال تي گڏ ٿيندا رهيا. سول سوسائٽيءَ جي دوستن به پاڻ سان گڏ گل ۽ پليٽون آنديون هيون. گل پليٽن ۾ وجهي هڪ هڪ پليٽ ساڄاهه وندن کي ڏني وئي.

ڪريم سنڌو درياءَ جو ترانو پيش ڪرڻ لاءِ چيو. سڀ دوست قطار ۾ بيهي هڪ هٿ احترام ۾ ڇاتيءَ تي رکي بيٺا ڪريم مڌر آواز ۾ ترانو پڙهيو.

سنڌو توتي ساهه ڏيان
گهوري گهوري

پنهنجو سر گهوريان
لهر لهر تنهنجي
پٿائيءَ جي بيتن جو
سڏ پايان
جي توتي ڪو
ميري اک ڪٽي
ڪيري تنهنجو قرض لاهيان
جڳ جڳ جيئين
شال جيئين
پاٽي تنهنجو امرت ڪري پيئان
جي تون خشڪ رهين
اهي ڏينهن قادر
ڏکيا گذاريان.

ڪريم ترانو پڙهيو.
قطار مان ٻہ قدم اڳتي وڌي، ساگر سيس نوائي، هٿ جوڙي چيو،
”اي سنڌو! تون اسان ڪي پالينڌڙ آهين.
تون آهين،
اسين آهيون،
تون ئي اسان جو جياپو آهين،
تون ئي اسان جي سجاڳپ آهي.“
قطار مان زوردار نعرا ٻُريا، ”جڳ جڳ جيئين، شال جيئين.“
عاشقن سنڌوءَ جي پاٽيءَ تي گل نڇاور ڪيا.
جذباتي منظر ٿي ويو سيني جوش ۾ نعرا هنيا ”سنڌوءَ ۾ اسان جو ساهہ آهي.“ ،
”ڪٽنال ناهيندين_پادر ڪاٽيندين.“
پروگرام ختم ٿيو سمورا ساڃاهہ وند واپس وريا.
ڪريم ۽ ساگر بہ واپس موٽي آيا.

---



قوم پرستن سنڌو درياءَ کي پيٽا پيش ڪرڻ جا پروگرام ڪيا. سنڌو درياءَ جي وهندڙ پاٽيءَ سان ندين، واهن ۽ ٻئراجن تي گل نڇاور ڪيا ويا. سنڌوءَ جو پاٽيءَ ۾ گلن جي سڳنڌ ڌرتي کي واسي ويا. سنڌوءَ جون لهرون گلاب جي پتين سان مقدس ڪتابن جي ورقن جهڙيون لڳي رهيون هيون.

اهو ڏينهن اناويهن سالن کان دنيا ۾ ملهائبو رهجي ٿو. ان ڏينهن نعرو لڳايو ويو هو ”اسان جا درياءَ اسان جو مستقبل“ ڇو تہ درياءَ انساني تهذيب جي سجاڳپ ۾ مستقبل هوندا آهن. جنهن جو مثال عظيم سنڌو تهذيب آهي، جيڪا سنڌو درياءَ جي ڪناري تي امر بڻيل آهي. سنڌو درياءُ واحد درياءُ آهي، جيڪو توڙ تائين موج مستيءَ سان ساگر ۾ وڃي پوي ٿو. رڳو وڃي نٿو پر سمنڊ جي کاري پاٽيءَ کي پوئتي ڌڪي سنڌو تهذيب جي رهواسين جو محافظ بڻجي پاڻ سان لٽ ڪٽي بند ٻڌي سمنڊ کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ٿو. هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد دريائن ۾ تهذيبن کي بچائڻو آهي، سنڌو درياءَ کي اهو شرف حاصل آهي جو هن نالي سان سنڌو تهذيب تي تي راڄ ڪيو آهي. سنڌو درياءَ جي نالي سان سنڌ، سنڌي قوم ۾ انڊيا سڏجي ٿو. دنيا تہ اناويهن سالن کان اهو ڏينهن ملهائيندي اچي پئي، پر سنڌي هزارين سالن کان پوڄا ڪندي ۾ ڏيئا ٻاري پيٽا پيش ڪندا رهيا آهن.

سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي موهن جي دڙي جهڙي تهذيب جنم وٺي اُسري. دنيا جي تهذيبن جي تخليق جو ڪارڻ بڻي. هن ئي درياءَ جي پاٽيءَ سان پيدا ٿيندڙ ڪٽڪ ۾ ڪپهہ مان ٺهيل ململ جو ڪپڙو دنيا تائين پهچائي بک جي ٻاهہ اُجهائي، اگهاڙا انگ ڍڪيا.

جڏهن سڪندر مقدوني دنيا فتح ڪرڻ جو مقصد کٽي سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتو تہ سنڌو شينهن جي گجگوڙ ٻڌي لشڪر کي ڇوڙ لڳو ”هيءَ سرزمين بهادر ماڻهن جو مسڪن آهي ان جو ثبوت هن درياءَ جي دهشت ۾ ڏياءُ آهي.“

پنجاب ۾ رياست کي سنڌي ماڻهن جي ان تاريخي هشمت کي سمجهڻ گهرجي.

---

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو.

ٿوري دير ڪان پوءِ آبادگار محمد علي، ڪيس هٿ ڏئي ويٺو.

ساگر پڇيس، ”ڏيو احوال ڪيئن آيا آهيو؟“

محمد علي وراڻيس، ”سيٺ اسان جي علائقي ۾ پاڻيءَ جي وڏي کوٽ پيدا ٿي آهي. فصل سُڪن ٿا پيا. ڪڻڪ جو فصل آخري پاڻي طلبي رهيو آهي جيڪڏهن نہ مليو تہ اَنُ مارجي ويندو. اسان جي مالڪي هلي ڪيو.“

ساگر چيس، ”سياڻي ماڻهو گڏ ڪجو ٻارهين بجي مان بہ ايندس.“

ساگر پڇيس، ”توهان جي ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟“

”اسان جي ڳوٺ جو نالو ثناءُالله آهي.“ محمد علي وراڻيس.

”توهان جي ڳوٺ ۾ سان شاخ وڃي ٿي نہ ان جي ڪپ تي گڏ ٿيجو.“ ساگر چيس.

هو موڪلائي هليو ويو تہ مٿان جمن اچي پهتس.

ساگر هٿ ڏئي ويهاري پڇيس، ”جمن ڪيئن آيو آهين؟“

”سيٺ ٺيڪيدار انور ڳوٺ ۾ ڪم ڪرائڻ لاءِ سامان، سرون، واري ۽ بجري لهرائي ويو آهي.“ جمن وراڻيس.

ساگر خوش ٿيندي چيس، ”ٺيڪيدار ڪان سِرَ ميگنا ڪريٽ جي لڳرائجو ۽ پنهنجي نگراني ۾ ڪم ڪرائي رستو ٺهي پاسن ڪان سيمينٽ سان چڱيءَ طرح بند ڪرائجو.“

جمن چيس، ”سيٺ اوهان پلي صلاح ڏني آهي، ايئن ڪنداسين هاڻي مان هلان ٿو.“

هو موڪلائي گهر هليو ويو.

مٿان هڪ هاري اچي پهتس.

ساگر پڇيس، ”ڪيئن آيو آهين؟“

”سيٺ ڇُڙيو پاڻي ناهي فصل سُڪي ٿو پيو. پئسا ڏيو ڊگدگو هلائي فصل پريان.“ هاري وراڻيس.

”گهڻا پئسا کپن؟“ ساگر پڇيس.

”سيٺ پنج هزار کپن.“ هاري وراڻيس.

”ساگر پئسا ڏئي رجسٽر ڪڍي پڇيس چاچا تنهنجو نالو ذهن تي نٿو اچي.“



”منهنجو نالو وزير آهي.“ هاريءَ وراڻيس.

هن ڪاتو کولي پئسا لکيا.

وزير موڪلائي هليو ويو.

---

اُن رات ساگر ڪريم ڏانهن ويو.

ساگر ٻڌايس، ”ڪريم اڄ جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي اڳواڻ علامہ راشد محمود سومري بہ سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي، علامہ راشد محمود سومرو سنڌ دوست عالم علامہ خالد محمود سومري جو فرزند آهي. علامہ خالد محمود سومرو سنڌ جي مسئلن تي سچائيءَ سان آخر تائين جدوجهد ڪئي ۽ شيعہ اڳواڻ علامہ اياز قمي بہ سنڌو درياءَ مان ڇھ ڪئنال ڪڍڻ خلاف هلچل جي جلسن ۽ ريلين ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. علامہ اياز قمي ترقي پسند ۽ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ عالم آهي، جنهن سنڌو درياءَ مان چورايل پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ، فصل پوکڻ ۽ ميت کي غسل ڏيڻ پنجاب لاءِ حرام قرار ڏنو آهي.“

ڪريم وراڻيس، ”ساگر شيعن پاڻ ڏانهن موٺ ڪائيندين آهن. اسان جو سماج روشن خيال، ترقي پسند ۽ مهذب رهيو آهي. سنڌ جي قديم ماڻهن پٿرن واري دؤر ۾ ڪوٽ ڏيجي ۽ آمريءَ جون تهذيبون جوڙيون.

جيڪي ڪيرٿر جي جابلو پٽيءَ جو حصو ۽ سنڌو درياءَ جي ويجهو هئا. پٿرن جي دور ڪان پوءِ سنڌو درياءَ جي ڪنارن جي ويجهو اچي آباد ٿيا هئا جتي هنن اهڙي تهذيب جو بنياد رکيو جيڪا نہ رڳو شاندار ۽ سُڌريل هئي پر انسانن جي پهرين تهذيب هئي. ان وقت پاڻي گهڻو هوندو هو پوءِ بہ سنڌي ماڻهوءَ پاڻيءَ کي بهتر استعمال ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪيا. پيئڻ لاءِ کوهہ، زراعت لاءِ واهہ وهنجڻ لاءِ سئمنگ پول ۽ ڪاروبار لاءِ سامونڊي ۽ درياهي رستا ٺاهيا هئا. هيءُ درياءَ جا معاملا عام نہ آهن. قومن جي تاريخ ۽ نسلن جي جيئڻ ۽ مرڻ جا معاملا آهن تہ قوم اهڙي سنگين معاملن تي ماٺ ڪري ڪيئن ويهندي. پاڻيءَ جي اهميت کي عالم چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا.

قرآن شريف ۾ آيل آهي تہ ”جيئري شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي.“

پڳوان ڪائنات ۽ زندگيءَ جي تخليق ڪي پاڻيءَ جو پهريون گهر قرار ڏنو آهي. پاڻي پاڪيزگيءَ جو ذريعو خوشحالي ۽ اميريءَ جو سبب هئڻ ڪري گيتا ۾ ديوتا جو مظهر سڏيو ويو آهي. جنهن ۾ وردنا ديوتا جو تعلق سنڌ سان هو جنهن جو اوتار اڏيرو لعل آهي. مسلمان پاڻيءَ ڪي خضرِ حيات سڏي احترام ڪندا آهن. گيتا ۾ شري ڪرشنا چوي ٿو ته ”آءُ پاڻيءَ جو ذائقو آهيان.“ ان جو مطلب فصلن ۽ ميون ۾ ذائقو پاڻيءَ جي ڪري آهي.

بائيبل ۾ پاڻيءَ ڪي ”حيات“ جو درجو ڏنو ويو آهي.

ساگر چيس، ”مان هلان ٿو.“ هو موڪلائي گهر هليو ويو.

---

هُن صبح جو يارهين بجي دڪي تي اچي منور ڪي چيو ”خيال رکجان مان اچان ٿو.“

ساگر گاڏي ڪيڏي ڳوٺ ثناءَ الله هليو ويو. محمد علي شاخ تي ڳوناٽا گڏ ڪري انتظار ۾ وينو هو. ساگر به وڃي پهتو. هن محمد علي ۽ ڳوناٽن سان ملي احتجاج ڪرائي موبائل تي لائيو هلايو. جنهن ۾ خشڪ شاخ ۽ سُڪل فصل ڏيکاريو. هاري احتجاج ڪري پاڻيءَ جي ڪوٺ جون دانهون ڪري رهيا هئا ۽ پاڻي ڏيڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا.

ساگر ڳالهائيندي چيو ”سنڌ ۾ سالن کان پاڻيءَ جي ڪوٺ آهي، سنڌ ڪي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏئي هارين ۽ آبادگارن مان بي چيني ختم ڪريو. هيڏانهن پاڻيءَ جي قلت هئڻ ڪري فصل سُڪي رهيا آهن هوڏانهن پنجاب سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڏڻ جو منصوبو ناهيو آهي.“

ساگر ڳوناٽن سان مخاطب ٿيندي وڌيڪ چيو ته، ”ڪئنالن خلاف سڄي سنڌ ۾ قوم پرست پارٽيون جلسا، ريليون ۽ احتجاج ڪري رهيون آهن. توهان به شامل ٿيندا رهو جيئن پنهنجي نسلن ۽ فصلن ڪي بچائي سگهون.“

احتجاج ختم ڪري ڳوناٽا واپس هليا ويا ساگر به واپس دڪي تي آيو.

ٻه هاري انتظار ۾ وينا هيس ساگر ساڻن هٿ ملائي پڇيو ”توهان ڪيئن آيا آهيو؟“



هارين وراڻيس، ”سيٺ فصل سُڪي رهيا آهن، ڊگهي هلائڻ لاءِ پئسا ڏيو ته فصل ڪي پاڻي ڏيون.“

ساگر نورل کان پڇيو ”توکي گهڻا پئسا کپن؟“

نورل وراڻيس، ”چار هزار کپن.“

ساگر پئسا ڏئي ڪاتي تي چاڙهي وري ٻئي هاريءَ ڪمن کان پڇيو ”توکي گهڻا پئسا کپن؟“

ڪمن وراڻيس، ”سيٺ ڇهه هزار کپن.“

ساگر ڪمن کي پئسا ڏئي ڪاتي تي چاڙهيا. هاري موڪلائي گهر هليا ويا. شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو.

ساگر ڪانئس موڪلائي گهر هليو ويو.

---

آچر جي رات هئي ڪريمَ کيس فون ڪري چيو ”ماني نه ڪائجان. اڄ ته هوٽل تي هلي ٿا ڪائون.“

ساگر تيار ٿي ڪريمَ ڏانهن ويو. ڪريم فهيم کان اسٽور بند ڪرائي، ساگر کي چيو ”مهراڻ هوٽل تي ماني ڪائڻ لاءِ ملون ٿا.“

ساگر وراڻيس، ”مان گاڏي ڪيڏي اچان ٿو سکر سنڌڙيءَ تي ٿا هلئون.“

ڪريم وراڻيس، ”اهو ته اچان بهتر آهي.“

ساگر گاڏي ڪيڏي وڃي ڪريم کي کنيو

کيس چيائين، ”ڪريم، سڄو ڏينهن هارين ۽ سماجي مسئلن سبب مايوسي رهي ٿي، ٻاهر هلي ڪو نئون منظر ڏسجي.“

ڪريم وراڻيس، ”هيءُ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو دؤر آهي، هارين ۽ مزدورن جو ناهي، هاري ۽ مزدور انهن جي زيادتين ۾ پنهنجي زندگي گهاري يا ان سسٽم کي ٻاهڻ لاءِ اُٿي کڙو ٿئي ٻيو ڪو چارو ڪونهي يا مري وڃي مزدور ۽ هاري ويچارو.“

گاڏي هلندي رهي سکر بئراج جي پُل تي چڙهي ساگر اسٽيئرنگ مان هٿ ڪيڏي سيس نوائي ٻانهون ٻڌي سنڌوءَ کي عقيدت ڀريو سلام ڪري اُڏامندڙ

چمي اَرپي پيار جو اظهار ڪيو. گاڏي پُل تان گذر ڪري سکر شهر مان لنگهي سنڌڙي ريسٽورنٽ تي وڃي بيٺي.

هو ٻئي گاڏيءَ مان لهي ڏاڪڻ تي چڙهي مٿئين پورشن تي وڃي ويٺا. ڇت تي خوبصورت صندل رکيل هئا. گراهڪ به ويٺل هئا، هُو هڪ صندل تي وڃي ويٺا.

بيري پاڻي رکي آرڊر جو پڇيو. ڪريم آرڊر ڏنس. هو ڪچهري به ڪري رهيا هئا ۽ ڇت تان سکر شهر جو منظر به ڏسي رهيا هئا. شهر ۾ ٻرندڙ بلب سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي بلبلن جيان لڳي رهيا هئا. ڏکڻ جي ٿڌڙي هير سان سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي مهڪ وٺي رهيا هئا.

بيري ماني آڻي رکي، هُو ماني به کائيندا رهيا ۽ ڪچهري به ڪندا رهيا، ماني کائي بيري کي بل آڻڻ جو چيائون، بيرو بل کڻي آيو. ڪريم پئسا ڏنس. هو واپسيءَ لاءِ گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا. گاڏي جيئن سکر بئراج جي پُل گذري لٿي ته ساگر الوداعي سلام ڪيو.

ساگر چيس، "سڀاڻي هن پل تي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو طرفان ڪئنالن خلاف احتجاجي جلسو رکيل آهي. پاڻ ضرور ايندا سين. جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجا احتجاجي پروگرام سنڌوءَ سان لاڳاپيل هئڻ ڪري سنڌوءَ تي اڏيل پلين ۽ ڪنڌين تي رکيا آهن."

ڪريم وراڻيس، "پاڻ ضرور ايندا سين."

ساگر گاڏيءَ ۾ سنڌوءَ جا گيت هلايا ۽ خاموشيءَ سان گيت ٻڌندا رهيا. سنڌو نگر پهچي ساگر ڪريم کي گهر لاهي پاڻ پنهنجي گهر هليو ويو.

---

هو صبح جو تيار ٿي دڪي تي هليو ويو.

يارهين بجي ڪريم کي ڪال ڪري چيائين، "اڄ ته جلسي تي هلون."

ڪريم وراڻيس، "مان اچان ٿو. ڪريم نثار کي اسٽور تي ويهاري دڪي تي آيو."

هن منور کي چيو "خيال رکجان مان وڃان ٿو."



ٻئي گاڏيءَ ۾ ويهي جلسي لاءِ نڪري ويا. سکر بئراج جي پُل تي هزارن جي تعداد ۾ عوام ۽ ڪارڪن پهچي ويا هئا.

هو ٻئي به اچي پهتا. ٿوري دير ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو به جلسي ۾ آيو. عوام سنڌوءَ مان ڪئنالن خلاف جذباتي نعرا هڻي آجيان ڪئي.

جونيئر ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجي خطاب ۾ حڪومت کان گهر ڪئي ته، سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي ختم ڪيو وڃي، جيڪي سنڌ سان گڏ پوري ملڪ جي سالميت لاءِ نقصانڪار منصوبا آهن. جونيئر ذوالفقار علي ڀُٽي جي خطابت کان پوءِ جلسو ختم ٿيو. عوام واپس وڃڻ لڳو.

هُو به واپس سنڌو نگر هليا ويا.

---

هڪ رات، هُو ڪريم سان ملڻ ويو ڪچهري ڪندي، ساگر ٻڌايس، "ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي ڪئنالن خلاف ڇتيهه ڪلاڪن لاءِ ڌرڻي هڻڻ جو اعلان ڪيو هو سڀاڻي ڌرڻو هڻي رهيو آهي توهان هلندا؟"

ڪريم پڇيس، "توهان جو پروگرام ڪيئن آهي؟"

ساگر وراڻيس، "مان ڇتيهه ڪلاڪ ئي ڌرڻي ۾ رهندس."

ڪريم وراڻيس، "رات جو گهر ڇڏڻ منهنجي لاءِ مجبوري آهي."

ساگر چيس، "مان ته ضرور ويندس."

هاڻي مان هلان ٿو.

ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

ساگر والد کي چيو "بابا سڀاڻي ٻن ڏينهن لاءِ توهان دڪي تي وڃجو. ڪئنالن خلاف ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي ڌرڻو لڳي رهيو آهي. مان ڌرڻي ۾ ويندس."

هُو صبح جو تيار ٿي گاڏي کڻي ٻيرلوءِ هليو ويو. ڪارڪنن پنڊال تيار ڪيو هو پنڊال ۾ لائوڊ اسپيڪر ۽ پاڻيءَ جي سبيلن جا اسٽال لڳايا ويا هئا. ساگر به پنڊال ۾ آيو. ٿوري دير ۾ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ڌرڻي واري جاءِ تي پهتو ته ڪارڪنن گرم جوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيس. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ڪارڪنن سان گڏجي روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيو. گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ڌرڻي ۾

وقفي وقفي سان نعرا لڳندا رهيا. رات جو ايس ايس پي خيرپور ڌرڻي ۾ پهچي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ کي ڌرڻو ختم ڪرڻ لاءِ نيزاري ڪئي.

ڊاڪٽر ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيس, ”مان ڏِنل وقت تائين ويهندس.“

ايس ايس پيءَ طاقت سان اُٿارڻ جي ڌمڪي ڏنس.

ڊاڪٽر جذبات ۾ اچي چيس, ”پلي گولي هلايو مان نہ اُٿندس.“

ايس ايس پي مايوس ٿي واپس هليو ويو.

ڊاڪٽر سڄي رات ڌرڻي ۾ موجود رهي روڊ تي سمهي رات گذاري. ٻئي ڏينهن رات جو انين بجي ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڊاڪٽر ۽ ڪارڪن واپس هليا ويا.

ساگر بہ واپس سنڌونگر ڏانهن هليو ويو.

---

هُو صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو. ڪٽڪ جو فصل تيار هئڻ ڪري آبادگارن ۽ هارين جو دڪي تي اچڻ گهٽجي ويو. شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو تہ ساگر ڪائنس موڪلائي گهر هليو ويو.

هُو رات جو ڪريم سان ڪچهريءَ لاءِ هليو ويو.

ڪريم پڇيس, ”ڌرڻي ۾ عوام ڪيئن هو.“

ساگر وراڻيس, ”منهنجي ذهن ۾ هو تہ رمضان مهينو هئڻ ڪري تحريڪ ۾ ماٺار رهندي, پر ائين ناهي ٿيو ڌرڻي ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا.“ هوڏانهن لاڙ ۾ حيدرآباد جي علائقن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي, اياز لطيف پليجو ۽ سيد زين شاهه جي پروگرامن ۾ بہ هزارين ماڻهو شريڪ ٿي رهيا آهن.

ڪريم چيس, ”رمضان جي روزن قوم کي اُڃ ۽ بک جو احساس ڏياريو آهي تہ پاڻي اسان لاءِ ڪيترو اهم آهي.“

---

ساگر ٻڌايس, ”سيد زين شاهه اينٽي ڪئنال ڪميٽي جوڙي آهي, جنهن ۾ مختلف قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيو ۽ نواز خان زنئور شامل ٿيا آهن. جن



سيد زين شاهه کي ڪميٽيءَ جو سربراهه مقرر ڪيو آهي. اهو قدم تحريڪ ۾ سمورين قوم پرست پارٽين کي گڏ ڪري طاقتور بڻائڻ لاءِ وڏي وک آهي.“

ڪريم وراڻيو ”قوم پرست اڳواڻن ۽ ساڃاهه وندن عيدالفطر جي ڏينهن کي سنڌوءَ جو ڏينهن طور ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ قوم کي اپيل ڪئي آهي تہ عيد نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ عيدگاهن مان احتجاجي ريليون ڪڍيون وڃن.“

ساگر چيس, ”اسان سنڌي سدائين خوشيون سوڳوار ماحول ۾ ملهائيندا آهيون. پاڻ بہ عيدگاهه ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرائينداسين.“

ڪريم وراڻيس, ”غلام قومن جون ڪهڙيون خوشيون هونديون آهن.“

ساگر چيس, ”هاڻي مان هلان ٿو ٿڪيل آهيان.“

هو موڪلائي گهر هليو ويو.

---

هُو صبح جو تيار ٿي, بازار مان گل وٺي ڪريم ڏانهن ويو.

کيس چيائين, ”جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر گروپ جو ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف سکر کان پيادل مارچ ڪراچي پريس ڪلب لاءِ نڪتو آهي, پاڻ هتي قافلي جو استقبال ڪنداسين.“

ڪريم پڇيس, ”ڪهڙي وقت تي قافلو پهچي رهيو آهي؟“

ساگر وراڻيس, ”قافلو رات گمبٽ ۾ ترسيل هو اُتان نڪري چڪو آهي هاڻي پهچڻ وارو آهي.“

ساگر ۽ ڪريم نيشنل هاءِ وي تي ويا. شهر جا ساڃاهه وند, صحافي ۽ قومي ڪارڪن گڏ ٿيندا رهيا. ٿوري دير ۾ قافلو پهچي ويو. قافلي جي گلن سان ورڪا ۽ نعرن سان آجيان ڪري منزل طرف روانو ڪيائون.

---

عيد الفطر جي ڏينهن سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪيڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي منصوبن خلاف سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويئي. قوم عيد ڏهاڙي نوان ڪپڙا پائي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي عيدگاهن ۾ وئي. سڄي سنڌ جي عيدگاهن ۾ پيش امام خطبن بعد ڪئنالن خلاف تقريرون ڪري قوم کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڪئنال ٺهيا تہ سنڌ ختم ٿي ويندي. عوام کي اپيل

ڪئي تہ توهان ڪئنالن خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ شامل ٿي ٻڏي، اَيڪي ۽ طاقت جو ثبوت ڏيو. قوم احتجاج ڪري سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنالن ڪڍڻ واري منصوبي کي رَد ڪرڻ جا مطالبا ڪري ڪئنالن خلاف زوردار نعرا هنيا تہ”ڪئنال ٺاهيندين_ پادر ڪائيندين!“_”سنڌوءَ ۾ آهي ساهہ اسان جو.“ احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ کان پوءِ ماڻهو هڪٻئي سان عيد مبارڪ ڏيڻ بدران ”ڪئنال سمورا نامنظور ......“ جو نعرو هڻي ڀڪلي ملندا رهيا. عوام عيدگاهن کان واپسيءَ تي پنهنجن پيارن سان ملڻ بجاءِ ريليون ڪڍي پريس ڪلبن تي پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايا. سنڌ جي نوجوان نياڻين عيد جي خوشيءَ تي هٿن تي مينديءَ جي رنگ جي چٽسالي ڪرڻ بدران ”ڪئنال سمورا نامنظور!“ جا نعرا لکيا. حسينائن ٻانهن تي محبوبن جي نالن بدران ”سنڌوءَ ۾ اسان جو ساهہ آهي!“ لکيو. عاشق محبوبائن جا ڀڳل چمڻ بدران اهي هٿ چمندا رهيا.

نوجوانن محبوبائن سان پيار جا اقرار ڪرڻ بدران سنڌوءَ سان وچن ورجايا. قوم پنهنجي پيارن سان عيد ملڻ بجاءِ سنڌوءَ سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ ڪناري وڃي پهتي.

علامہ اياز قمي سوين سنڌين سان گڏجي لاڙڪاڻي پل تي سنڌوءَ جي پيٽ ۾ عيد نماز ادا ڪري، سنڌوءَ تي گُل نڇاور ڪيا. سنڌودرياءُ قوم جي عيد بڻجي ويو. عوام عيد جون موڪلون تفريح ڪرڻ بدران احتجاجن ۽ ريلين ۾ شريڪ رهيو. نوجوانن پنهنجي محبوبائن کي عيد سوکڙين ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ڏنو.

شام جو ڪريم عيد ملڻ لاءِ ساگر ڏانهن ويو. هو ٻئي ”ڪئنال سمورا نامنظور چئي پاڪرين پيا.“ ساگر کيس اوطاق ۾ ويهاريو.

ڪريم چيس، ”قوم سنڌوءَ سان عيد ملهائي آهي. پنهنجون خوشيون، پنهنجون محبتون سنڌوءَ کي ارپيون آهن.“

ساگر وراڻيس، ”اهو عمل سُڌريل، مهذب ۽ باشعور قوم هجڻ جو ثبوت آهي. اهڙي محبت ڪندڙ قوم کان ڪير بہ درياءُ کسي نٿو سگهي.“

ساگر مٺائيءَ جو ڊٻو کولي ڪريم اڳيان رکي چيس، ”مٺائي کاءُ.“

ڪريم وراڻيس، ”مٺائي پوءِ کائيندا سين جڏهن ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبا رد ٿيندا.“



ساگر چيس، ”مٺائي کاءُ، اڄ قوم جهڙي طرح سنڌوءَ سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي ان مان يقين ٿو اچي ڪئنال منصوبو رد ڪرائي ساهہ پٽيندي.“

ٻنهي وڏا ٽهڪ ڏئي هڪ ٻئي کي مٺائي کارائي.

ساگر چيس، ”سڀاڻي رات جو سِوِل سوسائٽيءَ پريس ڪلب کان روهڙي ڪئنال تائين ڏيئا ٻاري سنڌوءَ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. پاڻ هلنداسين. اٺين بجي پريس ڪلب پهچي وڃجو.“

ڪريم وراڻيس، ”سنڌ جو رهبر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو تہ، ’جيڪا عورت پاڻيءَ تي وڃي سڪائون نٿي باسي ۽ ڏيئا نٿي ٻاري اها عورت پنهنجي وَرَ وَرَڻَ جي ۽ ملڻ جي اميد ڇو ٿي رکي؟‘ پاڻ هلنداسين.“

ڪريم چيس، ”هاڻي مان هلان ٿو.“

هو موڪلائي گهر هليو ويو. ساگر بہ آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

عيد جو ٻيو ڏينهن ساگر گهر ۾ گذاريو. رات جو اٺين بجي پريس ڪلب ويو. ڪريم بہ آيو هو. شهري، سول سوسائٽيءَ جا دوست، ساڃاهہ وَند ۽ صحافي گڏ ٿي ڏيئا ٻاري وڏي ريلي ڪڍي ڪئنال نامنظور جا نعرا ..... هڻندا روهڙي ڪئنال جي ڪپ تي پهچي ڀيٽا پيش ڪئي. ساڃاهہ وَندن سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ وارو منصوبو رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ريلي ختم ٿي شهري واپس هليا ويا. ساگر ۽ ڪريم بہ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن واپس هليا ويا.

# 2

سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ خلاف هلندڙ تحريڪ سڄي سنڌ ۾ سراپا احتجاج بڻجي وئي. هزارين ماڻهو جلسن ۽ ريلين ۾ شريڪ ٿيندا رهيا. سنڌ جي شهرن, ڳوٺن, واهڻ وسندين ۾ احتجاج ٿي رهيا هئا. ڳوٺاڻا پاڻ مرادو نڪري ريلين جي صورت ۾ احتجاج ڪري ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جا منصوبا رد ڪرڻ جا مطالبا ڪندا رهيا. سنڌ کان ٻاهر جِتي جِتي سنڌي رهي رهيا هئا. اُتي اُتي ڪئنالن خلاف آواز اُٿاريندا رهيا. صدرِ مملڪت جي ڪيل دستخط سان نڪرندڙ ڪئنال منصوبو سندس پارٽي جي غداري ۽ مڪاريءَ کي چٽو ڪري بيهاريو سندس پارٽي ڦِڪا ڦِڪا جلوس ۽ ريليون ڪڍي احتجاج ڪري تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ته اسان ڪئنالن خلاف آهيون. حڪمران جماعت جي جلسي جو هڪ واقعو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيو. ڪارڪن نعرو هنيو "ڪئنال ناهيندين_پادرڪائيندين!" اڳواڻ ڪارڪن جي وات تي زور سان هٿ رکي منع ڪندي چيس, "هيءُ ڇا چئي رهيو آهين."

سنڌياڻي تحريڪ جون عورتون ڪراچيءَ ۾ ڪئنال خلاف احتجاج ۽ ريلي ڪڍنديون هيون, جنهن ۾ نوجوان وڪيل سنڌو به شموليت ڪندي هئي. گڏوگڏ ڪئنالن خلاف سيمينار پڻ اٽينڊ ڪندي رهندي هئي, هوءَ سرگرم ۽ متحرڪ ڪردار تي ڪئنالن خلاف ڪم ڪندي رهي.

---

سنڌو سنڌ جي اترئين پاسي واري ٻهراڙيءَ جي ڪچي جي ڳوٺ اوباهيو سان تعلق رکندڙ هئي. ڳوٺ اوباهيو سکر جي ڪچي ۾ سنڌو درياءَ پر سان قائم هو. شايد والد سنڌو درياءَ سان ويجهڙائي هئڻ واري نسبت سان نالو سنڌو رَکيس. سنڌوءَ جي



والد جو نالو احمد هو. هو هائير سيڪنڊري اسڪول سکر ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ هو اولاد ۾ هڪ نياڻي سنڌو هيس. احمد لطيف سرڪار جو پارکو ۽ رسول بخش پليجو جي فڪر سان سلهاڙيل هو. احمد وٽ هڪ پراڻي موٽر سائيڪل هئي ان تي ڳوٺ کان سکر اسڪول ويندو هو. هن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ کي پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني.

سنڌوءَ پرائمري تعليم پوري ڪئي. احمد پاڻ واري اسڪول سکر ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخلا وٺي ڏني. پاڻ سان گڏ آڻيندو ۽ ڪڻندو هو احمد سنڌوءَ کي لطيفي فڪر ۽ فڪرِ پليجو کان شناس ڪرائيندو رهيو. سنڌو مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ انٽر پري انجنيئرنگ گروپ ۾ پوزيشن سان حاصل ڪري اين_ اي_ ڊي يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ سليڪٽ ٿي وئي.

سنڌو درياءَ جي موج مستين جهڙن وهڪرن جيان سنڌوءَ جو جوڀن ڇوليون هڻي رهيو هو, سندس رنگ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جهڙو ڪڻڪائي پورو هو سندس ڊِنگ سنڌوءَ جهڙو هو, سندس اونهائي ساگر جهڙي هئي, سنڌوءَ جي لهرن جهڙا ڪاڪل زلف هئا, سنڌوءَ جا وهڪرا سندس شوڪارا هئا, سنڌوءَ جون ڇوليون سندس ٻوليون هيون, سنڌوءَ جو پاڻي سندس پرين هو سنڌوءَ جي دهشت جهڙو سندس ڏياءُ هو سنڌوءَ جي گجگوڙ سندس ٺهڪ هئا, سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي سُرڪ سندس مُرڪ هئي. سنڌوءَ جي لهر لهر رمز هئي, سندس ڇاتي سنڌوءَ جا ٻيٽَ هئا, سندس نگاهون سنڌوءَ جا ڪُن هئا, سندس اکين جا ٻندَ سنڌوءَ جا ڪنارا هئا, سندس جيئڻ سنڌوءَ جو ذريعو آهي, سنڌ سندس تيرٿ هو.

سنڌوءَ جي اين ڊي يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ داخلا ڳوٺاڻن کي حيران ڪري ڇڏيو. ڳوٺاڻي سجاد, احمد کي وڃي مبارڪ ڏني. هڪ پاڙيسري محمد حسن وڃي احمد جي گهر جو دروازو ڪڙڪايو. احمد ٻاهر نڪري ساڻس ملي اوطاق ۾ ويهاريو, ڪچي اوطاق نهيل هئي, جنهن ۾ به ڪتون پيپل هيون. محمد حسن سنڌوءَ جون مبارڪون ڏيندي چيس, "احمد مان توهان کان سنڌوءَ جو سڱ گهرڻ آيو آهيان."

احمد وراڻيس, "محمد حسن مان نياڻي کي اعليٰ تعليم ڏياريندس پوءِ نياڻيءَ کي پاڻ فيصلو ڪرڻ جو اختيار هوندو ٻيهر مون کي ان باري ۾ نه چئجان."

محمد حسن نااميد ٿي واپس گهر ويو. احمد بہ اوطاق تان اُٿي گهر ويو. احمد سوچيندو رهيو.

روبينا پڇيس، "احمد ڇو پريشان آهين؟"

وراڻيائين، "محمد حسن سنڌوءَ جي رشتي لاءِ آيو."

روبينا پڇيس، "تو ڪهڙو جواب ڏنس؟"

احمد وراڻيس، "مان صاف انڪار ڪري ڇڏيومانس."

روبينا وراڻيس، "ڀلو ڪيئي."

احمد چيس، "سنڌوءَ جي داخلا ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٿي آهي، پنهنجي هن ڳوٺ ۾ رهڻ تي دل نہ ٿي چاهي. هيءُ گهر ۽ زمين وڪرو ڪري ڪراچيءَ ۾ گهر وٺي هلي رهون ٿا."

روبينہ پڇيس، "احمد وقت ڏکيو تہ نہ گذرندو؟"

احمد وراڻيس، "روبينا پگهار مان پنهنجو گذر ٿيندو، ضرورت پئي تہ ٽيوشن بہ ڏيندس. مان بدلي ڪرايان ٿو گهر ۽ زمين وٺڻ لاءِ ڳوٺ وارن کي بہ چوان ٿو."

روبينا وراڻيس، "جيئن توکي بهتر سمجهہ ۾اچي."

صبح جو تيار ٿي ڪراچيءَ روانو ٿيو رات پنهنجي دوست فيض محمد وٽ رات گذاريائين. صبح جو تعليم جي سيڪريٽريءَ کي بدلي لاءِ درخواست ڏنائين. جنهن ۾ ڄاڻايائين تہ منهنجي نياڻيءَ جي ڪراچيءَ جي تعليمي اداري ۾ داخلا ٿي آهي، نياڻيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ مان بہ ڪراچي ۾ رهڻ چاهيان ٿو. منهنجي سکر کان ڪراچيءَ بدلي ڪئي وڃي. سيڪريٽري تعليم ترقي پسند خيالن جو هو هن آرڊر ڪيڏي صحي ڪري ڏنس. احمد ٻي بہ رات فيض محمد وٽ رهيو ٽين صبح جو ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو.

رات گهر گذاري صبح جو اسڪول مان رليز ٿي ڪراچيءَ هليو ويو. رات فيض محمد وٽ رهي صبح جو اسڪول ۾ جوائننگ ڪري واپس ڳوٺ هليو ويو.

هن سنڌوءَ کي ٻڌايو تہ، "اسان گهر ۽ زمين کپائي ڪراچيءَ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ مان بدلي ڪرائي ڪراچيءَ ۾ جوائننگ بہ ڪري آيو آهيان. صبح ڪنهن کي وَڙول ڏيان ٿو گهر ۽ زمين خريد ڪرڻ جو."

سنڌوءَ وراڻيس، "بابا ڀلو فيصلو ڪيو آهي، پاڻ گڏ رهنداسين."



احمد پاڙي جي همراهہ مولابخش کي وچي چيو "مان گهر ۽ زمين وڪڻڻ چاهيان ٿو، تون خريد ڪندين؟"

مولا بخش پڇيس، "گهر ۽ زمين ڇو کپائين ٿو؟"

احمد وراڻيس، "مان نياڻيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪراچي لڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

مولابخش وراڻيس، "مان خريد ڪيان ٿو ان جي رقم ڪراءِ."

احمد ۽ مولابخش گڏجي عبدالله ڏي ويا.

احمد عبدالله کي چيو، "مان گهر ۽ هڪ ايڪڙ زمين وڪرو ڪري مولابخش کي ڏيان ٿو توهان وچ وارا آهيو رقم ڪري ڏيو."

عبدالله ٽلي آسي لک رقم طئہ ڪئي، ٻئي ڌريون راضي ٿي ويون.

مولابخش چيس، "اڌ رقم گهر هلي ڏيان ٿو اڌ رقم ڪاتو ڪري ڏي پوءِ ڏيندس." احمد ۽ مولابخش عبدالله کان موڪلائي گهر ويا. مولابخش چاليهہ لک رقم احمد جي حوالي ڪئي.

احمد چيس، "صبح تپيدار ڏي هلنداسين."

احمد گهر وڃي روبينا ۽ سنڌوءَ کي پوري ڳالهہ ٻڌائي.

صبح جو احمد مولابخش کي ساڻ ڪري تپيدار ڏي وڃي رجسٽري ۽ سيل سرٽيفڪيٽ لاءِ چيو تپيدار پنجاهہ هزار وٺڻ جو چئي رجسٽري هڪ هفتي اندر ڪري ڏيڻ جو چيو. احمد ۽ مولا بخش ڪاغذن تي صحيون ڪري واپس هليا آيا.

هفتو گذريو مولابخش تپيدار کان رجسٽري وٺي بقايا رقم احمد کي اچي ڏني.

احمد چيس، "مان هڪ هفتي ۾ گهر خالي ڪري تنهنجي حوالي ڪندس، هاري گابر ڪٽڪ ڪٽي زمين خالي ڪئي آهي تون وڃي پاڻي ڇڏ مان گابر کي چئي ڇڏيو آهي."

صبح جو احمد تيار ٿي پئسا کڻي ڪراچي گهر خريد ڪرڻ لاءِ هليو ويو.

هو پنهنجي دوست فيض محمد وٽ وڃي رهيو ۽ فيض محمد جي معرفت گهر خريد ڪري واپس ڳوٺ هليو آيو.

رات جو احمد روبينا ۽ سنڌو کي ٻڌايو "گهر خريد ڪري آيو آهيان."

روبينا پڇيس، "ڪيتري ۾ گهر خريد ڪيو؟"

احمد وراڻيس، ”سٺ لک ۾ ٻن ٽن لکن ۾ سامان بہ هلي ويندا سين. پندرهن لک بئنڪ ۾ فڪس ڪري رکنداسين ۽ هتي روپيا اُتان بہ ملندا ۽ پنهنجي پگهار وقت سُٺو گذرندو. هاڻي توهان سامان ٻڌو صبح گاڏي ڪرائي سامان ڪٺائي هليا هلنداسين.“

روبينا وراڻيس، ”مان ماسي حضوران وارين کان موڪلائي اچان پوءِ اچي سامان ٻڌئون ٿا.“

روبينا، حضوران جي گهر وڃي چيو ”ماسي اسان صبح ڪراچي وڃئون ٿا، توکان، ليلا ۽ سڀني کان موڪلائڻ آئي آهيان.“

حضوران وراڻيس، ”ڏاڍي خوش رکندوَ.“

روبينا موڪلائي نڪتي، گهٽيءَ ۾ وزيران کان موڪلائڻ سندس لاءِ گهر وئي.

روبينا چيس، ”ادي وزيران اسان صبح ڪراچي وڃون ٿا. توکان موڪلائڻ آئي آهيان.“

وزيران وراڻيس، ”روبينا مون کي ڪالهہ خبر پئي توهان گهر ۽ زمين وڪرو ڪري ڇڏي آهي مون کي ڏک ٿيو. هتي مٽ مائٽ ۽ وڏڙا دفن ٿيل آهن.“

روبينا چيس، ”نياڻيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ اسان فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.“

”الله تعاليٰ توهان کي خوش رکندو، ڇڪر هٽندي رهجان.“ وزيران چيس.

روبينا چيس، ”ادي وزيران مان ايندي رهندس.“

روبينا ڪائنس موڪلائي پنهنجي گهر آئي.

روبينا احمد کي چيو ”سنڌو ۽ مان سامان ٻڌئون ٿيون، تون ادي مهراڻ کان موڪلائي اچ.“

احمد مهراڻ کان موڪلائي گهر واپس آيو. هنن گڏجي سامان ٻڌو ۽ آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيا.

صبح جو احمد شهر مان گاڏي ڪرائي ڳوٺ اچي سامان گاڏيءَ ۾ رکرائي گهر جي چاٻي مولابخش کي ڏئي چيائين، ”اسان گهر خالي ڪري وڃون پيا.“

احمد، روبينا ۽ سنڌو ڳوٺ مٿان حسرت جي نگاهہ ڦيرائي الوداع ڪري ڪراچيءَ لاءِ نڪري ويا. ڪراچيءَ پهچي سامان گهر ۾ لهرائي سيٽ ڪري آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيا.



صبح جو احمد يونيورسٽيءَ وڃي سنڌوءَ جا ڪاغذ جمع ڪرائي آيو. هڪ هفتي کان پوءِ سنڌوءَ جا ڪلاس شروع ٿيا. احمد روزانو سنڌوءَ کي موٽر سائيڪل تي ڪٽي يونيورسٽيءَ ۾ ڇڏي پاڻ اسڪول هليو ويندو هو ۽ واپسيءَ تي گهر ڪٽي ويندو هيس.

سنڌو تعليم جاري رکي ڊگري حاصل ڪئي.

هڪ ڏينهن احمد سنڌوءَ کي چيو ”ايل ايل بيءَ ۾ تنهنجي داخلا ڪرايان ٿو. اها ڊگري بہ لازمي آهي.“

سنڌوءَ وراڻيس، ”بابا وڪالت جو پيشو منهنجو پسنديده آهي. اهو پلو فيصلو ڪيو آهي. احمد صبح جو لا ڪاليج وڃي سنڌوءَ جي داخلا ڪرائي آيو.

هو روازنو سنڌوءَ کي لا ڪاليج ڇڏي پاڻ اسڪول هليو ويندو هو. واپسيءَ ۾ سنڌوءَ کي ڪٽي گهر ايندو هو.

هڪ ڏينهن احمد اسڪول مان رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ احمد سنڌوءَ کي لا ڪاليج آڻڻ کان پوءِ باقي سڄو ڏينهن گهر ۾ گذاريندو هو.

هن قانون جي ڊگري حاصل ڪري وڪالت شروع ڪئي ۽ سياسي طور ناريواد نظريي سان سلهاڙجي وئي ۽ بار جي ميمبرشپ حاصل ڪري سرگرميون شروع ڪيائين

سنڌو سونهن، سياءَ، ڏاهپ ۽ سياسي طور سرگرم هئڻ ڪري ٿوري وقت ۾ وڏو نالو ڪمايو. سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ جو مسئلو سامهون آيو تہ سنڌو ڪراچيءَ ۾ سرگرم رهندي ريلين ۽ احتجاجن ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ وڪالت کي بہ وقت ڏيڻ لڳي.

# 3

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو. هاري ۽ آبادگار اَنُ کڻي ايندا رهيس ساگر تور ڪرائي حساب ڪتاب ڪندو رهيو.

ڪريم دڪي تي آيو. ساگر سان هٿ ملائي پڇيائيس، ”نديم جي ماءُ فوت ٿي وئي آهي، ان سان تعزيت لاءِ هلون؟“

ساگر پڇيس، ”ڪڏهن فوتگي ٿي آهي؟“

ڪريم چيس، ”ڪالهه فوت ٿي آهي.“

ساگر چيس، ”اُٿو تہ هلون.“

ساگر منور کي چيو. ”خيال رکجان، اسان جلد موٽي اچون ٿا.“

هو گاڏيءَ ۾ ويهي ڳوٺ ماڪن ڏانهن هليا ويا. نديم سان امڙ جي تعزيت ڪري واپس پئي آيا تہ رستي جي پر ۾ اَن جي ٻارِ جو ڪوڙو پيو هو. هاري اَن جي ڪوڙي پرسان هٿ مٿي تي رکي ائين وينو هو. جيئن ڪو قبرستان ۾ پنهنجي پياري جي قبر تي قُل پڙهڻ لاءِ ويهندو آهي.

ساگر ٿورو اڳتي نڪري ويو. وري گاڏي واپس ڪري روڊ تي بيهاري ڪيڙ ۾ لهي هاريءَ کي سلام ڪري پڇيائين، ”اَن چو رکيو وينو آهين؟“

”صاحب سرڪار اَن خريد نٿي ڪري. باردانو بہ نہ ٿي ڏئي، مٿان ٿريشر واري ۽ مزدورن مزدوري وٺڻ لاءِ پريشان ڪيو آهي.“ هاريءَ پريشانيءَ ۾ وراڻيس.

”گاڏي ۾ ويهہ دڪي تي هل تہ باردانو ڏيانءِ ٿو اَنُ کڻي اچ اَگهہُ بہ توکي سرڪاري ڏيان ٿو.“ ساگر چيس.

هاريءَ مسڪرائي وراڻيس، ”سيٺ ننڍڙي کي سڏ ڪري اچان هو اَن سان ويهي تہ مان هلان ٿو.“

”جلد سڏ ڪري اچ.“ ساگر چيس.



هاري تڙ تڪڙ ۾ وڃي پنهنجي پٽ کي وٺي اَن سان ويهاري پاڻ ساگر سان وڃي گاڏيءَ ۾ وينو. ساگر شهر پهچي ڪريم کي اسٽور تي لاهي دڪي تي هليو ويو.

ساگر منور کي چيو ”هي هاري جيترو باردانو چوي هن کي ڏئي ڇڏ.“

منور باردانو ڏنو. هاري باردانو وٺي هليو ويو. شام جو اَنُ کڻائي دڪي تي آيو.

ساگر منور کي چيو. ”تور ڪري ٻڌاءِ.“

منور تور ڪري ٻڌائي سيٺ چاليهہ مڻ ڏه ڪلو ٿيو آهي.

ساگر حساب ڪري هاري کي پيسا ڏنا.

ساگر پڇيس، ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”سيٺ منهنجو نالو ملوڪ آهي.“ هاري وراڻيس.

”ملوڪ تنهنجي اَن تي ڪنتو نہ هنيو آهي ۽ اگهہ بہ سرڪاري مقرر ڪيل ڏنو آهي.“ ساگر چيس.

”سيٺ اوهان کي الله سائين آباد رکندو توهان جي وڏي مهرباني.“ ملوڪ وراڻيس.

ساگر تور جي رسيد ملوڪ کي ڏني. هُو موڪلائي هليو ويو.

شام جو سيٺ شريف دڪي تي آيو.

ساگر کيس ٻڌايو تہ، ”بابا چاليهہ مڻ اَنُ خريد ڪيو آهي.“

”ساگر هارين کان قرض جيترو اَنُ وَٺُ، سرڪار کڻي نٿي.“ سيٺ شريف وراڻيس.

”بابا صبح تعزيت ڪري واپس پئي آيس تہ رستي ۾ ٻنيءَ تي هڪ هاري پريشان وينو هو مون کي احساس اچي ويو.“ ساگر چيس

”بابا وڏيڪ خريد نہ ڪندس.“ ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

---

هڪ رات ساگر ڪريم ڏانهن ويو.

ڪريم کان پڇيائين، ”ڪئنالن خلاف سنڌي ماڻهو سراپا احتجاج آهن، پر اردو آبادي لاتعلق ڇو بڻيل آهي؟“

ڪريم ٻڌايس، ”اردو آباديءَ کي وڏي غلط فهمي آهي تہ سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جو مسئلو صرف ٻهراڙيءَ جي هارين، آبادگارن ۽ فصلن سان لاڳاپيل آهي. اردو

آبادي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ اڪثريت سان رهي ٿي. سنڌو درياءُ سخي پنهنجو پاڻي ڪيتن، جيتن، وٽن ۾ ورهائيندو ڪراچي ۽ حيدرآباد جي گهرن تائين پهچائي ٿو. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ کي روزانو ملندڙ پاڻي ساڍا پنج سو ملين گيلن يعني پنجاسي سيڪڙو سنڌو درياءَ مان ملي ٿو. ڪراچيءَ جي گهريلو ۽ صنعتي ضرورتن جو پاڻي گهارو ۽ ڌابيجي پمپنگ اسٽيشنز کان ڪراچيءَ پهچندو آهي. سئو ملين گيلن حب ڊيم مان به ملندو آهي. ان جو دارومدار حب ڊيم جي وهڪري تي آهي. سوڪهڙي وارن مهينن ۾ ڪراچي پاڻيءَ کان متاثر ٿيندي آهي. حيدرآباد لاءِ به پاڻيءَ جو واحد ذريعو سنڌو درياءُ آهي.

2024ع ۾ سنڌو درياءَ جو پاڻي گهٽجڻ جي صورت ۾ ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي لوٽيانو ٿي ويو هو. شهرين کي پاڻيءَ جي فراهمي بند ڪري سکر بئراج جي واهن جو پاڻي روڪي هيٺائين وهڪري کي وڌائي ڪوٽڙي وٽ پاڻيءَ جي صورتحال کي سڌاري حيدرآباد جي شهرين کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي فراهم ڪيو ويو هو. جيڪڏهن ڪئنال نڪتا ته شهري پيئڻ جي پاڻيءَ کان محروم ٿي ويندا. انهن ٻنهي شهرن جي اردو آباديءَ جي زندگين ۽ معيشيت جو سڌو سنئون تعلق سنڌو درياءَ جي وهڪرن سان ڳنڍيل آهي."

ساگر ڪريم سان ڪچهري ڪرڻ ڪانپوءِ موڪلائي گهر هليو ويو.

---

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو صدر سيد زين شاهه چولستان جي سرزمين تي وڃي چولستان ڪئنال تي هلندڙ ڪم سوشل ميڊيا تي لائيو هلائي قوم کي ٻڌايو ته "انن مهينن کان سنڌ ڪئنالن خلاف مسلسل جدوجهد ۾ آهي پر حڪومت، رياست ۽ پنجاب پنهنجي هوڏ تان نه ٿا لهن. هيءُ منظر ڏسو چولستان جو ڪم ڳرين مشينن سان هلي رهيو آهي. سيد زين شاهه جو لائيو وڊيو سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪ تي پيٽرول وارو ڪم ڏيکاريو. قوم غصي ۽ ڪاوڙ ۾ اچي، جدوجهد جي دائري کي وڌائي ڇڏيو. سڄي سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ احتجاجن جو سلسلو شروع ٿي ويو. عوام ۽ ڳوٺاڻا پنهنجي طرفان ريليون ڪڍي احتجاج ڪندا رهيا.

رات جو ساگر ڪريم کي اچي ٻڌايو ته "ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ڪئنالن خلاف ڪراچي پريس ڪلب تي مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال جو اعلان ڪيو آهي. جيڪو سپاٽي بک هڙتال تي ويهي رهيو آهي."



ڪريم چيس، "انگريزن جي راڄ خلاف ننڍي کنڊ ۾ هلندڙ تحريڪ دوران گانڌي تحريڪ ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ به دفعا مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪئي هئي. پهرين بک هڙتال ويهه ڏينهن ڪئي ۽ ٻي بک هڙتال ايڪويهه ڏينهن ڪئي هئائين. گانڌيءَ جو اهو عمل عدم تشدد جو مثال هو. ساڳيءَ ريت ڊاڪٽر جو بک هڙتال تي ويهڻ وارو عمل هلندڙ تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪيندو ۽ سنڌ ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن خلاف سراپا احتجاج ٻڻجي ويندي، تحريڪ ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ ڊاڪٽر جو وڏي سياسي قدم آهي."

---

ساگر ٻڌايس، "سپاٽي گمبٽ ۾ ڪامريڊ نثار طرفان ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف وڏي ريليءَ جو اهتمام ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سمورن قوم پرست اڳواڻن کي دعوت ڏني وئي آهي. پاڻ ڏهين ٻجين هلنداسين."

ڪريم وراڻيس، "قوم پرستن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ اها اڳڀرائي آهي." پاڻ هلنداسين.

ساگر موڪلائي گهر هليو ويو.

صبح جو ڏهين وڳي ڪريم کي کڻي ريليءَ ۾ ويو. شاندار ريلي نڪتي جيڪا جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي. هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. ريليءَ ۾ قوم پرست اڳواڻ حيدر شاهاڻي، تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر حليم عادل شيخ، جي ڊي اي اڳواڻ پير سيد اسماعيل شاهه راشدي ۽ جميعت العلماءِ اسلام سنڌ جي صدر راشد محمود سومري شرڪت ڪئي. سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي. جلسو ختم ٿيو عوام واپس وڃڻ لڳو.

ساگر ۽ ڪريم به واپس سنڌو نگر هليا ويا.

# 4

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي بار جي صدر وڪيل عامر نواز ۽ سندس وڪيل ساٿي ڪاظم بار جي آفيس ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. وڪيل عامر نواز فيسبڪ هلايو، ڏنائين تہ چولستان ڪئنال تي هلندڙ ڪم جو سيد زين شاهہ جو لائيوِ ويڊيو هلي رهيو آهي.

عامر نواز ويڊيو ڏسي ڪاظم جو ڌيان ڇڪائيندي چيو، " هيءُ لائيوِ ٻڌو."

ٻنهي ڄڻن سيد زين شاهہ جو پيغام ٻُڌو.

عامر نواز موبائل بند ڪري چيو "ڪاظم حڪمرانن جي مَن مستي ڏسو، سنڌ مسلسل ڪئنالن خلاف جدوجهد ۾ آهي ۽ هُو ڪئنالن تي ڪم هلائي رهيا آهن. آءُ پنجاب جو ڊوميسائيل رکندڙ آهيان، پر پيشي خاطر سنڌ ۾ رهان ٿو، سنڌ جو ڪاوان ٿو،اسان کي جدوجهد جو حصو ٿيڻو پوندو. احتجاجن، جلسن، جلوسن ۽ ريلين کان مٿاهون ٿي تحريڪ کي طاقتور موڙ تي ڪٺي هلڻو پوندو. هاڻي سوچڻ جيترو بہ وقت نہ بچيو آهي."

ڪاظم وراڻيس، "ڳڻتيءَ جوڳي خبر آهي."

عامر نواز پڇيس، "پوءِ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا ڪيس ڪورٽ ڪٺي هلجي؟"

ڪاظم وراڻيس، "جيڪڏهن ڪورٽ سڀڳوريءَ جو دروازو کڙڪائبو تہ ڪم روڪجڻ جو حڪم اچي سگهي ٿو. ڪم روڪجڻ جي صورت ۾ ڪئنالن خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ ماٺار اچي ويندي. اڳتي هلي ڪورٽ ڪم جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ٿي تہ اسان وٽ افسوس ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ بچندو. تنهنڪري ٻرنديءَ کي ٻارجي. ان عمل لاءِ بهترين ۽ پرامن طريقو هيءُ آهي تہ ڌرڻو هڻي پنجاب جي رسد بند ڪرڻ کپي. ماضيءَ ۾ حڪومت سنڌو درياءَ مان پاڻي کڻڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ جو منصوبو جوڙيو هو، ان منصوبي



خلاف سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي هئي. قوم پرست اڳواڻن ڪمون شهيد وٽ ڌرڻو هڻي ڪالاباغ منصوبي تي ڪم روڪرايو هو جيڪو اجان تائين رُڪيل آهي، هن وقت بہ ڌرڻو هڻي پنجاب جي رسد بند ڪري حڪومت ۽ پنجاب جا گوڏا ڪوڙائي سگهجن ٿا ۽ اهو ڌرڻو تيستائين جاري رهڻ کپي جيستائين ڪئنالن رد ٿيڻ جو حڪم نامو جاري نہ ٿو ٿئي ۽ ان سان گڏ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبي کي رد ڪرڻ جو مطالبو رکڻ کپي."

عامر نواز چيس، "اهو قدم اسان کي کڻڻ کپي. اسان وٽ قانوني طاقت بہ آهي تہ تنظيم بہ آهي. سڄي سنڌ جي بارن کي شريڪ رهڻ لاءِ پابند ڪنداسين."

ڪاظم وراڻيس، "اهو بهتر عمل آهي قومي فرض ادا ٿيندو."

عامر نواز پڇيس، "اسان جي ان عمل ۾ سنڌي قوم ساٿ ڏيندي؟"

ڪاظم وراڻيس، "اميد آهي تہ قوم پرست ڌرين جيڪو سنڌي قوم ۾ شعور پيدا ڪيو آهي، اهو شعور اسان سان گڏجي ويندو."

عامر نواز پڇيس، "ڌرڻو ڪمون شهيد وٽ هڻڻو پوندو؟"

ڪاظم وراڻيس، "نہ هن وقت ٻېرلوءِ باءِ پاس شاهراهن جو چوڪ آهي. ٻېرلوءِ بند ٿيندو تہ اڳتي ڪِوِل بہ نہ نڪري سگهندي."

عامر نواز چيو "سڀاڻي هڪ بجي آفيس ۾ عهديدارن جو اجلاس سڏايو صلاح مصلحت ڪيون."

ڪاظم عهديدار وڪيلن کي ڪال ڪري ميٽنگ جو ٻڌايو. ڪورٽ سڀڳوريءَ جو وقت ختم ٿيو. عامر نواز ۽ ڪاظم موڪلائي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا.

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پريس ڪلب ڪراچيءَ ۾ بک هڙتال تي ويهي رهيو. قوم پرست اڳواڻ، ساڃاهہ وند ۽ قومي ڪارڪن يڪجهتيءَ طور ملڻ لاءِ ويندا رهيا.

صبح جو عامر نواز ڪورٽ ۾ ويو ڪم ڪار لاهي هڪ بجي آفيس ۾ وڃي ويٺو ٿوري دير ۾ ڪاظم ۽ وڪيل عهديدار وڃي پهتا.

ميٽنگ شروع ٿي عامر نواز چيو "اٺن مهينن کان سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪيڻ جي منصوبي خلاف سنڌ ۾ جدوجهد هلي رهي آهي حڪمرانن جي مٿي تي جونءِ نٿي چُري. پنجاب چولستان ڪئنال تي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪو منظر ڪالهہ قوم پرست اڳواڻ سيد زين شاهہ چولستان جي

سرزمين کان لاٿيو هلائي ڏيکاري رهيو هو، اوهان بہ ضرور ڏٺو هوندو. وڪالت فقط پيشو نہ پر جدوجهد جو نالو بہ آهي ڪالهہ مان ۽ ڪاظم صلاح ڪئي تہ سنڌوءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ خلاف ٻيرلوءِ باءِ پاس تي ڌرڻو هڻجي ان لاءِ اوهان کي صلاح لاءِ سڏايو آهي."

سمورن عهديدارن فيصلي جي تائيد ڪندي چيو "اهو قدم کڻڻ گهرجي. اسان بہ قوم جو حصو آهيون اسان تي بہ سنڌو جي ذميداري آهي."

عامر نواز ڪاظم کي چيو "سڀاڻي گڏيل اجلاس سڏايو ۽ صحافين کي بہ سڏايو تہ جيئن فيصلي جي منظوري وٺي پڌرائي ڪئي وڃي."

ڪاظم بار جي سمورن ميمبرن کي اجلاس جو اطلاع ڏنو. ڪورٽ جو وقت ختم ٿيو وڪيل هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا.

صبح جو وڪيل بار جي ڪانفرنس حال ۾ گڏ ٿيندا رهيا سمورا ميمبر پهچي ويا، اجلاس شروع ڪيو ويو. عامر نواز چيو "سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ خلاف ٻيرلوءِ باءِ پاس تي ڌرڻو هڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسان جا بہ مطالبا هوندا ڪئنال منصوبو ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبو رد ڪرائڻ ۽ اسان جو ڌرڻو تيسيتائين جاري رهندو جيسيتائين حڪومت ٻئي منصوبا رد ڪرڻ جو حڪم نامو جاري نٿي ڪري. ان فيصلي تي اوهان پنهنجي راءِ ڏيو."

عهديدارن ۽ بار جي سمورن وڪيلن فيصلي کي ساراهيندي مڪمل حمايت ۽ ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. وڪيل ڪاظم صلاح رکي تہ ڌرڻي سان گڏ ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪرڻ کپي ڪاظم جي صلاح جي سمورن وڪيلن تائيد ڪئي. اجلاس ختم ڪري، عامر نواز عهديدارن ۽ سينئير وڪيلن سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندي وفاقي حڪومت کي ٻاهتر ڪلاڪن جو چتاءُ ڏيندي چيو تہ، جيڪڏهن سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبا رد نہ ڪيا ويا تہ ٻيرلوءِ باءِ پاس تي ڌرڻو هڻنداسين ۽ اسان جو ڌرڻو مطالبا منظور ٿيڻ تائين جاري رهندو. ڌرڻي ۾ رخنو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ان جي ذميوار حڪومت هوندي، ڌرڻي سان گڏ اسان جو ڪورٽن کان بائيڪاٽ بہ جاري رهندو.

---



وڪيلن جي ڌرڻي جي اعلان سان قوم ۾ اُتساهہ جي چڻنگ ٻري پئي. سنڌ ۾ هلچل مچي وئي، حڪومت پريشانيءَ ۾ وڃي وئي.

مسلسل بک هڙتال تي ويٺل ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ جي طبعيت خراب ٿيڻ لڳي. بلڊپريشر گهٽجي وڃڻ ڪري گلوڪوز جي ٿيلهي لڳائي وئي. قوم جي رت ۾ ڪاوڙ ۽ غصو گردش ڪرڻ لڳو. جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيو يڪجهتيءَ طور ڪئمپ تي ويا.

---

ساگر گهر مان نڪتو ڏسي تہ نيشنل هاءِ وي تي هڪ شخص ولي محمد پنهنجي زال سان گڏ مٿي تي قرآن شريف رکي تپيدار خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي.

ساگر اڳتي وڌي پڇيس، "توهان سان ڇا مسئلو آهي؟"

ولي محمد وراڻيس، "تپيدار ڳوٺ جي وڏيري ڪرموءَ کي منهنجي زمين جو کاتو تبديل ڪري ڏنو آهي. مون سان ظلم ٿيو آهي."

ساگر ولي محمد جو بيان لائيوِ ڏيکاري گهر هليو ويو. رات جو تپيدار ساٿي تپيدارن سان گڏجي پوليس اسٽيشن تي وڃي ساگر خلاف اين سي داخل ڪرائي تہ مون کان ڦر ڪري ڪاغذ کٽي ويو آهي ۽ مون تي تشدد ڪيو آهي. صوبيدار اين سي داخل ڪري بہ سپاهي در تي موڪليا. ساگر سپاهين سان وڃي ٿاڻي تي صوبيدار اڳيان احتجاج ڪندي ويڊيو ڏيکاريندي چيو تہ، "تپيدار هيءُ ظلم ڪيو آهي مان ويڊيو لائيوِ هلايو آهي تہ مون تي ڦر جي اين سي داخل ڪئي وئي آهي." ساگر لائيوِ هلائي شهرين ۽ ساڃاهہ وندن کي اپيل ڪري ٿاڻي اڳيان صوبيدار ۽ تپيدار خلاف ڌرڻو هڻڻ لاءِ چيو.

صوبيدار ساگر کي منٿ ڪري لائيوِ بند ڪرائي تپيدار کي چيو "ساگر کان معافي وٺ نہ تہ توتي ڪوڙي اين سي داخل ڪرائڻ جي ايف آءِ آر ڪري لاڪپ ڪندس."

تپيدار ڏڪي ويو ساگر اڳيان ٻانهون ٻڌي معافي گهريائين.

ساگر وراڻيس، "ولي محمد کي کاتو پنهنجي نالي تي ڪري ڏي."

تپيدار مطالبو مڃيندي، ٽاٽي تي لکت ڪئي تہ هو پندرهن ڏينهن ۾ ڪاتو تبديل ڪري ڏيندو، ساگر ۽ تپيدار ۾ صلح ٿيڻ ڪان پوءِ صوبيدار ٻنهي کي وڃڻ لاءِ چيو.

ساگر ٻاهر نڪتو سوين شهري ۽ ساڃاهہ وند ٽاٽي جي دروازي تي گڏ ٿي ويا هئا.

ساگر سمورن ساڃاهہ وندن جو شڪريو ادا ڪندي چيو "مسئلو حل ٿي ويو آهي، اوهان جي مهرباني."

شهري ۽ ساڃاهہ وَند واپس هليا ويا. ساگر نيشنل هاءِ وي تي وڃي ولي محمد کي چيو، "تون زال کي وٺي واپس گهر وڃ، رات ٿي وئي آهي توکي پندرنهن ڏينهن ۾ تپيدار ڪاتو تنهنجي نالي ڪري ڏيندو." ولي محمد شڪريو ادا ڪري زال کي وٺي ۽ قرآن شريف کڻي واپس گهر هليو ويو.

---

وڪيلن جي چتاءَ کي انيتاليهہ ڪلاڪ گذري ويا حڪومت نوٽيس نہ ورتو. عامر نواز وڪيلن کي ساڻ وٺي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ جي بک هڙتال ڪئمپ تي وڃي گذارش ڪئي تہ، توهان بک هڙتال ختم ڪري اسان سان ڌرڻي ۾ هلي ويهو. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي وڪيلن کي مان ڏيندي بک هڙتال ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

---

وڪيلن پاران حڪومت کي ڏنل ٻاهتر ڪلاڪن جي چتاءَ جو مدو پورو ٿيو پر حڪومت ڪو نوٽيس نہ ورتو.

عامر نواز وڪيل ساٿين سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو، " اسان جو سڀاڻي يعني 18 اپريل 2025ع تي ٻيرلوءِ باءِ پاس تي ڌرڻو لڳندو. اسان ڪراچيءَ مان نڪرنداسين وڪيل برادري ۽ عوام اسان جو ساٿ ڏئي."

پريس ڪانفرنس ختم ڪري وڪيلن اجلاس شروع ڪيو. اجلاس ڊگهو هليو جنهن ۾ ٻيرلوءِ ڌرڻي لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي. اجلاس ختم ڪري وڪيل پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا، عامر نواز ٻن ساٿين وڪيلن



امجد ۽ آريان سان گڏ روانو ٿيو. رستي ۾ عامر نواز مٿان چاقن سان قاتلاڻو حملو ڪيو ويو. ساٿي وڪيلن عامر نواز جي جان بچائي ورتي سندس مٿي ۽ ٻانهن ۾ زخم رسيا عامر نواز کي ساٿي وڪيل اسپتال کڻائي ملم پٽي ڪرائي. عامر نواز پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس شروع ڪئي، ڪيس مٿي تي پٽي ٻڌل ۽ شرٽ تي رت لڳل هيس، هن رياست تي الزام هڻندي چيو تہ، ٻيرلوءِ ڌرڻو هٽڻ ڪان روڪڻ جي سازش آهي.

هن واضح چيو تہ رياست مون تي حملو ڪرايو آهي، مان هر صورت ۾ ڌرڻو هٽندس. حڪومت پنهنجي حرڪتن ڪان باز اچي. ڪافي وڪيل پريس ڪلب پهچي ويا. پريس ڪانفرنس ختم ٿي وڪيل دوست ڪيس حفاظت سان گهر ڇڏي آيا.

# 5

ٻيرلوءِ خيرپور ضلعي جو قديم شهر آهي. خيرپور سائو ستابو ۽ خوبصورت ضلعو آهي. جنهن جو معاشي ذريعو زراعت، گئس ۽ کجين جا باغ آهن. خيرپور جي ناري تعلقي مان گئس نڪري ٿي، ڪوٽ ڏيجي تعلقي جي جبلن جو پٿر پڻ قيمتي آهي. ٻيرلوءِ کجين جي ڊگهن وڻن ۽ وڏن باغن جي وچ ۾ آڏيل شهر آهي. کجين جا سوين باغ ٻيرلوءِ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن جون معاشي حالتون ۽ خوبصورتي وڌائي رهيا آهن. ٻيرلوءِ جا ماڻهو امن ۽ ترقي پسند آهن. ٻيرلوءِ ۾ رهندڙ ٻير ذات جي اڪثريت هئڻ ڪري شهر تي نالو ٻيرلوءِ پيو هو.

مغل بادشاهه همايون، شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي سکر اچڻ جو ارادو ڪيو. سکر جي گورنر همايون بادشاهه کي سکر ۾ اچڻ نه ڏنو. همايون ٻيرلوءِ وچي ٻن مهينن تائين ٻيرلوءِ جي باغن ۾ رهي پيو ان دوران گورنر سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليس پر هو پاڻ ملڻ لاءِ نه ويس. همايون جي وڏي فوج ٻيرلوءِ جا چار مشهور باغ ويران ۽ تباهه ڪري ڇڏيا. جڏهن کاڌ خوراڪ ختم ٿي ويس ته همايون لشڪر کي ٺٽي طرف هلڻ جو چيو.

مرزا شاهه حسن ۽ جام فيروز جي پاڻ ۾ لڙائي لڳي هئي. مرزا شاهه حسن جام فيروز کي شڪست ڏئي ٻيرلوءِ وچي شڪار ڪيو ۽ بعد ۾ ملتان هليو ويو.

ارغونن جي دور ۾ ٻيرلوءِ سنڌ جو اهم علمي مرڪز هو. ڏهين صديءَ جي وچ ۾ ٻيرلوءِ ۾ هڪ وڏي درسگاهه هئي جيڪا ”مرزاعي درسگاهه“ جي نالي سان مشهور هئي. ان درسگاهه جي عمارت ڏاڍي شاندار ۽ خوبصورت هئي. همايون مغل بادشاهه جلاوطنيءَ دوران ان درسگاهه جي عمارت ۾ ترسيو هو ۽ رمضان



مهيني جي اٺاويهين تاريخ 947 هجريءَ بمطابق 1540ع جمعي جي نماز ان درسگاهه جي مسجد ۾ ادا ڪئي هئي. هن درسگاهه کي بکر جي بادشاهه سلطان محمود سال 1558ع ۾ برباد ڪري ڇڏيو.

---

18 اپريل جي صبح جو وڪيل برادري هاءِ ڪورٽ ڪراچي بار ۾ گڏ ٿيڻ شروع ٿي وئي. بار جي عهديدارن ۽ سينيئر وڪيلن اجلاس ڪري حڪمت عملي جوڙي. ايڊووڪيٽ سنڌوءَ جي قيادت ۾ وڪيل عورتون اجلاس ۾ شريڪ هيون. اجلاس ختم ڪرڻ کان پوءِ عامر نواز جي قيادت ۾ وڪيلن جو قافلو ٻيرلوءِ ڏرڻي لاءِ نڪتو.

ٻيرلوءِ ۾ خيرپور بار جا وڪيل، وائيس آف خيرپور، قومي سياسي ۽ سماجي ڪارڪن، ساجاهه وند ۽ سکر بار جا وڪيل ٻيرلوءِ بائِ پاس تي ڌرڻي جي تياري ۾ لڳي ويا. روڊ تي وڏو شاميانو هڻي هيٺان گلم وڇايا ويا. اسٽيج تيار ڪئي وئي، موٽر تي هلڻ وارا پکا رکيا ويا، ٻنهي طرفن کان سياسي ۽ سماجي اڳواڻن طرفان ٺڏي ۽ مٺي پاڻيءَ جون سبيلون لڳايون ويون. سياسي ۽ سماجي ڪئمپن تي لائوڊ اسپيڪر رکي سنڌوءَ جا گيت هلايا ويا. وڪيلن ۽ سياسي ورڪرن ڌرڻي جو انتظام سنڀالي ورتو. ڌرڻي جي ٻنهي طرفن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون.

وڪيلن جو قافلو ڊگهو هو سفر جو نبيرو نه ٿي رهيو هو قافلو اٺين بجين رات جو ڄامشورو پهتو ته ڄامشوري جي وڪيلن، سياسي ڪارڪنن ۽ ساجاهه وندن قافلي جي شاندار آجيان ڪري، مٿن گلن جي ورڪا ڪندي ڪئنالن خلاف زوردار نعرا هنيا. قافلو نوين بجي حيدرآباد شهر پهتو جتي حيدرآباد بار جي وڪيلن، قومي سياسي ڪارڪنن، ساجاهه وندن ۽ عوام ڀرپور آجيان ڪندي گلن جي ورڪا ڪري ڪئنالن خلاف جذباتي نعرا هنيا. حيدرآباد ۾ قافلو جلسي جي صورت اختيار ڪري ويو جنهن کي وڪيل اڳواڻن خطاب ڪيو.ٻيرلوءِ وڃڻ لاءِ حيدرآباد جا وڪيل قافلي ۾ شريڪ ٿي ويا.

قافلو حيدرآباد کان نڪري ٻيرلوءِ طرف جوش ۽ جذبي سان روان دوان هلڻ لڳو. شهرن، چوراهن، چوڪن ۽ ننڍين وڏن اسٽاپن تي عوام طرفان سندن پرجوش آجيان ٿيندي رهي.

ساگر وڪيل ڪاظم سان رابطو ڪري سنڌو نگر ۾ مهراڻ ريسٽورنٽ تي قافلي کي بيهڻ لاءِ وقت گهريو وڪيل ڪاظم قافلو بيهڻ جي پڪ ته ڪرائيس پر پهچڻ جو وقت ٻڌائڻ کان لاچاري ڏيکاريس. ساگر شهر مان گُل، سنڌي ٽوپيون، اجرڪ ۽ لُنگيون وٺي تياري ڪري قومي سياسي، ڪارڪنن، ساڃاهَ وندن ۽ صحافين سان گڏ سڄي رات انتظار ڪندو رهيو.

وڪيلن جو قافلو باک ڦٽيءَ مهل سنڌو نگر مهراڻ ريسٽورنٽ تي پهتو. شايد سڄ قافلي جو سنڌو نگر پهچڻ جي انتظار ۾ رُڪيل هو. جيئن قافلو پهتو سڄ پنهنجا پهريان گيڙوءَ رنگ ڪرڻا ريلي مٿان نڇاور ڪيا. ساگر اوچن ڳاٽن ۾ گلن جا هار، اجرڪ، ٽوپيون ۽ لُنگيون پارايون. وڪيل اڳواڻَ گاڏين مان لهي فريش ٿيا، نيرن ۾ اوڦراٽا، ڇولا، آنا، ڏهي ۽ چانهه ڏني وئي. سڄ آسمان تي معصوم ٻار جيان ٻانبڙا ڏئي رهيو هو، ان وقت سنڌو نگرَ قافلي کي الوداع ڪيو. ساگر قافلي ۾ شامل ٿي ويو. رستي ۾عوام جو تعداد وڌندو ويو ۽ هر هنڌ قافلي جو شاندار استقبال ٿيندو رهيو.

روڊ تي سوين گاڏيون بيهي ويون. روڊ جو هڪ پاسو قافلن جي اچڻ لاءِ ڇڏيو ويو. ڌرڻي ۾ هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويا. جيڪي رات کان وٺي قافلن ۽ ٽولن جي صورت ۾ ڌرڻي ۾ پهچندا رهيا. ڌرڻي ۾ شريڪ سنڌوءَ جا عاشق وڪيل، قومي ڪارڪن ۽ ساڃاهه وند قافلي جي پهچڻ جو مجنون کي ليلا سان ملڻ جي سِڪَ جهڙو انتظار ڪري رهيا هئا، سڄ جي ڪرڻن ۾ الهڙ جواني واري ڪنواري بدن جي گرميءَ جهڙي تپش هئي ته قافلو ٻيرلوءِ جي سرزمين تي وڃي پهتو. عوام ٻاهر نڪري جذبي، پاٻوهه اتساهه ۽ ڪئنالن خلاف نعرن جي جذباتي منظر سان آڌرڀاءُ ڪيو. وڪيلن ٻانهن جون زنجيرون ٺاهي عامر نواز کي حفاظت سان اسٽيج تي وٺي آيا. سنڌي قوم طرفان ملندڙ بي پناهه عزت ۽ محبت کي ڏسندي عامر نواز جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. عامر نواز جذبات ۾ اچي تقرير ۾ پهريان لفظ چيا ”هاڻي موٽڻ مهڻو آهي.“ قوم پاڻ کي ننڌڪو نه سمجهي مان ساٿين سميت قوم سان سنڌوءَ جو قسم کڻي واعدو ڪيان ٿو ته جيسيتائين



سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن رد ٿيڻ جا حڪم ناما نٽا ملن. تيسيتائين اسان ٻيرلوءِ مان واپس نه ويندا سين. اسان پاڻ سان گڏ ڪفن به کڻي آيا آهيون ته وچن به کڻي آيا آهيون ۽ جذبو به کڻي آيا آهيون، آخر ۾ عوام جو شڪريو ادا ڪندي اپيل ڪيائين ته عوام وڌ کان وڌ شريڪ ٿئي، جيڪا شرڪت اسان لاءِ آٿت هوندي.

ڌرڻي ۾ عورتن جو وڏو انگ شريڪ هو. جنهن جي اڳواڻي ميڊم شهناز شيخ ڪري رهي هئي. ميڊم شهناز شيخ عورتن جي حقن ۽ سماجي ڪمن ۾ متحرڪ ڪردار هئي. ڌرڻي ۾ ميڊم شهناز شيخ جي ٽڏي ۽ مني پاڻيءَ جي سبيل به لڳل هئي. ڌرڻي ۾ ڪئمپن تي لڳل ايڪو سائونڊن تي هلندڙ قومي مزاحمتي گيتن تي ڳڀرو جوان ٻيرلوءِ جي ڪچين جي ڦريءَ مان ٺهندڙ موڪيءَ جهڙي شراب ۾ مدهوش ٿي رقص ڪندا رهيا. هر نوجوان وٽ دل ”ڇيءَ“ جهڙي دماغ ”اسٽالن “ جهڙو ۽ محبت ”ماروِيءَ“ جهڙي هئي، قومي ٻڌي، قومي ايڪو ۽ قومي اتساهه شينهن جهڙي مُرڪ مرڪي رهيو هو. عوام جلوسن ۽ ٽولن جي صورت ۾ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندو رهيو.

ماڻهو پاڻ سان گڏ پاڻي، شربت، جوس ۽ پڪل ديڳيون کڻي سنڌوءَ جي عاشقن ۾ ورهائيندا رهيا. ڌرڻي ۾ شريڪ واقفڪار ڪئنال نامنظور جو نعرو هڻي ڳراٽيون پائي ملي رهيا هئا. ڌرڻو قومي ڪٽنب بڻيل هو. ڪا اڻوڻندڙ ڳالهه نظر نه اچي رهي هئي، نظم ۽ ضبط به مثالي هو. ڌرڻي ۾ سنڌ دشمنن خلاف نعرا ۽ مزاحمتي قومي گيت شريڪ رهندڙن کي مصروف رکيو ويٺا هئا.

ڌرڻو صدر مملڪت، پنجاب ۽ سنڌ حڪومت خلاف کُليل ڌڪار ۽ نفرت جو اظهار ڪري رهيو هو. سنڌي سماج جي پريت ۽ ريت ڌرڻي ۾ شامل هئي، ڌرڻي ۾ شامل ٻارڙا، ونيون، نياڻيون، وَرَ شاگرد، هاري ناري، وڪيل، ڊاڪٽر، انجنيئر، ساڃاهَ وند، سماجي اڳواڻ، قومي ڪارڪن ۽ تخليقڪارن جي شموليت قومي ٻڌيءَ ۾ روح ڦوڪي رهي هئي، ڌرڻي ۾ محبت ۽ پنهنجائپ جي سڳنڌ اچي رهي هئي، وڏي ڳالهه ته نئڻ اُسَ ۾ عوام پاڻ مرادو ڏورانهن علائقن کان سفر ڪري شريڪ ٿي رهيو هو. جيڪو سنڌوءَ جي محبت جو معجزو هو. ڌرڻي ۾ حڪومت ۽ پنجاب خلاف نفرت ۽ غصو هر ماڻهوءَ ۾ هڪ جيترو ڇُلڪي رهيو هو. ڌرڻي مان واپس ورندڙ جو ذهن ۽ ضمير مطمئن ۽ قومي مسرت

ماٺي رهيو هو ۽ پنهنجن پيارن ۽ عزيزن کي ڌرڻي ۾ وڃڻ جون صلاحون ڏئي رهيو هو.

رات گهڻي لڙي وئي هئي. ساگر ڌرڻي مان نڪري واپس سنڌو نگر هليو ويو.

گهر وڃي والد کي چيائين، "بابا توهان دڪي تي ويندا رهجو. جيسيتائين ڌرڻو هليو مان ويندو رهندس."

سيٺ شريف وراڻيس، صحيح آهي پُٽ مان دڪي تي ويندو رهندس."

ساگر آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

صبح جو تيار ٿي هن سوشل ميڊيا کولي ڏٺي ته ٻهرلوءِ ڌرڻي سان يڪجهتيءَ طور سڄي سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ ڌرڻا لڳي ويا آهن. سياسي ڪارڪن ۽ باشعور نوجوان ڌرڻن ۾ ويهي رهيا آهن. ساگر گهر کان نڪري نيشنل هاءِ وي تي ويو ته سندس دوست امتياز پئي ويو ان کي سڏ ڪري روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيو. هوريان هوريان شهري، ساجاهَ وَند ۽ قومي ڪارڪن ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيندا رهيا. ڌرڻو رات جو ڏهين بجي تائين هليو. پوليس آفيسر ساگر کي منٿون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو. عوام واپس هليو ويو.

ڪريم ڌرڻي ۾ موجود هو ساگر ۽ ڪريم گهرن ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتا.

ساگر چيس، "ڪريم سڀاڻي توهان مون سان گڏ ٻهرلوءِ ڌرڻي ۾ شرڪت لاءِ ضرور هلجو."

ڪريم وراڻيس، "مان هلندس."

ساگر چيس، "ڪئمپن تي پاڻيءَ جي ضرورت پوي ٿي مان صبح جو سوير اُٺي هڪ ڪارگو منرل پاڻيءَ جو پرائي ڌرڻي ڏانهن موڪليندس. پويان پاڻ هلنداسين يارهين بجي تيار رهجو. هو هڪٻئي کان موڪلائي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا."

صبح جو ساگر تيار ٿي گاڏي ڪڍي دڪي تي هليو ويو.

منور کي چيائين، "هيءُ پئسا وٺ هڪ سئو ويهه ڪارٽون منرل واٽر جا وٺي ڪارگو ڪرائي ٻهرلوءِ ڌرڻي ڏانهن موڪل مان پويان وڃان ٿو."

منور هليو ويو. منرل جو پاڻي وٺي ڪارگو ڪرائي ان تي رکرائي ڊرائيور کي چيائين، "ٻهرلوءِ ڌرڻي ۾ کڻي وڃ سيٺ پويان اچي ٿو."

ڊرائيور وراڻيس، "سيٺ جو موبائيل نمبر مون کي ڏي."



منور موبائيل ڪڍي ساگر جو نمبر ٻڌايس.

منور واپس دڪي تي هليو ويو.

هڪ مزدور شهري جاڳڻ دڪي تي آيو.

ساگر هٿ ملائي ويهاري پڇيس، "احوال ڏي ڪيئن آيو آهين؟"

جاڳڻ بي وس لهجي ۾ چيس، "سيٺ توهان مون کي بازار ۾ سبزيءَ جو ريڑهو هلائيندي ڏسندا آهيو. منهنجو پٽ آءِ بي اي ۾ پڙهي رهيو آهي جنهن پهرين سال ۾ پوزيشن حاصل ڪئي آهي نئين سال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ مون وٽ پئسا ناهن. سڀاڻي چالان جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي. مان منجهي پيو آهيان منهنجي مدد ڪيو."

ساگر پڇيس، "چاچا جاڳڻ ننڍڙي لاءِ گهڻي فيس ٿي ڪپي؟"

جاڳڻ وراڻيس، "سيٺ چوهتر هزار ڪپن." ساگر سوچ ۾ گم ٿيندي موبائل کڻي دوست کي فون ڪري چيو "هڪ مزدور جو پٽ آءِ. بي. آءِ جهڙي بهترين اداري مان فيس نه هئڻ جي ڪري رهجي ٿو پيو وڃي ان جو والد آيو آهي. اڌ پئسا تون ڏي، اڌ مان ڏيان ٿو ڪنهن غريب جو معصوم پڙهي پوي."

ڪيس دوست اڌ فيس ڀرڻ جي خاطري ڪرايس.

ساگر جاڳڻ کي اوڻيتاليهه هزار ڏيندي چيو "ضمير وٽ وڃ باقي پئسا توهان کي ڏيندو. پوءِ وڃي چالان جمع ڪراءِ."

جاڳڻ سندس شُڪريو ادا ڪري پئسا وٺي ضمير سان وڃي مليو. ضمير پنجٽيهه هزار ڏنس جاڳڻ ضمير کي دعائون ڪندو بئنڪ تي وڃي چالان جمع ڪرايو.

ساگر منور کي چيو "بابا اچي ٿو خيال رکجانءِ مان هلان ٿو."

ساگر گاڏي ڪڍي ڪريم کي کڻي ڌرڻي ڏانهن هليو ويو. رستي ۾ ڪوئلي جون ٽرڪون لٽيون پيون هيون. ڪوئلي مان ٻاهر ٻري رهي هئي. ساگر بريڪ هڻي گاڏيءَ مان لهي موبائيل تي لائيو ڏيڪاريندي چيو "هيءُ ڪوئلو اسان جي ٿر مان نڪتل سون جهڙو قيمتي آهي، جيڪو پنجاب ڏانهن ويندو رهندو آهي. قوم پرست تنظيمون هن ڪوئلي جي پنجاب ڏانهن کڻي وڃڻ جي نشاندهي ڪنديون رهيون آهن. هيءُ ثبوت آهي ان جو ڊرائيورن گاڏين جي سڙڻ جي خوف کان لاهي ڦٽي ڪيو آهي." هو گاڏيءَ ۾ ويهي ڌرڻي ڏانهن آيا.

ڪارگو جي ڊرائيور ساگر کي ڪال ڪري پڇيو "سيٺ توهان ڪٿي پهتا آهيو. مان پيٽرول پمپ تي اچي بيٺو آهيان." ساگر وراڻيس، "اتي بيهه مان به پهچي ويو آهيان."

ساگر گاڏي بيهاري ڪارگو تان پاڻي لهرائي هر ڪئمپ تي پهچائي ڊرائيور کي ڪرايو ڏئي واپس ڪري ڇڏيو.

ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ قومي ڪارڪن بينل گاڏين جي ڊرائيورن کي پاڻيءَ جون بوتلون، جوس، چانهه ۽ ماني ڏئي رهيا هئا ۽ مسافر گاڏين کي محفوظ رستي کان گذر ڪرائي رهيا هئا.

ڊرٽي ۾ هڪ معزور شخص اُس ۾ گرم روڊ تي گيسيون پائيندو شامل ٿي رهيو هو. ساگر ۽ ڪريم شاماڻي هيٺيان معزور جي اچڻ جي انتظار ۾ بيهي رهيا. جيئن معزور شخص گلم تي آيو ته ٽڏو ساهه پيري ترسي پيو پنهنجي بدن کي اُٿلائيندو پُٿلائيندو رهيو.

ساگر ڪئمپ تان جوس جو پاڪيٽ وٺي کيس ڏنو. هن جوس پيئي پاڪيٽ خالي ڪيو. ساگر خالي پاڪيٽ وٺي پاسي تي اُڇلائي اچي سندس پيرن ۾ ويهي پيار سان پڇيائين، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"منهنجو نالو مَدن آهي." هن وراڻيس.

ساگر پڇيس، "هن تتهڻ اُس ۽ گرم روڊ تون ڇو آيو آهين؟"

مدن پيار جي سرشاريءَ ۾ وراڻيس، "سنڌوءَ جي محبت وٺي آئي آهي."

"تو وٽ زمين آهي." ساگر پڇيس.

"فوٽ پاٿن تي رات گذاريندو آهيان." مدن وراڻيس.

ڪريم چيس، "ساگر، جاگيردارن ۽ زميندارن وٽ هزارين، لکين ايڪڙ زمين آهي، انهن کي پنهنجي برباديءَ جو اُلڪو ئي ناهي، هيءُ مدن معذور آهي، زمين به نه اٿس پر آيو آهي."

مدن فخر سان وراڻيس، "مون وٽ زمين ناهي پر ضمير آهي، هو لکين ايڪڙ زمينن جا مالڪ آهن. مان ساري سنڌ جو مالڪ آهيان، معزور ته اُهي آهن جيڪي پنهنجي ۽ نسلن جي بقا لاءِ هن قومي ڪاج ۾ نٿا اَچن."

مدن جَي احساسن تي ساگر تي سنڌوءَ جي محبت حاوي ٿيندي رهي، هُو سنڌوءَ جِي محبت جَي سحر ۾ جڪڙبو ويو. ساگر جون اکيون ڪاپڙين جيان ڳاڙهيون ٿي ويون، هو برهه جي باهه ۾ پچي رهيو هو سنڌوءَ لاءِ رچي رهيو هو.



ساگر پنهنجيون اکيون مهٽي، ڪريم کي وٺي اڳتي وڌڻ لڳو ته هڪ نابين تي نظر پيس.

نابين جي ٻانهن جهلي پڇيائينس،"سنڌوءَ جا عاشق تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"منهنجو نالو درياءُ خان آهي." نابين وراڻيس

"تنهنجي اکين ۾ نور ناهي تون ڇو آيو آهين؟" ساگر پڇيس.

"اکين ۾ نور ناهي، پر حياءُ آهي، اندر جو ادراڪ منور آهي، انڌا ته اُهي آهن جيڪي پالڻهار سنڌوءَ تي آيل مهل تي گهرن ۾ ويهي رهيا آهن." درياءُ خان وراڻيس.

"تون ڏسين ته نٿو سگهين؟ پر ڇا محسوس ڪري رهيو آهين؟" ڪريم پڇيس.

"مان سنڌوءَ جي محبت جو معراج ماڻي رهيو آهيان، پنهنجاپ محسوس ڪري رهيو آهيان، محبت محسوس ڪري رهيو آهيان، قومي ٻڌي، ايڪو ۽ قومي غيرت محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ سنڌوءَ جي سونهن جي خوشبوءِ وٺي رهيو آهيان، اتساهه ملي رهيو آهي." درياءُ خان وراڻيس.

ساگر ۾ لاشعوري تڙپ پيدا ٿي، بي چيني ۾ تڙپڻ لڳو. اڳتي وڌڻ لڳو ۽ ڇڪجڻ لڳو ڪريم سندس گڏ هلڻ لڳو. اڳيان هڪ معصوم ٻار جي هٽ تي چولن جو ٿالهه هو. معصوم پني جي ٽڪري تي چولا رکي به ڪاغذ جون چمچون ناهي چولن مٿان رکي ساگر کي ڏنا. ساگر کيسي مان پئسا ڪڍي معصوم کي ڏيڻ چاهيا، پر معصوم وٺڻ کان انڪار ڪندي چيس، "چاچا پئسا نه کپن"

"ڇو؟" ساگر پڇيس.

"مون کي امان جهليو آهي ته ڊرٽي ۾ ڪنهن کان پئسا نه وٺجانءِ، حال حبيبان وچي ڪر پيش پريان." معصوم وراڻيس.

"تنهنجو والد ڇا ڪندو آهي؟" ساگر پڇيس.

"چاچا منهنجو بابا فوت ٿي ويو آهي." معصوم ڏکارو ٿي وراڻيس.

ساگر احساس جي لهجي ۾ پڇيس، "پوءِ وقت ڪيئن ٿو گذري؟"

معصوم وراڻيس، "امان پاڙي جي گهر ۾ ڪم ڪار ڪندي آهي مان چولا کپائيندو آهيان، ڪجين جي موسم ۾ امان ۽ مان باغن ۾ وڃي مزدوري ڪندا آهيون."

ساگر معصوم جي کيسي ۾ پئسا وجهندي چيائيس، "اي سنڌوءَ جا ننڍڙا غريب ۽ سنڌ جي عشق جا امير عاشق هيءَ منهنجي طرفان خرچي آٿئي."

معصوم وراڻيس، ”چاچا اها خرچي ڪنهن ٻئي پيري ڏيجو. اڄ نه ڏيو.“

”ٻئي پيري ڇو؟“ ساگر پڇيس.

”امان پئسا ڪيسي ۾ ڏسي نه وٺي!“ معصوم وراڻيس.

ساگر جي اکين ۾ لُڙڪ ڀرجي آيا ۽ مست ملنگن جيان اڳتي وڌڻ لڳو ڪريم ڪڏ هلڻ لڳس. ساگر کي پتو نه پيو پوي ته ڌرتي مان نڪري وڃان ڪاڏي ٿو؟

هو سنڌوءَ جي عاشقن جا احساسَ ڇاڻيندا، منظر ڏسندا اڳتي وڌندا رهيا. سامهون هوٽل نظر آيس ساگر لڙي پيو. ڪريم ڪڏ لڳي پيس. هوٽل تي گهڻي رش هئي، ويهڻ لاءِ ڪا جڳهه نه هئي، ڪا ڪرسي خالي نه هئي، هڪ صندل تي ٽي همراهه ويٺل هئا ٻه اڌڙوٽ عمر جا ۽ هڪ نوجوان هو. ساگر وڃي سلام ڪري ويهڻ لاءِ جاءِ گهري. ساگر جي چهري تي هيبت ڏسي اڌڙوٽ عمر جي همراهه صندل تان ٽپ ڏئي لهي چيس، ”نوجوان ويهو.“

”چاچا توهان ڇو اُٿيا سوڙهه سڪوڙ ۾ ٿوري جڳهه ڏيو. گڏجي ٿا ويهون مان گهڻو بيهي نه سگهندو آهيان.“ ساگر چيس.

”سنڌوءَ جا ڳڀرو جوان بيهَن ۽ مان ويهان ائين نه ٿيندو.“ بزرگ وراڻيس.

ساگر ويٺو ڪريم چيس، ”هوٽل تي گهڻي رش آهي بيرو نظر نٿو اچي سڀ ڪو دخل تي پئسا ڏئي چانهه پاڻ ونندو رهي ٿو مان چانهه وٺي اچان.“

ڪريم بزرگ کان پڇيو ”چاچا توهان چانهه پيئندا؟“ بزرگ وراڻيس،

”اسان هاڻي پيئي وينا آهيون. “

ڪريم چانهه ۽ پاڻي وٺي آيو.

چار نوجوان وڪيل عورتون چانهه پيئڻ لاءِ هوٽل تي آيون جڳهه نه هئي بيهي رهيون. پنج نوجوان چانهه پيئي رهيا هئا. هنن تڪڙ ۾ ڪرسيون خالي ڪري عورت وڪيلن کي جڳهه ڏئي پاڻ ڌرتي ۾ هليا ويا.

ڪريم به صندل تي پاسو هٽي ويهي رهيو. ويٺل بزرگ کي اجرڪ جو پٽڪو ٻڌل هو اجرڪ جي هڪ پاند کي ڪلف ڏنل هو جو پٽڪي جو مٿيون حصو دعا لاءِ ڪنيئل هٿن جيان بيٺو هو. بزرگ ڏاڍو سنجيده ۽ باشعور لڳي رهيو هو.

ساگر پڇيس، ”چاچا تنهنجو نالو ڇا آهي؟ “ بزرگ وراڻيس، ”منهنجو نالو لياقت علي آهي.“



ٻئي بزرگ ڏي اشارو ڪري چيائين، ”هن جو نالو علي گل آهي ۽ نوجوان جو نالو ارسلان آهي.“

”توهان ڪٿان آيا آهيو؟“ ساگر پڇيس.

”جوهي جي ڪاڇي مان آيا آهيون.“ لياقت وراڻيس.

”هنن ڪلين ۾ ڇا آهي؟“ ساگر پڇيو.

”ڪپڙا آهن ڌرتي ۾ رهنداسين.“ لياقت وراڻيس.

”گهڻا ڏينهن رهندئو؟“ ساگر پڇيو.

”ڪوشش ڪبي جيسيتائين ڌرڻو هلي ٿو.“ لياقت وراڻيس.

ارسلان چيس، ”اسان ماڻهو ماريون ٿا ان ۾ به حڪمران خوش ناهن اڄ پاڻ مرڻ لاءِ آيا آهيون، ان ۾ به خوش ناهن.“

لياقت جذبات ۾ اچي شهپر کي وٽي وڏي آواز سان مزاحمتي گيت ڳائي جهمر هڻڻ لڳو. هوٽل ۾ هڪ ڊريس ۾ ويٺل سوين ڪارن ڪوٽن ۾ لياقت شلوار قميص پهريل، مٿي تي اجرڪ ٻڌل ۽ اَڇن وڏن شهپرن سان خوبصورت لڳي رهيو هو. جنهن سمورن ويٺلن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ڇڏيو.

لياقت جي جُهمر تي وڪيل اُٿي نچڻ لڳا.

ساگر اُٿيو ڪريم پڇيس، ”هلون ڇا؟“

ساگر وراڻيس، ” توهان ويهو مان اچان ٿو.“ ساگر چار چانهيون ۽ چار پاڻيءَ جون بوتلون وٺي وڪيل عورتن ڏانهن ڪٽي ويو. وڪيل عورتون حيران ٿي ويون.

”توهان ڇو تڪليف ڪئي؟“ هڪ وڪيل ڇوڪريءَ پڇيس.

”رش هئڻ ڪري بيرو ظاهر ناهي، توهان سوير کان ويٺيون آهيو. ان ڪري مان وٺي آيو آهيان.“ ساگر وراڻيس.

وڪيل ڇوڪريءَ چيس، ”پاڻيءَ جي ضرورت ڏاڍي هئي توهان جي مهرباني توهان به چانهه پيئو.“

”مان سامهون دوستن سان گڏ چانهه پيتي آهي.“ ساگر وراڻيس.

”توهان اسان سان ويهو ته سهي.“ وڪيل ڇوڪريءَ چيس.

”مان دوست کي سڏ ڪري اچان ٿو.“ ساگر وراڻيس.

ساگر اُٿي لياقت وارن کان موڪلائي ڪريم کي ساڻ وٺي وڪيل ڇوڪرين سان وڃي ويٺو.

وڪيل ڇوڪريءَ پڇيس، ”توهان سنڌو نگر ۾ وڪيلن جي قافلي جي آجيان ڪئي هئي؟“

”ها مان آجياڻو ڏنو هو.“ ساگر وراڻيس.

”مان شڪجان پئي ڇو جو اسان گاڏيءَ ۾ ويٺيون هيوسين. توهان جو نالو ڇا آهي؟ ڇوڪري پڇيس.“

ساگر وراڻيس، ”منهنجو نالو ساگر آهي.“

ڇوڪريءَ ڇرڪ ڀري وراڻيس، ”او! منهنجو نالو سنڌو آهي. هي سرتيون آهن ماروي، صنم ۽ زينب.“

ساگر اندر ۾ ڀُڻڪيو ”هيءَ ڇا ماجرا آهي......؟ ساگر - سنڌو!“

ساگر پنهنجي ئي ڀُڻڪي کي ڀڃيت ڏئي چيو ”هيءُ منهنجو دوست ڪريم آهي.“

ساگر گم سم ٿي ويو.

”ساگر ڇو خاموش ٿي ويو آهين؟“ سنڌوءَ پڇيس.

ساگر ڇوليون هڻندي وراڻيس، ”سنڌوءَ ۾ اسان جو ساهه آهي...۽ اسان سنڌوءَ جا عاشق آهيون. هيءُ ميلو محبت جو سنڌوءَ لاءِ رچيل آهي، سنڌوءَ کان سواءِ اسان رهي نٿا سگهون، سنڌو ئي اسان جو جياپو آهي...“

سنڌوءَ جي چهري تي مُرڪ لهرون ٻڻجي اُڀري آئي.

سنڌوءَ چيس، ”اوهان سنڌوءَ سان محبت ڪريو ٿا فطرت اوهان سان پيار ڪري ٿي.“

ڪريم، سنڌوءَ ۽ ساگر تي نظر ڦيرائي ٻنهي ۾ پاڻي نه هو برهه جي باهه هئي، محبت جون لهرون هيون.

ڪريم چيو ”سنڌوءَ جو سسئي جهڙي ڪيل سفرَ ماري وڏو آهي نه ته ڪير ٿو ڪشالا ڪاٽي. اها سنڌو ندي چين جي علائقي تبت کان، هماليه جبل جي علائقي ڪيلاش کان ٿيندي مانسره ڍنڍ جي پنهنجي چشمي مان شروع ٿي سوڪ ندي، اسڪردو، شيگر ندي، هندو ڪش، گلگت ندي، نانگا پربت، استور ندي، پوٺوهار جو جابلو علائقو ڪالاباغ جو هنڌ، ڪرم ندي، گومل ندي، پنجند، جهلم، چناب، راوي، ستلج بياس، گڊو کان ٿيندي پاڻيءَ لپ بچائيندي، سکر



جي وچ مان ستين سان ملندي، موهن جي دڙي جي سار رکندي، سيوهڻ جي ٽڪرين کان ڪيٽي بندر کان ٿيندي ساگر جا چپ اَچي چمي ٿي.“

ساگر ۽ سنڌوءَ کي اڪيلي وڏندو ڏسي ڪريم اُٿي چيو ”ساگر هاڻي ڊرٽي ۾ هلڻ کپي.“

ساگر پاڻ سنڀالي اُٿيو سنڌوءَ چيس، ”ساگر ويهه.“ ساگر ويهي رهيو. سنڌوءَ چيو ”ڀرلوءِ جا ماڻهو محبتي ۽ مهمان نواز آهن.“

ساگر جي دل سنڌوءَ جي موج مستيءَ جي تيز ڌڪڙن وانگر هلندي رهي. سنڌو ڳالهائيندي رهي،

”ڀرلوءِ جي ماڻهن پنهنجا گهر خالي ڪري اسان وڪيلن ۽ ٻاهران آيل مهمانن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن، اسان جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري رهيا آهن، گهرن ۾ بجلي، موٽر، گئس ۽ اي سي جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته فورن مستري گهرائي نهرائي ڏئي رهيا آهن، صفائيءَ جو خاص عملو موجود رهي ٿو ڀرلوءِ جي ماڻهن کي سلام آهي.“

ڪچهري هلندي رهي، سنڌوءَ چيو ” هاڻي ڊرٽي ڏانهن هلڻ کپي.“ هو اُٿي ڊرٽي ڏانهن وڃڻ لڳا.

سنڌوءَ چيس، ”ساگر پنهنجو نمبر ڏي.“

ساگر نمبر ٻڌايس سنڌوءَ سيو ڪري پنهنجو نمبر ٻڌائيندي چيس، ”ان کي سيو ڪري ڇڏ.“

”ٺيڪ آهي.“ وراڻيائين.

ساگر چيس، ”رات کان وٺي اوجاڳو آهي اڄ به سڄو ڏينهن ڊرٽي ۾ لڳي ويو آهي، اسان موڪلايون ٿا.“

”سڀاڻي ضرور اچجو.“ سنڌوءَ چيس.

”ها مان ايندس.“ ساگر وراڻيس.

هو موڪلائي گاڏي ۾ ويهي واپس سنڌو نگر هليا ويا.

سنڌو پنهنجي ساٿين سان ڊرٽي ۾ وڃي ويٺي. ساگر ڪريم کي گهر لاهي پنهنجي گهر هليو ويو. گاڏي بيهاري آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

بستري تي ساگر سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ کان سواءِ پَلي جيان تڙپي رهيو هو پيار پلجي رهيو هو سنڌوءَ جي يادن جي ڇولين ۾ ٻڏندو، ترندو رهيو. ننڊ وسري ويس، تڙپي تڙپي رات گذاريائين.

صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو منور کان حال احوال ورتائين. پنهنجي دوست ممتاز کي ڪال ڪري چيائين، ”سخت گرميءَ ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت هئڻ ڪري پاڻيءَ جي ڪئمپن تي ضرورت پوي ٿي توهان هڪ ڪارگو پاڻيءَ جو ڏيو يا توهان مون سان پاڻ هلي ڪئمپن تي ورهايو.“

ممتاز وراڻيس، ”توهان ڪارگو ڪري پاڻي کڻي وڃو مان دير مدار سان ضرور ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيندس.“

ساگر منور کي چيو ”ممتاز کان منرل جو پاڻي وٺي ڪارگو تي ڌرڻي ڏانهن موڪلي جلد اچ ته مان وڃان ٿو.“

منور ڪارگو ڪرائي ممتاز کان پاڻي وٺي ڌرڻي ڏانهن موڪلي پاڻ دڪي تي آيو.

ٿوري دير کان پوءِ ولي محمد دڪي تي آيو ساگر کي هٿ ڏئي وينو.

ساگر پڇيس، ”ولي محمد احوال ڏيو.“

”سيٺ ٽپيدار منهنجي نالي تي ڪاتو ڪري ڏنو آهي اوهان جو شڪريو ادا ڪرڻ آيو آهيان.“ ولي محمد وراڻيس.

ساگر منور کي چيو ”ولي محمد کي چانهه پيار، مان هلان ٿو.“

ساگر گاڏي ڪيڏي ڊاڪٽر حسين کي وڃي چيو ” ڊاڪٽر صاحب گرمي هئڻ ڪري ڌرڻي ۾ گيسٽرو جي شڪايت هلي ٿي پئي ان لاءِ دوائون ڏيو.“

ڊاڪٽر ميڊيڪل اسٽور تان رنگر جون ڊٻون، نمڪول ۽ فليجل گورين جو ڪارٽون گهرائي ساگر حوالي ڪيو.

ساگر ڪارٽون کڻي نڪتو. رستي ۾ ڪريم کي چيائين، ” ڌرڻي ۾ گيسٽرو جي شڪايت هلي رهي آهي دوا ڏيو.“

ڪريم فهيم کي چيو ”رنگر جون ٿيلهيون، نمڪول ۽ فليجل گورين سان ڪارٽون ناهي گاڏي ۾ وڃي رک.“

فهيم ڪارٽون ناهي گاڏي ۾ وڃي رکيو.

ساگر پڇيس، ”توهان هلندا ؟“



”نثار ڪاليج ويو آهي مان نٿو هلان ڪريم وراڻيس.“

ساگر موڪلائي ڌرڻي ڏانهن هليو ويو.

هو ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ پهتو ته پاڻيءَ جو ڪارگو به پهچي ويو ساگر پاڻي لهرائي ڪئمپن تي ورهائي ڏنو. دوائون ميڊيڪل ڪئمپ تي ڏنائين.

———

سج جي تيز گرميءَ ۾ سنڌوءَ جا عاشق ننهڻ اُسِ ۾ ڳاڙها لال ٿي ويا، سندن حقيقي رنگ ٻُرڻ جهڙ نه هئو. ڪير هنن جو وار به ونگو نه پيو ڪري سگهي. توڙي جو ڪٽڪائي چڙهي وڃين، جنهن کي دنيا جو ڪو ڌوٻي پيو هر ڌوئي ته به لالاڻ نه لهين.

عوام جلوسن، ريلين، قافلن ۽ ٽولن جي صورت ۾ پهچندو رهيو. قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، ڪارڪنن جي وڏي ريلي سان پنڊال ۾ آيو ته عوام گرم جوشيءَ ۽ جذباتي نعرن سان آڌرڀاءُ ڪيس، ڪارڪن اسٽيج تي وٺي آيس.

هن تقرير ۾ سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي منصوبن کي رد ڪرڻ جي گهر ڪئي، پنڊال جوش ۾ گونجي اُٿيو.

”ڪئنال ناهيندين _ پادر کائيندين.“

” سنڌوءَ ۾ آهي ساهه اسان جو.“

جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو قافلي جي صورت ۾ ڪارڪنن سان گڏ ڌرڻي ۾ آيو عوام سندس والهانه استقبال ڪيو ڪارڪن اسٽيج تي وٺي آيس.

هن تقرير ڪندي سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪرڻ جي گُهر ڪئي. جونيئر ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ جي ڌرڻي ۾ شرڪت عوام کي خوشي، اتساهه ۽ طاقت عطا ڪئي.

عوام ۾ جذبو ٻنهه نئون ۽ تازو ٿي ويو.

———

ٻيرلوءِ ڌرڻو رياستي جبر خلاف شعور، عشق ۽ قومي ٻڌيءَ جي علامت بڻجي اُڀري پيو. رياست ڏکي رهي هئي، سنڌوءَ جا عاشق مُرڪي رهيا هئا.

ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ عوام مُسلسل رهندڙ رياستي خوف کي ذهن ۾ خيال مان ڪڍي ڇڏيو جيڪو عمل سياسي ۽ سماجي تبديلي لاءِ نئين نيند هو جنهن مان ثابت ٿي رهيو هو تہ سنڌ پنهنجي حقن ۽ وسيلن لاءِ جاڳي پئي آهي. سنڌ ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ نئين جوش، جذبي، طاقت ۽ غصي سان ميدان ۾ لٿي ۽ عوام بہ سمجهي رهيو هو تہ اسان جا حق ڪير ۽ ڪهڙي طريقي سان کائي رهيو آهي.

ٻيرلوءِ ۽ آس پاس جا ماڻهو ڏرٽي ۾ پاڻ ملهائي رهيا هئا. کاڌ خوراڪ، پاڻي، شربت ۽ چانهہ پاڻ سان گڏ کڻي ويندا رهيا. ٻيرلوءِ شهر جو رهاڪو وڪيل سيد جعفر شاھ جي ڪشادي ٿيل اوطاق وڪيلن ۽ ٻاهران آيل مهمانن جي رهائش جو مرڪز بڻيل هئي. وڪيل اڳواڻ عامر نواز ان اوطاق ۾ سياسي اڳواڻن، وڪيلن ۽ مهمانن سان ميل ملاقاتون ڪندو رهيو. سيد جعفر شاھ مهمانن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪري رهيو هو عامر نواز ڏرٽي ۾ انتشار پيدا ڪرڻ لاءِ حڪومتي چالن کان عوام کي باخبر رکڻ لاءِ اسٽيج تي ايندو رهيو تہ ان وقت ماحول جذباتي ٿيندو رهيو.

سنڌ دوست وڪيل سهيل ميمڻ هر روز ڏرٽي جو حال احوال سوشل ميڊيا ذريعي قوم کي ٻڌائيندو رهيو ۽ ڏرٽي تي نظر رکندو رهيو. سيد هارون راشدي ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ مهمان نوازي ۾ اڳيرو رهيو جنهن جي گهر مان صبح جو روزانو ڇهہ سؤ وڪيلن لاءِ تيار ٿيل نيرن ڏرٽي ۾ ايندي رهي.

---

ساگر پنڊال ۾ ويٺل سنڌوءَ سان وڃي مليو.

سنڌوءَ پڇيس، "ڪنهن مهل آيا آهيو؟ "

"هاڻي آيو آهيان." ساگر وراڻيس.

سنڌوءَ ويهڻ لاءِ چيس. ساگر ويهي رهيو.

ٿوري دير کان پوءِ سندس ساٿياڻين وڪيل ماروي ۽ زينب کي چيو تہ، "ٻاهر هلي چانهہ پيئي اچئون."

"توهان پيئي اچو. ٻاهر ڏاڍي گرمي آهي. اسان هتي ويٺيون آهيون." ماروي وراڻيس.

سنڌوءَ ساگر کي چيو "اُٿو تہ چانهہ پيئڻ لاءِ هلون."



ساگر اُٿيو سنڌو ۽ ساگر پنڊال مان نڪتا. ڏرٽي جي جوهر، محبت، جذبي ۽ جنون سان نئين عشق کي دل ۽ ذهن ۾ سنڀاليندي اڳتي وڌي رهيا هئا.

ساگر چيس، "هن ڏرٽي جي محبت جو محور سنڌو آهي."

"ساگر جي محبت سنڌوءَ جو محور آهي." سنڌوءَ وراڻيس.

هنن جو جسم عشق ۽ سج جي گرمائش تي تپندو رهيو. هُو هوٽل ۾ ويا. بہ ڪرسيون خالي پيون هيون.

ساگر سنڌوءَ کي ويهاري پاڻي، بسڪيٽ ۽ چانهہ وٺي آيو هو چانهہ پيئندا رهيا ۽ ڪچهري بہ ڪندا رهيا.

"ڏرٽي کان پوءِ پنهنجون ملاقاتون ٿينديون؟" ساگر پڇيس.

سنڌوءَ وراڻيس، "ساگر توسان ملاقات منهنجو فطري عمل آهي مان ملاقات کي وصال سمجهان ٿي. پاڻ قومي ڪاجن ۾ ملندا رهنداسين. جتي سنڌ سڏيندي اتي پهچي وينداسين."

ڪچهري هلي رهي هئي تہ سنڌوءَ کي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ جي ڪال آئي تہ، "اسان ڏرٽي ۾ پهچي رهيون آهيون."

سنڌوءَ چيس، "ساگر اٿُ تہ هلون سنڌياڻي تحريڪ جو قافلو پهچڻ وارو آهي. قافلي جو استقبال هلي ڪيون."

سنڌوءَ ماروي، زينب ۽ صنم کي ڪال ڪري چيو تہ، "ٻاهر نڪري اچو قافلو پهچڻ وارو آهي."

"مون کي ٻڌايو هان مان سنڌونگر ۾ قافلي جي آجيان جو بندوبست ڪيان هان. اجرڪ ۽ لنگيون، سوکڙيون ڪري ڏيان هان." ساگر چيس.

"ساگر مان توکي تڪليف ڏيڻ نہ ٿي چاهي." سنڌوءَ وراڻيس.

"تڪليف ناهي مهمان نوازي آهي ۽ قومي فرض آهي." ساگر چيو.

قافلو پهچي ويو سنڌوءَ جي اڳواڻي ۾ عوام شاندار آجيان ڪئي. جذباتي نعرا لڳي ويا.

"سنڌوءَ مان ڪئنال ناهيندين پادر ڪائيندين."

ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ مشهور ٿيل نعرو " ڪئنال ناهيندين پادر ڪائيندين." قوم جو معشوق نعرو بڻجي ويو. هن نعري کان اڳ سنڌي قوم جا بہ نعرا مشهور ۽ محبوب رهيا آهن جيڪي عوامي طاقت ۽ عوامي جذبي سان سرشار رهيا آهن.

پهريون نعرو وطن جي آزاديءَ جي ويڙهه ۾ جرنيل هوشو شيديءَ هنيو هو "مروسون مروسون سنڌ نه ڏيسون." ٻيو نعرو انگريز سرڪار سان وطن جي آزاديءَ جي ويڙهه ۾ سورهيه بادشاهه هنيو هو " وطن يا ڪفن_ آزادي يا موت."

---

سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪنن سنڌوءَ کي به تقرير ڪرڻ لاءِ سڏيو.

سنڌوءَ اسٽيج تي تقرير ڪندي چيو "مان پهرين ڏينهن کان ڌرڻي ۾ موجود آهيان. اڄ منهنجون ساٿياڻيون ۽ سنڌياڻي تحريڪ جون ڀينرون ڪراچيءَ کان اوهان ڀائرن سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ لاءِ پهتيون آهن. اسان وچن ڪيون ٿيون جتي اوهان جو پگهر وهندو اُتي اسان جو رت وهندو. سنڌو درياءَ لاءِ اوهان کان اول اسان سِرُ ڏينديون سين."

ڌرڻي ۾ غيرت ۽ جذبو جاڳي پيو. سڄو پنڊال ڪئنالن خلاف نعرن سان گونجي اُٿيو. سنڌو تقرير ختم ڪري پنڊال ۾ ساٿين سان ويهي رهي.

ساگر چيس، "مان واپس وڃان ٿو."

"سڀاڻي ضرور اچجان. "سنڌوءَ چيس.

ساگر موڪلائي گاڏي ۾ ويهي سنڌو نگر هليو آيو.

ساگر وٽ سنڌوءَ لاءِ محبت ۽ بي چيني وڌندي رهي، سنڌوءَ کان پري هر پل اذيت ڏئي رهيو هو. هو گهر وڃي گاڏي بيهاري سمهي پيو. نيڻ هُنَ جي وَسِ نه رهيا جو ننڊ ڪن، دل وٽس ته ڌڙڪن سنڌوءَ وٽ هئس، جسم وٽس ساهه سنڌوءَ ۾ هوس.

ساگر بستري تي تڙپندو رهيو. وقت جا ڪانٽا ڏسندو رهيو. ڌرڻي ۾ پهچڻ لاءِ صبح ٿيڻ جي اوسيئڙي ۾ بيچين هو.

---

جيئي سنڌ قومي محاذ ٻيرلوءِ ڌرڻي سان يڪجهتي طور سموري سنڌ ۾ شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏنو. قوم سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪرائڻ جي هر جدوجهد جي سڏ کي ڀرپور موٽ ڏئي



رهي هئي. صبح سان ئي سنڌ نه کلي. عوام، قومي ڪارڪن ۽ ساڃاهَ وَند روڊن تي نڪري احتجاج ڪري رهيا هئا.

ساگر صبح جو تيار ٿي ڪريم ڏانهن هليو ويو. شهر بند هئڻ ڪري ڪريم گهر ئي هو.

ساگر ملي چيس، "ڪريم حيدرآباد کان اديبن جو قافلو مشهور دانشور جامي چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ ٻيرلوءِ ڌرڻي لاءِ اچي رهيو آهي. قافلي جو پنهنجي شهر ۾ استقبال ڪرڻو آهي."

"اهو ڀلو عمل آهي." ڪريم وراڻيس،

"توهان جو قافلي سان رابطو ٿي سگهي ٿو؟"ساگر پڇيس.

ڪريم موبائل تي ڪال ڪري جامي چانڊيو کان سنڌو نگر شهر جي مهراڻ ريسٽورنٽ تي بيهڻ جو وقت گهريو.

"رستي ۾ ڌرڻا لڳا پيا آهن وقت نٿو ڏئي سگهجي پر توهان وٽ اسان ضرور بيهنداسين." جامي چانڊيو وراڻيس.

ساگر چيس، "ڪريم تون تيار ٿي مهراڻ ريسٽورنٽ تي پهچ مان گل، اجرڪ ۽ لنگيون وٺي اچان ٿو."

"شهر ته مڪمل بند آهي." ڪريم وراڻيس

"شهر جي ڪنهن دڪاندار کي گهر مان وٺي دڪان کولرايان ٿو." ساگر چيس.

ساگر رميش کان دڪان کولرائي اجرڪ ۽ لُنگيون ورتيون ۽ بازار ۾ گلن وارو صندل تي گل رکيو ويٺو هو ان کان گل وٺي مهراڻ ريسٽورنٽ تي آيو. ڪريم به اچي ويو.

ساگر ڪال ڪري ڪجهه دوستن ۽ صحافين کي به گهرائي ورتو. قافلو منجهند ڌاري سنڌو نگر جي هوٽل مهراڻ ريسٽورنٽ تي آيو ته ساگر دوستن سان گڏجي قافلي مٿان گلن جي ورکا ۽ نعرن سان آجيان ڪري هوٽل جي هال ۾ اچي ويهاريو. هال ڪشادو ۽ سهڻو نهيل هو جنهن ۾ اي سي هلي رهي هئي. ساگر مهمانن کي ٽوپيون، اجرڪ ۽ لنگيون پارايون.

اديبن جي قافلي ۾ جامي چانڊيو عرفانه ملاح، امر سنڌو، تاج جويو ۽ غلام رسول چانڊيو سميت پنجيتاليهه ڄڻا شامل هئا. صحافين جامي چانڊيو امر

سنڌو، عرفانه ملاح ۽ تاج جويو کان سنڌو درياءَ مان ڪئنالن ڪيڻ خلاف موقف ورتو. اديب موڪلائي گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا.

جامي چانڊيي ساگر کي چيو "توهان به اسان سان گڏ هلو."

ساگر وراڻيس، "مان پنهنجي گاڏي ڪيان ٿو."

جامي چانڊيي چيس، "اسان جي گاڏيءَ ۾ جاءِ آهيئ. واپسي ۾ توهان کي هتي ڇڏينداسين."

ساگر ڪريم کي چيو "ويهه گاڏيءَ ۾ ته هلون ٿا."

هو گاڏيءَ ۾ ويٺا گاڏي هوٽل مان نڪري ڌرڻي طرف هلڻ لڳي روهڙي ڪئنال مان مينهون نڪري نيشنل هاءِ وي ڪراس ڪري پنهنجي وٿاڻن ڏانهن وڃي رهيون هيون. ڊرائيور ڪوچ کي بريڪ هنين ته ميڊم عرفانه ملاح چيو ته "قوم سان گڏ مينهن به احتجاج ڪري روڊ بند ڪيو آهي."

ڪريم چيو "سنڌوءَ جي محبت جانورن وٽ به هڪ جيتري آهي، جڏهن وطن جي وجود تي خطرو لاحق ٿيندو آهي ته وطن سان سلهاڙيل هر شيءِ ڪنهن نه ڪنهن رنگ ۽ ڍنگ ۾ مزاحمت ڪندي آهي."

مينهن روڊ ڪراس ڪيو ته گاڏي اڳتي نڪتي قلمڪارن جو قافلو جيئن ڌرڻي ۾ آيو ته خيرپور ۽ سکر جي اديبن ممتاز بخاري، اياز گل، امر اقبال، ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل، روشن شيخ ۽ قومي ڪارڪنن شاندار استقبال ڪري گلن جي ورکا ڪئي. قلمڪارن جي شرڪت عوام لاءِ اُتساهه جو سبب بڻي. جامي چانڊيو کي اسٽيج تي سڏيو ويو. جنهن سنڌوءَ مان ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪرڻ جي گُهر ڪئي.

ساگر ڪال ڪري سنڌوءَ کان پڇيو "توهان ڪٿي آهيو؟"

سنڌوءَ وراڻيس، "اسٽيج جي پُٺ ۾ رکيل ڪرسين تي ويٺي آهيان."

ساگر ۽ ڪريم سلام ڪري وڃي مليَن.

"ساگر هن وقت تائين توهان ڪٿي هئا؟" سنڌوءَ پڇيس.

"اديبن جي سنڌو نگر ۾ آجيان ڪئي، ان ڪري دير ٿي وئي." ساگر وراڻيس.

ڪريم چيس، "ساگر دوستن واپسيءَ لاءِ انين بجي جو وقت ڏنو هو اٺ ٿيا آهن. هاڻي هلڻ گهرجي."

ساگر سنڌوءَ کان موڪلائڻ جي ڪئي،



سنڌوءَ چيس، "آيو به هاڻي آهين. وڃڻ جي به جلدي ٿو ڪرين؟"

ساگر چيو "ڪريم قلمڪارن کي وڃڻ ڏي سنڌوءَ جا عاشق اَڇن وڃن ٿا پيا ڪنهن سان رلي پونداسين نه ته ٻبرلوءِ جي سرزمين تي سنڌوءَ جي عاشقن جي پيرن جي ڇٽيل مٽيءَ تي سنڌوءَ جي پير ۾ سمهي پونداسين. اتر جي گهلندڙ هوا مان سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي مهڪ وٺنداسين."

سندس چهري تي سُهڻيءَ جي چهري جهڙي مرڪ تري آئي. اهڙي مُرڪ جا ميهار سان ملڻ ويل سندس مُکَڙي تي تري ايندي هئي.

سنڌوءَ چيو "چانهه پيئڻ لاءِ هوٽل تي هلجي." ساگر، سنڌو ۽ ڪريم هوٽل تي آيا. ڪريم چانهه وٺي آيو. هو چانهه پيئندا ۽ ڪچهري ڪندا رهيا.

سنڌوءَ چيس، "ساگر ڪالهه رات دير سان مان ماروي ۽ زينب سان گڏ چانهه پيئڻ آيس هڪ نوجوان سامهون ويٺو هو هو چانهه پيئندڙن کي تڪي ڏسي رهيو هو مون محسوس هن نوجوان وٽ پئسا ناهن، چانهه جي به ضرورت اٿس."

مان ان نوجوان کي سڏ ڪري پڇيو

"چانهه پيئندين؟"

نوجوان وراڻيو "ها پيئندس."

مان پڇيومانس، "تو وٽ پئسا ناهن؟"

نوجوان وراڻيو "پئسا ختم ٿي ويا آهن."

نوجوان کي چانهه پيئاري پئسا ڏنم، هو ڏاڍو خوش ٿي اُٿي ڌرڻي ۾ هليو ويو.

ڪريم چيو " ٻبرلوءِ ڌرڻو سنڌ کي نوان گس، نوان خيال، نئين ريت، نئين پريت، نئون رنگ ۽ نئون ڍنگ ڏئي رهيو آهي."

ساگر وراڻيس، "ٻبرلوءِ ڌرڻي نئون اُتساهه نئون عشق، نئون جوش ۽ نئون جذبو به ڏئي رهيو آهي."

سنڌوءَ چيو "ٻبرلوءِ ڌرڻو پيغام ڏئي رهيو آهي ته منظم جدوجهد ۽ ڌرتيءَ جي مالڪي ڪيتري اهم آهي. نئين سياسي سگهه جو آغاز ٿي رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ملڪ جا روشن خيال ۽ ترقي پسند فرد توڙي تنظيمون هن ڌرڻي کي قدر جي نگاهه سان ڏسي رهيون آهن ۽ ساراهي رهيون آهن جيڪا سنڌ جي وڏي فتح آهي. هن ڌرڻي مان جيڪي لقاءَ ظاهر ٿي رهيا آهن تن آثار

چئي سگهجي ٿو ته نئين سنڌ جُڙي رهي آهي. جيڪا ڪنهن به موڙ تي ڳر موڙي اُٿي پنهنجن وسيلن ۽ دنگن جي مالڪي ۽ حفاظت ڪري سگهي ٿي.“

ڪريم چيو ”ساگر منهنجو رات جو گهر ۾ رهڻ ضرور هوندو آهي هاڻي هلڻ کپي.“

ساگر وراڻيس، ”اڃا ته هلون ٿا.“

سنڌوءَ کان موڪلائي اڳتي وڌيا سنڌو ڏرٽي ۾ هلي وئي.

ساگر چيو ”ڪريم مون کان پنڌ نٿو ٿئي. هو روڊ جي پاسي ۾ پلٽ ماري ويهي رهيو.“

رات جا ڏهه پئي ٿيا، سنڌو نگر جو هڪ قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر ذاڪر ڏرٽي مان نڪري واپس پئي ويو هن سان گاڏيءَ ۾ به دوست ويٺا هئا. ڊاڪٽر بريڪ ڏئي ساگر کان پڇيو ”توهان هلندا؟“

ساگر وراڻيس، ”ها هلنداسين.“

ساگر ۽ ڪريم گاڏيءَ ۾ ويهي سنڌو نگر هليا ويا.

---

25 اپريل تي وڪيل برادريءَ اهم اجلاس سڏائي اڳتي لائحہِ عمل لاءِ پنهنجي حڪمت عملي جوڙي. اجلاس ختم ڪري عامر نواز اسٽيج تي اچي حڪومت کي چتاءُ ڏيندي چيو ته ”جيڪڏهن بااختيار ڪلاڪن ۾ مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته اسان جو اڳيون قدم ريلوي ٽريڪ بند ڪرڻ هوندو. ان سان گڏ عوام کي وڏيڪ شموليت جي اپيل ڪيائين.“

صبح ٿيندي ئي عوام سمنڊ جيان ڏرٽي ۾ اُٿلي پيو. ٽولن ۽ ريلين جي صورت ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. عوام وڪيل تي بيهي رهيو پنهنجي وسيلن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ محافظ ٿي بيهي رهيو. وطن جو ڳاڙهو جهنڊو هٿن ۾ کڻي عدم تشدد جو علمبردار ٿي بيهي رهيو غفلت ڇڏي باشعور ٿي بيهي رهيو سنڌوءَ جي عاشقن لاءِ مهمان نواز ٿي بيهي رهيو. بينل گاڏين جي حفاظت لاءِ نگهبان ٿي بيهي رهيو. سنڌوءَ جي محبت ۾ مجنون ٿي بيهي رهيو ڏرٽي کي جذبو ڏيڻ لاءِ شاعر ٿي بيهي رهيو. امن، محبت، قومي ذميواريءَ جي پاسداري ڪندي نئين جدوجهد جي تاريخ لکڻ لاءِ ڪاتب ٿي بيهي رهيو.



وڪيل مضبوط، باشعور ۽ قانون جي حوالي سان بااثر هئڻ ڪري ميدان ملهائي رهيا هئا. وڪيلن جي رهنمائيءَ ۾ عوام جو خوف ختم ۽ اعتماد بحال ٿي رهيو هو عوام سمجهي رهيو هو اسان سان قوم پرست ۽ قانوندان گڏ آهن.

ڪارو ڪوٽ سنڌوءَ لاءِ جدوجهد جي علامت بڻجي ويو. ڪراچيءَ جهڙي شهر جي ٿڌين آفيسن ۾ سامونڊي هوائن ۾ رهندڙ اتر جي لڳندڙ لُڪَ ۾ سڙي رهيا هئا پوءِ به هنن جو جذبو گهٽ نه پيو ٿئي.

عاشق بڻجي نينهن جا نعرا هڻي رهيا هئا. هو ثابت ڪري رهيا هئا ته قانون جا ماهر به آهيون ته سنڌ جا ضمير به آهيون، قانون جي بالادستي به چاهيون ٿا ته سنڌ جي بقا به چاهيون ٿا.

قوم پرست اڳواڻ سيد زين شاهه ڪارڪنن سان گڏجي ريليءَ جي صورت ۾ ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ آيو. ڪارڪنن ۽ ساڃاهه وندن گلن جي ورڪا ڪندي پرجوش نعرن سان آڌرڀاءُ ڪري اسٽيج تي وٺي آيس، سيد زين شاهه خطاب ۾ سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪرڻ جي گهُر ڪئي.

ٿوري دير کان پوءِ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ اياز لطيف پليجو جلوس جي صورت ۾ ڏرٽي ۾ شرڪت ڪئي، ڪارڪنن ۽ عوام شاندار آڌرڀاءُ ڪيس ۽ گلن جي ورڪا ڪري جذباتي نعرا هنيا،

”ڪئنال ناهيندين_پادر ڪائيندين.“

ڪارڪن اياز لطيف پليجو کي اسٽيج تي وٺي آيا جنهن خطاب ڪندي سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪيڻ جو منصوبو رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ٻنهي اڳواڻن کي ڏرٽي ۾ ڏسي عوام پُر اعتماد نظر اچڻ لڳو.

جميعت علماءِ اسلام جو اڳواڻ علامہ راشد محمود سومرو ۽ علامہ اياز قمي ٻيرلوءِ ڏرٽي ۾ جدا جدا آيا، عوام والهانه استقبال ڪيو. ٻئي مختلف مذهبي فڪر جا عالم هڪٻئي جا هٿ ۽ ڳل چمي رهيا هئا. ٻيرلوءِ ڏرٽو نئين روايتن ۽ رواداريءَ جو اظهار ڪري رهيو هو. مذهب، مسلڪ ۽ سياست ۾ ننڍ وڏائيءَ جي متڀيد کان مٿي هڪ رنگ ۾ سنڌوءَ جي ميرانجهڙي پاڻي ۽ حسينائن جي پورن ڳلن جهڙي رنگ ۾ رنگيل هو.

سخت نظرياتي اختلافن باوجود قومي سياسي اڳواڻ، مذهبي اڳواڻ توڙي ڪارڪن هڪ تسبيح ۾ مڻين جيان پوئيل نظر اچي رهيا هئا. قبيلائي جهيڙن ۾

هڪبئي جي خون جا پياسا پنهنجا هٿيار گهرن ۾ اُڇلي گڏجي سنڌوءَ جا گيت ڳائي ۽ جهمريون هڻي رهيا هئا. ڪن جي اکين ۾ سنڌوءَ جي عقيدت ۽ محبت جا ڳوڙها ته ڪِن جي چهرن تي مسڪراهٽ هئي. پر سيني جي اندر جو ادراڪ هڪ جهڙو هو. سوچ هڪ هئي، فڪر هڪ هو، سر جدا بدن هڪ هو. سنڌوءَ جي محبت هٿيارن تي زنگ چاڙهي ڇڏيو. جهنگ ۾ قيمتي سامان سان ڀريل گاڏيون محفوظ رهيون.

عوام جي چهري تي سنڌوءَ سان محبت جي جوت جلي رهي هئي. سنڌوءَ جا عاشق ۽ شهادتن جا شائق مرڻ لاءِ هر گهڙيءَ تيار هئا. طاقتور رياست سامهون ٻاپيها پکي لات لئي رهيا هئا، " ڪئنال ٿاهيندين_پادر ڪائيندين."

---

ساگر صبح جو تيار ٿي دڪي تي آيو.

هن منور کي چيو "گل، اجرڪ، ٽوپيون ۽ لنگيون بازار مان وٺي اچ."

منور بازار وڃي سامان وٺي دڪي تي آيو.

ساگر ڪال ڪري ڪريم کي چيو "شام جو مهراڻ ريسٽورنٽ تي پهچ ڪراچيءَ کان آرٽسٽن جو قافلو ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اچي رهيو آهي. انهن جي استقبال جو بندوبست ڪيو اٿم."

ساگر صحافين ۽ ٻين دوستن کي اچڻ لاءِ اطلاع ڪيو.

ڪريم، صحافي ۽ ساڃاهہ وَند مهراڻ ريسٽورنٽ تي گڏ ٿي انتظار ڪرڻ لڳا. شام جو چار بجي آرٽسٽن جو قافلو مهراڻ ريسٽورنٽ تي آيو ته ساگر دوستن سان گڏجي گلن جي ورڪا ڪري نعرن جي گونج ۾ استقبال ڪيو. قافلي جي اڳواڻي علي گل ملاح ڪري رهيو هو، جنهن ۾ بخشل مهراڻوي، سهراب سومرو، اصغر کوسو ۽ ذاڪر شيخ سميت ويهہ ڄڻا هئا. ساگر مهمانن کي وٺي ريسٽورنٽ جي ڪشادي اي سي هال ۾ وٺي وڃي ويهاريو. اجرڪ، ٽوپيون ۽ لنگيون اوڍايون، صحافين آرٽسٽن کان سوال ڪيا.

علي گل ملاح صحافيءَ جي سوال تي رواجي مزاحيہ انداز ۾ جواب ڏنو. "سنڌو درياءَ مان ڪئنال ٿاهيندڙ پادر پادر ڪن ٿا پر پادر بہ اسان جا ڪائي ويا آهن."

آرٽسٽ ساگر کان موڪلائي گاڏيءَ ۾ ويهي ٻيرلوءِ ڌرڻي ڏانهن هليا ويا. آرٽسٽن جو ڌرڻي ۾ پهچڻ تي ساڃاهہ وندن ۽ قومي ڪارڪنن شاندار استقبال ڪيو.

---



قوم پرست اڳواڻ قافلن جي صورت ۾ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندا رهيا. سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي، جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر) جو اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين عبدالخالق جوڻيجو ۽ اين. پ. پ. اڳواڻ رئيس غلام مرتضيٰ جتوئي شرڪت ڪئي، جن جو عوام ڀرپور استقبال ڪيو.

لاڙڪاڻو بار جو صدر اطهر سولنگي بہ ساٿي وڪيلن سان گڏ ڌرڻي ۾ آيو.

جيئن جيئن ٻيرلوءِ ڌرڻو ڊگهو ٿيندو رهيو تيئن تيئن عوام جي شرڪت وڌندي رهي. ڌرڻي ۾ شرڪت ڪرڻ هر ماڻهو پنهنجو فرض سمجهي رهيو هو. عوام ۾ ڪاوڙ ۽ جذبو وڌندو رهيو. عوام جو پڪو پهہ واڪا ڪري رهيو هو ته سنڌوءَ مان ڪئنال ٺهڻ نہ ڏيندا سين.

عوام ڊگهو سفر ڪري موٽر سائيڪلن ۽ پيادل پنڌ ڪري ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. هڪ رستي ويندڙ ڄڃ ڌرڻي ۾ آئي، موڙ ٻڌل گهوٽ ۽ گهونگهٽ ۾ ڪنوار گاڏيءَ مان لهي زوردار نعره هڻي رهيا هئا. "سنڌوءَ مان ڪئنال نامنظور." ڄڃ لاڏن ۽ سهرن بدران سنڌوءَ جو جمالو ڳائي رهي هئي، سڄو پنڊال رقص ڪري رهيو هو. ڪنوارين پنهنجي مڱيندن کان سنڌوءَ جي بقا لاءِ ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيڻ جا وچن وٺي رهيون هيون، پينرون پائرن جون پرجهليون ٿيڻ لاءِ ڌرڻي ۾ اچي رهيون هيون، نياڻيون پنهنجو ڏاج ۽ پونجي ڌرڻي ۾ چندي طور ڏئي رهيون هيون. مولودن ۾ مزاحمتي قومي گيت سَرجي ۽ ڳائجي رهيا هئا، شاعري جي تاريخ ۾ ڪئنال منصوبو ڀريون موضوع هو، جنهن تي گهڻي شاعري تخليق ٿي، نہ رڳو شاعري پر بي خودي ۽ وجد واري ڪيفيت جي اظهار جو رقص بہ هو ته جذبن ۽ احساسن جي ڪيفيتن، پيار پريت، محبت ۽ عقيدت جو اقرار بہ هو ته وجد بہ هو.

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، جهڙي وچن جو ورجاءُ بہ هو.

# 6

صبح جو ساگر ۽ ڪريم ڏرٽي ۾ آيا. ساگر سنڌوءَ کي ڪال ڪئي. سنڌوءَ جو نمبر بند هو. ساگر پريشان ٿي سنڌوءَ کي ڳولهيندو رهيو. ڪيس ماروي نظر آئي ساڻس ملي سنڌوءَ جو پڇيائين، ماروي وراڻيس، ”سنڌو صبح جو اُٿي تيار ٿي نيرن ڪئي. پاڻ ۾ بي قراري ۽ سستي محسوس ڪرڻ لڳي جنهن ڪري آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پئي.“ ساگر بي چينيءَ سان رات دير تائين سنڌوءَ جي اچڻ جو انتظار ڪندو رهيو. سنڌو ڏرٽي ۾ نہ پهتي. هو مايوس هو. جڏهن ڏرٽي مان نعرو لڳي رهيو هو ”سنڌوءَ ۾ اسان جو ساهه آهي.“ تہ ساگر جذبات ۾ اچي زور سان نعري جو جواب ڏئي رهيو هو.

ڪريم چيس، ”ساگر، هاڻي واپس هلڻ گهرجي رات جا يارهن ٿيا آهن.“ ساگر جو جيءُ ورڻ کان انڪار ڪري رهيو هو. ڪريم جي زور پرڻ تي هو ٻئي گاڏي ۾ وڃي ويٺا. ساگر خاموشيءَ سان گاڏي هلائي رهيو هو. ڪريم گاڏيءَ ۾ مزاحمتي گيت هلايو. هو سنڌو نگر پهتا. ساگر ڪريم کي گهر لاهي نيشنل هاءِ وي تي چڙهي پنهنجي گهر پئي ويو تہ ان وقت رات جا ٻارنهن ٿي رهيا هئا. هاءِ وي سنسان لڳو پيو هو. هڪ بزرگ شخص اسٽاپ تي ويٺو هو. ان شخص ساگر کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. ساگر مايوس ۽ پريشان هو اڳتي وڌي وري گاڏيءَ کي واپس ڪري وٽس آيو.

هن پڇيس، ”جيڪڏهن اڳتي وڃو ٿا تہ مون کي ڪٽي هلو.“

ساگر پڇيس، ”توهان ڪاڏي ويندا؟“

”مان ڪنڊيارو ويندس.“ بزرگ وراڻيس.

”ڪٿان آيا آهيو؟“ ساگر پڇيس.

”ڀرلوءِ ڏرٽي مان واپس ٿيو آهيان هيستائين سواري ملي وئي، هاڻي اڳتي وڃڻ لاءِ انتظار ڪيان ٿو پيو پر سواري نہ ٿي ملي.“ وراڻيائين.



”توهان مون وٽ هلي رهو.“ ساگر چيس، ”صبح هليا وڃجو مان هتان جو آهيان گهر پئي ويس ۽ موٽيو ٻہ ڀرلوءِ ڏرٽي کان آهيان.“

هن وراڻيس، ”مون کي ضرور گهر پهچڻو آهي توهان پلي وڃو ضرور ڪو سنڌوءَ جو عاشق اچي ويندو.“

ساگر چرڪ ڀري پاڻ کان پڇيو ”ڇا مان سنڌوءَ جو عاشق ناهيان؟“

ساگر چيس، ”ڇاڇا ويهو مان توهان کي ڪنڊيارو ڇڏي اچان ٿو.“

هو گاڏيءَ ۾ ويٺو گاڏي هلڻ لڳي.

”توهان جو نالو ڇا آهي؟“ ساگر پڇيس.

”مان آصف بالادي آهيان.“ وراڻيائين.

ساگر آصف جو هٿ پڪڙي چمي ڏئي چيس، آصف سائين مان ساگر آهيان. هو اڳتي وڌيا گاڏيءَ جو چؤنڪ سڙي ويو گاڏي گرم ٿي وئي. ساگر هوٽل تي بريڪ هڻي پاڻيءَ جو جڳ ڀري گاڏيءَ ۾ وجهي اڳتي هلڻ لڳو ٻن ٽن ڪلوميٽرن تي گاڏي گرم ٿيندي رهي ساگر هوٽلن تي بيهي پاڻي وجهندو رهيو. ڪنڊيارو پهچي آصف کي گهر لاٿائين.

آصف چيس، ”توهان رات مون وٽ رهي پئو صبح جو گاڏي ٺهرائي پوءِ وڃجو ڏاڍي ڏکئي سفر سان آيا آهيون. واپسي ۾ اڪيلا آهيو.“

ساگر وراڻيس، ”ساڳئي طريقي سان هليو ويندس.“

ساگر موڪلائي واپس ٿيو. گاڏي گرم ٿيندي رهي، ساگر پاڻي وجهندو رهيو. ساگر هنگورجا اسٽاپ تي پهتو تہ ٽئن نوجوانن ساگر کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. اسٽاپ سنسان لڳو پيو هو. رات جا ٽي ٿي رهيا هئا، ساگر بريڪ هڻين.

هڪ نوجوان چيس، ”اسان کي ڪٽي هلو.“

ساگر وراڻيس، ”مان سنڌو نگر ويندس.“

نوجوان وراڻيس، ”اوستائين ڪٽي هلو.“

ساگر چيس، ”ويهو.“

هو گاڏيءَ ۾ ويٺا اڳتي هليا.

ساگر پڇيس، ”توهان وڃو ڪاڏي ٿا؟“

نوجوان وراڻيس، ”اسان هوٽل جا مزدور آهيون سپاٽي جو ڏينهن موڪل ڪئي آهي، موري جا رهواسي آهيون. لوڪل سوارين ۾ هتي پهتا آهيون. وڃئون ڀرلوءِ ڏرٽي ۾ ٿا.“

ساگر چيس، ”توهان سوير نڪرو هان.“

نوجوان وراڻيس، ”انين بجين مزدوري ڪري لتاسين چئني دوستن صلاح ڪري سيئنين کان موڪل ورتي ٻه دوست هڪ هوٽل تي ڪم ڪندا آهيون ۽ ٻه دوست ٻئي هوٽل تي ڪم ڪندا آهن. ڏهه بجي مورو ۾ ٿي ويا. بس همٿ ڪري نڪري پيا آهيون، سڀاڻي واپس وڃي، رات جو ڊيوٽي ڪنداسين.“

ساگر چيس، ”سنڌو نگر کان اڳتي ڪيئن ويندا؟“

نوجوان وراڻيس، ”سنڌو نگر مان ترين ٽا پڪڙيون روهڙي لهي سواري ملي ته ٺيڪ نه ته پيادل وڃي ڊرٽي جي زيارت ڪري واپس اچي سڀاڻي رات مزدوري ڪنداسين.“

ساگر چيُن، ”مان توهان کي ڊرٽي ۾ ڇڏي ٿو اچان.“

موٽ ۾ هڪ نوجوان زوردار نعرو لڳايو ”سنڌوءَ ۾ اسان جو ساهه آهي.“ ساگر جذبات ۾ اچي نعري جو جواب ڏئي گاڏيءَ جي رفتار وڌائي.

هن نوجوانن کي چيو ”پنهنجو تعارف ڪرايو.“

نوجوان وراڻيس، ”منهنجو نالو منير آهي. ٻئي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، هن جو نالو عديل آهي، ٽئين جو وسيم ۽ چوٿين جو نالو عباس آهي.“

گاڏي رستي ۾ گرم ٿيندي رهي، ساگر هوٽلن تي بريڪ هڻي پاڻي وجهندو سفر ڪندو رهيو. ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ پهچي نوجوانن کي لاهي واپس ٿيو. گاڏي گرم ٿيندي رهي، ساگر هوٽل تي بريڪ هڻي پاڻي وجهندو سفر ڪندو رهيو. ڇهين وڳي سنڌو نگر پهچي گاڏي گهر بيهاري آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

---

جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانديو ڪارڪنن جي ريلي سان ڊرٽي ۾ آيو. عوام گلن جي ورکا ڪري سندس آڌرڀاءُ ڪيس. ڪارڪن اسٽيج تي وٺي آيس. تقرير ۾ رياض چانديي سنڌوءَ مان ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪرڻ جي حڪومت کان گُهر ڪئي.

دودو سومرو سنڌ جو محب وطن حڪمران رهيو هو جنهن کي تاريخ ۾ عزت ۽ اهميت سان ياد ڪيو وڃي ٿو. دودي سومري جي قبيلي مان سجاد حسين سومري ۽ الطاف حسين سومري ريليءَ جي صورت ۾ ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ شرڪت



ڪري عامر نواز کي سونو تاج پارايو. پهريان ته عامر نواز تاج وٺڻ کان انڪار ڪيو پر الطاف حسين سومري چيس ته مهمان کي سوکڙي ڏيڻ اسان سنڌين جي روايت آهي. اوهان اعزاز وٺڻ کان انڪار نه ڪيو. ان کان پوءِ عامر نواز سوني تاج جو تحفو ورتو. عامر نواز جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. ان وقت عامر نواز سيد جعفر شاهه جي اوطاق ۾ ترسيل هو. هو سونو تاج کڻي اسٽيج تي اچي سيد هارون شاهه راشدي کي سڏائي سونو تاج سر تي رکندي چيس، پنهنجي گهر واري ۽ منهنجي امڙ کي ڏيجو جيڪا امڙ اسان ڇهه سؤ وڪيلن ڏانهن روزانو نيرن تيار ڪري موڪليندي رهي ٿي.

ڊرٽي مان زوردار نعرا گونجي اٿيا.

هڪ ساجاهه وَند نالي بشير سٺ هزار جو چيڪ عامر نواز کي ڊرٽي جي فنڊ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، عامر نواز چيڪ وٺڻ کان انڪار ڪندي چيس، ”انهن پئسن جو سامان وٺي ڊرٽي ۾ وڃي ورهايو روڪ رقم نه کپي.“ بشير چيڪ پاس ڪرائي برياني تيار ڪرائي ڊرٽي ۾ ورهائي.

هڪ خبر ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ ڏکوئيندڙ هلي جنهن خبر هر اک آلي ڪري ڇڏي. لاڙڪاڻي جا ٽي ڳڀرو جوان حبدار شاهاڻي، عظيم شاهاڻي ۽ مولا بخش بروهي جيڪي روزانو ڊرٽي ۾ ماني کڻي ايندا رهيا. واپسيءَ ۾ روڊ حادثي ۾ شهيد ٿي ويا. ان خبر ڊرٽي ۾ سَڪتو طاري ڪري ڇڏيو.

صبح جو ساگر تيار ٿي ٻيرلوءِ ڊرٽي لاءِ نڪتو شهر جي سنڌ دوست ڊاڪٽر حسين ساگر کي ڪال ڪري چيو ته ”برياني تيار ڪرائي آهي. اوهان کڻي ڊرٽي ۾ وڃي ورهايو.“

ساگر ڪريم کي کڻي ڊاڪٽر حسين وٽ وڃي برياني پاڪيٽن ۾ پيڪ ڪرائي مزدا گاڏيءَ تي کڻائي ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ وڃي ورهائي. ساگر مزدا گاڏيءَ کي واپس ڪري پاڻ ڪريم کي وٺي ڊرٽي ۾ وڃي وينو.

وٽس سنڌوءَ لاءِ اُڻ تُڻ لڳي پئي هئي، هن موبائل ڪڍي سنڌوءَ کي ڪال ڪئي سنڌوءَ اٽينڊ ڪئي، ساگر ۾ ساهه پئجي ويو.

ساگر پڇيس، ”سنڌو ڪٿي آهين؟“

سنڌوءَ وراڻيس، ”اسٽيج جي پرسان ويٺي آهيان.“

ساگر چيس، ”مان اچان ٿو.“

ساگر، ڪريم کي وٺي سنڌوءَ سان وڃي مليو. هوءَ گلم تي ويٺي هئي. ڪيس ويهڻ جو اشارو ڪيائين، هو سنڌوءَ جي پير ۾ ويهي رهيو. هن ڪائنس طبعيت جو پڇيو. وڏن ايڪو سائونڊن جي آواز تي ساگر ۽ سنڌو هڪ ٻئي جو آواز ٻُڌي نہ پئي سگهيا نہ سمجهي پئي سگهيا. هنن چهرا هڪٻئي جي ويجهو ايترا ڪيا جڻ سنڌو ساگر ۾ چوڙ ڪندي هجي، اکين جي اشارن سان جڻ لهرن جي روانگيءَ کان ڪچهري ڪري رهيا هئا.

ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ خيرپور، ٻيرلوءِ، ٺيڙهي ۽ سکر جا ماڻهو بي حساب پاڻي ۽ ڪاڏو کڻي ايندا رهيا، سکر شهر جو رهواسي احسن خان ۽ روهڙي شهر جو پپو خان اڳيرا هئا. رڪشو هلائيندڙ مزدور قيوم رڪشا تي پاڻي کڻي پنهنجي طرفان پهچائيندو رهيو.

---

ٻيرلوءِ ڌرڻي سبب پنجاب جي رسد بند هئڻ ڪري پنجاب ۾ کاڌ خوراڪ ۽ پيٽرول جو سخت بحران پيدا ٿيو عوام روڊن تي نڪري حڪومت کان ڌرڻو ختم ڪرائڻ جو مطالبو ڪندو رهيو. حڪومت ڌرڻي کي طاقت وسيلي ختم ڪرڻ جا وجهہ ڳولهيندي رهي. عوام جو پُرامن رهڻ ۽ عدم تشدد جي راهہ ڌرڻي جي ڍال بڻيل رهي. بيٺل گاڏين مٿان گل نڇاور ٿِي رهيا هئا. جنهن عمل رياست کي منجهائي رکيو هو. هڪ رات ڌرڻي کي ڊيڄارڻ لاءِ عوام مٿان رياست خانگي ماڻهن هٿان شديد فائرنگ ڪرائي. نوجوان هٿن ۾ پٿر کڻي گاڏين کي پڄائي سندن ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. حملي ڪرڻ کان پوءِ عامر نواز اسٽيج تي اچي حڪومت کي خبردار ڪيو تہ قوم پاڻ سان ڪفن بہ کڻي آئي آهي، تنهن ڪري هوش کان ڪم وٺو. حملي جي اطلاع تي قوم سنڌوءَ جي عشق ۾ محافظ بڻجي وئي. صبح جو عوام قافلن ۽ ريلين جي صورت ۾ شريڪ ٿي رهيو هو.

وڪيلن جو ٻاهتر ڪلاڪن جو ريلوي ٽريڪ بند ڪرڻ جو چِتاءُ پورو ٿي رهيو هو. وفاقي حڪومت ڌرڻي اڳيان گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿي، سي سي آءِ جو اجلاس سڏائڻ جو اعلان ڪيو. ڌرڻو مُرڪي پيو.

ساگر ۽ ڪريم سنڌوءَ کان موڪلائي واپس سنڌو نگر هليا ويا. صبح ٿيو. ساگر کي دوست شڪيل ڪال ڪئي. بريانيءَ جون ديڳيون تيار ڪرايون آهن،



توهان پنهنجي نگرانيءَ ۾ ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ کڻي وڃو. ساگر تيار ٿي دوست شڪيل وٽ ويو بريانيءَ جا پاڪيٽ ٺهرائي مزدا گاڏيءَ ۾ کڻائي نڪتو. رستي ۾ بريڪ ڏئي اسٽور تان ڪريم جي پڇا ڪئي. نثار ٻڌايس تہ ”ڪريم گهر آهي.“

ساگر ڪال ڪري پڇيس، ”توهان ڌرڻي ۾ هلندا؟“

ڪريم وراڻيس، ”مان اچان ٿو.“

ڪريم اسٽور تي ويو. ساگر ڪريم کي کڻي ڌرڻي لاءِ نڪري ويو.

ساگر ۽ ڪريم ڌرڻي ۾ پهچي برياني ورهائي گاڏي خالي ڪري واپس موڪلي ڇڏي. ساگر ڪريم کي وٺي سنڌوءَ سان وڃي مليو.

ڌرڻي ۾ چؤڦول هلي رهيو هو تہ سي. سي. آءِ جو اجلاس هلي رهيو آهي، قوم فيصلي اچڻ جو شدت سان انتظار ڪري رهي هئي. شام جو وزير اعظم سرڪاري ميڊيا تي وڃي سنڌ کي اپيل ڪئي تہ ڌرڻو ختم ڪيو. اجلاس ٻيهر پنجن ڏينهن کان پوءِ سڏايو ويندو. جنهن ۾ ڪئنالن خلاف حتمي فيصلو ڪيو ويندو. وزيراعظم جي پڌرائيءَ کان ترت پوءِ عامر نواز ڌرڻي ڪميٽيءَ جو اجلاس هنگامي طور تي سڏايو. ڌرڻي ڪميٽيءَ ۾ صرف وڪيل ميمبر هئا جيڪي وقفي وقفي سان اجلاس سڏائي حڪمت عملي جوڙيندا رهيا. وڪيلن جو اجلاس ختم ڪري عامر نواز اسٽيج تي اچي اعلان ڪيو تہ اسان ڌرڻو ختم نہ ڪنداسين جيستائين سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن جو رد نامو نہ ٿو ملي، قوم سان واعدو ڪيو اٿم اهو پورو ڪري اٿندس. حڪومت جو فيصلو مشڪوڪ نظر اچي رهيو آهي. عامر نواز وڪيلن ۽ قوم کي جوش ۽ جذبي سان ڌرڻو جاري رکڻ ۽ عوام کي وڌيڪ شموليت جي اپيل ڪئي. ڌرڻو مزاحمتي نعرن سان گونجي پيو.

سنڌوءَ چيو، ”ساگر، حڪومت دوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي وڪيلن ڌرڻو ختم نہ ڪرڻ جو فيصلو عقل منديءَ موجب ڪيو آهي ۽ وڪيل برادريءَ کي ڪن، اکيون ۽ دماغ کولي رکڻو پوندو. هن دفعي سنڌ هڪ هڪاٽي ڪرڻ جي ارادي ۾ آهي.“

ساگر وراڻيس، ”قوم ۽ قوم پرست اڳواڻ وڪيلن سان پاڻ ملهائي رهيا آهن، ڌرڻي ڏٺين جي هَڙَ ۾ کي ڪين هو سنڌ جا مٽيادار ماڻهو ڏوري رهيا آهن،

سنڌوءَ جي پريت ۾ نينهن ۾ ايتري قوت آهي جو نئنهڻ اُس ۾ عاشق راتين جي اوجاڳن سان گرم روڊ تي وينا آهن.“

”مان هاڻي هلان ٿو.“ ساگر موڪلائي ڪريم کي ساڻ وٺي واپس سنڌو نگر هليو ويو.

ڪريم کي گهر ڇڏي گاڏي پنهنجي گهر بيهاري آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

---

سرڪار جو وفد وڪيلن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ سکر سرڪٽ هائوس پهتو. وڪيلن جو وفد به عامر نواز جي اڳواڻيءَ ۾ پهتو. سرڪاري وفد وڪيلن جي وفد کي ڌرڻو ختم ڪرڻ جي اپيل ڪندي چيو ته ”اينڊڙ سي سي آءِ اجلاس ۾ مسئلو حل ڪيو ويندو.“ وڪيلن جي وفد سرڪاري وفد کي صاف ۽ چٽو چيو ته ”جيسيتائين سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبا رد ٿيڻ جا حڪم ناما نٽا ملن، تيسيتائين ڌرڻو جاري رهندو.“

حڪومتي وفد مايوس ٿي واپس هليو ويو.

ڀيرلوءِ ڌرڻو پنهنجي جوش ۽ جذبي سان جاري رهيو. عوام جي شرڪت وڌندي رهي، ملڪي حالتون خراب ٿيڻ لڳيون.

اُتر جي لڳندڙ گرم لُڪَ ڌرڻي ۾ شريڪ رهندڙن جي ارادن کي رُڪُ جا چٽا بٽائي ڇڏيو جيڪي رياست کان ڇپاڙجڻ جهڙا نه هئا.

نيٺ ٻيهر وفاقي حڪومت کي ڌرڻي اڳيان گوڏا کوڙڻا پيا. سي. سي. آءِ وارو پنجن ڏينهن کان بعد ۾ اعلان ڪيل اجلاس هنگامي بنيادن تي ٽي ڏينهن اڳ سڏايو ويو. ڌرڻي ۾ خوشي سنڌوءَ جي لهرن جيان ڇوليون هڻي رهي هئي. ملڪ جي گاديءَ جي هنڌ ۾ سي. سي. آءِ جو اجلاس شروع ٿي ويو. ڀيرلوءِ ڌرڻي مان سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن خلاف مزاحمتي نعرن جي گونج اجلاس ۾ وينل ميمبرن کي ڏڪائي رهي هئي. اجلاس ختم ٿيو وزيراعظم سرڪاري ميڊيا تي اچي اجلاس ۾ ڪيل فيصلي جي پڌرائي ڪئي ته ”جيسيتائين چارئي صوبا متفق نه ٿيندا. تيسيتائين سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال نه نڪرندا.“



حڪم نامو ميڊيا تي ڏيکاريو ويو. ڀيرلوءِ ڌرڻي جي ڌرتي ڳاٽ اُوچو ڪري فاتحانه مُرڪ مُرڪي پئي. جشن شروع ٿي ويو سنڌوءَ جا عاشق جهمريون هڻندا رهيا، ساگر ۽ ڪريم به ڌرڻي ۾ آيا.

سنڌو موج مستيءَ ۾ ڇوليون هڻندي ساگر سان ملي ڪيس مبارڪ ڏني.

وڪيل اڳواڻ عامر نواز اسٽيج تي اچي ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي قوم جو ساٿ ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪيو. عوام خوشيون ڪندو واپس وڃڻ لاءِ ڌرڻي مان نڪرندو رهيو. وڪيلن جا به قافلا واپس ويندا رهيا.

ماروي، سنڌوءَ کي چيو ”پاڻ به هاڻي هلون؟“

سنڌوءَ کي ساگر کان موڪلائڻ ڏکيو لڳي رهيو هو سنڌوءَ جي زبان نه پئي چُري، اکين جي اشارن سان ساگر کان موڪلائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ٻنهي جون اکيون لڙڪن سان ۽ چهرو مُرڪن سان پرجي آيو.

سنڌوءَ همٿ ڪندي چيس، ”ساگر ڪراچي ملڻ لاءِ اچجانءِ. پاڻ قومي ڪاڄن ۾ گڏ هونداسين.“

سنڌو، ساگر ۽ ڪريم کان موڪلائي ساٿي وڪيلن سان هلي وئي.

ساگر قومي ايڪي، جوش جذبي، ويساهه، اميد ۽ خوشي سان سرشار رهندي چيو ”ڪريم، پاڻ به هلون؟“

هو گاڏيءَ ۾ وڃي وينا.

ساگر پڇيس، ”ڪريم تو ڌرڻي کي ڪيئن ڏٺو؟“

ڪريم وراڻيس، ”ساگر ڀيرلوءِ ڌرڻو ڦڳڻ جا ڦوڳ هو ڦوهه جا پارا هو سانوڻ جون سرمستيون ۽ آرهڙ جا جهولا هو. مون ڌرڻي کي ٿوهر جي مولهئي ۾ جرڪندو ڏٺو مون ڌرڻي ۾ نرمل نظارا ڏٺا، مون ٻنيءَ تي ڪم ڪندڙ، ڪورٽ ۾ انصاف لاءِ لڙندڙ ڳڀرن جي نڪار ڏٺي، مون چارڻ جو چنگ، ڪارونڀار جا ڪڪر، ڀڪرار جي ڀَڪي ۽ آسروندن جي اکڙين جو اوسيئڙو ڏٺو مون ديوتائن جا ڌرڻي اڳيان سِر جهڪيل ڏٺا، مون چاهت جون چميون ڏٺيون.“

ساگر ٻيهر ڪريم کان پڇيو ”سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ واري منصوبي خلاف آيل سي. سي. آءِ فيصلي کي اوهان ڪيئن ڏسو ٿا؟“

ڪريم وراڻيس، ”دراصل ڪئنال منصوبي جي نڪتل حڪم نامي ۾ رد جو لفظ ناهي معطل جو لفظ لکيل آهي. متن ۾ صوبن جي رضامنديءَ وارو نقطو

شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو اهم آهي جنهن نقطي تحت هڪ به ميمبر يعني صوبي مخالفت ڪئي ته منصوبو جڙي نه سگهندو. ڪارپوريٽ فارمنگ وفاقي حڪومت جو نه سنڌ حڪومت جو منصوبو آهي، اهو ان کي رد ڪرڻو آهي. ڪجهه سال اڳ ۾ وفاقي حڪومت ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جو منصوبو جوڙيو هو. جنهن ڊيم کي سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ سان پوري پنجاب جي غير آباد زمين آباد ڪرڻي هئي. ان منصوبي خلاف سنڌ سخت مزاحمت ڪندي ڪمون شهيد وٽ بي نظير ڀٽو ۽ قوم پرست اڳواڻ بشير خان قريشيءَ جي گڏيل قيادت ۾ ڏرڙو هنيو هو. ان ڏرڙي اڳيان وفاقي حڪومت گوڏا کوڙي اهڙي قسم جو فيصلو ڏنو هو جيسيتائين چارئي صوبا راضي نه ٿيندا تيسيتائين ڪالاباغ ڊيم تي ڪم نه ڪيو ويندو. ڪالا باغ ڊيم جو منصوبو ٽيهه سالن کان مئل گهوڙي جي صورت ۾ آهي. هيءَ سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ جو منصوبو سنڌو درياءَ مٿان اگهاڙي تلوار جيان ٽنگيل هو هاڻي ان تلوار کي مياڻ ۾ وڌو ويو آهي، پر لٽڪيل اجان آهي. ائين ضرور ٿيو آهي ٻيرلوءِ ڏرڙي مان وفاقي حڪومت کي جيڪو نفسياتي پيغام مليو آهي ۽ ڏرڙي ۾ سنڌين جون ڳاڙهيون اکيون ڏٺيون آهن، هو آئنده پنهنجي جوڙيندڙ پاليسين تي هر هر سوچيندا. ٻيرلوءِ ڏرڙي مان جنهن قومي ٻڌي ۽ اميد جنم ورتو آهي، ان ٻڌي جي طاقت وسيلي سنڌ ۾ وسيلن جي مالڪي ڪري سگهون ٿا. هاڻي قوم پرست اڳواڻن ۽ وڪيلن تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو مسلسل نظر رکن ۽ حڪومت کي دٻاءَ ۾ رکن ته جيئن غير قانوني حرڪت ڪرڻ جي ڪڏهن جرئت نه ڪري سگهي.“

”ڏرڙي مان اهو واضح ٿيو آهي ته وڪيل برادري قانون جي ٻولي سنڌ جي درد جي لهجي ۾ ڳالهائي ٿي. جيڪڏهن ائين ئي وڪيل برادري سنڌ جي مسئلن تي اُٿي بيهندي رهي ته مسئلن کي حل ڪرائڻ جي سگهه رکي ٿي. قوم ۽ وطن جا مسئلا سياست وڏيڪ ڇاڻي ٿي ۽ حل ڪرائي سگهي ٿي. ان ڪري وڪيل برادري ڏرڙو ڪميٽيءَ ۾ قوم پرست سياسي اڳواڻن کي شامل ڪري صلاح مشورا ڪندي رهي ها ته بهتر ٿئين هان.“

ساگر چيس، ”ٻيرلوءِ ڏرڙو سنڌ کي سوچڻ، سمجهڻ ۽ پنهنجي حقن لاءِ اُٿي ڪڙو ٿيڻ جا نوان گس ۽ نئين سگهه ارپي ويو آهي. سنڌ جيڪا بنيادي مسئلن جي ڏيڻ ۾ قاٿل، مزاحمتي سگهه کان وانجهيل ۽ لاتعلقي جي وَر چڙهيل هئي، ان



۾ ٻيرلوءِ ڏرڙي مزاحمت جو نئون روح ڦوڪيو آهي. هن ڏرڙي نوجوانن ۾ حقن جي حاصلات لاءِ شعور، جذبو ۽ ولولو جاڳايو آهي هاڻي اهي ماٺ ڪري نه ويهندا. قومن جا مسئلا ڏينهن، مهينن ۽ سالن ۾ نه پر صدين ۾ حل ٿيندا آهن، جدوجهدون ڏگهيون هلنديون آهن، جدوجهد ۾ نئين محاذ جي تياري ڪرڻ لاءِ ٽڪ به پيچبو آهي. ڏکيون ۽ منجهيل حالتون هڪ ڏڪ ۾ ڪاميابيون نه ماڻينديون آهن. تحريڪن جي ڪاميابي لاءِ مرحليوار نئين حوصلي ۽ نئين حڪمت عملين سان اڳتي وڌبو آهي.“

ڪريم وراڻيس، ”ٻيرلوءِ ڏرڙي وسيلي سنڌ جي سياسي وايومنڊل ۾ وڏي عرصي کان پوءِ اٿل پٿل ٿي آهي. جيڪي سياسي ورڪر سياست کان مايوس ٿي پري ٿي ويا هئا اهي ٻيهر سياست سان جڙي ويا آهن. جيڪا شيءِ مجموعي طور سنڌ ۽ قومي سياست لاءِ خوش آئنده ڳالهه آهي. “

” هاڻي قوم پرست اڳواڻن تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته ڏرڙي مان نئون سرجيل شعور، طاقت ۽ جذبي کي پنهنجي سياسي ڏاهپ، بصيرت ۽ فهم وسيلي پاڻ سان ملائي هڪ سگهاري صورت اختيار ڪن. ٻيرلوءِ ڏرڙي قومي سياست ۽ اڳواڻن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي هاڻي نئين قيادت ڪنهن به وقت ۾ اڀري سگهي ٿي.“

ساگر چيس، ”سنڌوءَ ۾ جيڪو گهڙيو سو تَري ويو جيڪو پرپرو بيٺو سو ٻُڏي ويو.“

هو ڪچهري ڪندا سنڌو نگر پهچي ويا. ساگر ڪريم کي سندس گهر لاهي پاڻ پنهنجي گهر هليو ويو. ڳاڏي بيماري آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

# 7

ٻارهن ڏينهن ٻيرلوءِ ڌرڻي جي جدوجهد صدين لاءِ اُتساهه ويساهه ۽ قومي قوت ڏئي وئي. جنهن ثابت ڪيو ته سنڌو وهندو رهندو. ٻيرلوءِ ڌرڻي مزاحمتي تاريخ، سياسي ۽ سماجي شعور ۾ ساهه وجهي ڇڏيو ۽ عوام کي موقعو ڏنو جنهن اندر جي قومي ڪاوڙ ۽ سنڌ سان محبت جو ڪليل ۽ اجتماعي اظهار ڪري ڇڏيو. عوام جهڙيءَ طرح دانشمنديءَ جو اظهار ڪيو يقينن آئنده ٿيندڙ زيادتن تي خاموش ٿي نه ويهندو.

ٻيرلوءِ ڌرڻي جا لقاءَ جدوجهدن جي تاريخ ۾ وَرلي ملندا. جنهن ۾ نسل پرستيءَ ۽ مذهب پرستيءَ بدران سياسي بنيادن تي گڏيل قومي سڃاڻپ ۽ ايڪي واري قوم پرستيءَ جو مظهر هو. جنهن جي بنيادي سڃاڻپ ڌرتيءَ سان ناتو هو. اهو ئي سبب هو غير سنڌي وڪيل اڳواڻ کي سنڌين جيءَ ۾ جايون ڏئي پنهنجو مهندار قبول ڪيو. ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ قوم ڪٺالن جي مسئلي تي قومي اڳواڻن کي چٽو ۽ کرو موقف نه رکڻ ۽ ڌرڻي ۾ شريڪ نه ٿيڻ تي رد ڪري ڇڏيو. قوم اهڙي تارازي ٻڌجي وئي جنهن رتيءَ ماس جي به رعايت نه ڪئي.

ٻيرلوءِ ڌرڻو ختم ٿيڻ کان پوءِ گهڻا وڪيل پنهنجي ماڳن ڏانهن هليا ويا. وڪيل اڳواڻ عامر نواز ڪجهه ساٿين سان ٻيرلوءِ ۾ جعفر شاهه جي اوطاق تي رات ترسي پيو. هو صبح جو تيار ٿي ساٿي وڪيلن سان گڏجي لاڙڪاڻي وچي ٽن شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪري ڪراچيءَ لاءِ نڪتو. ننڍڙي قافلي جي شهر شهر وستي واهڻ قوم آجيان ڪندي گلن جي ورڪا ڪندي رهي. هو سنڌي قوم وٽان مليل محبتون ۽ عزتون ساڻ کڻي ڪراچيءَ پهچي ويو.

سيد هارون راشدي پنهنجي قبيلي جي عزيزن جي ميٽنگ سڏائي تجويز رکي ته ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ مليل سونو تاج اسان لاءِ وڏو اعزاز آهي. اهو اعزاز پاڻ سنڀالي رکون ٿا. هن سوني تاج جي رقم ڪرائي پاڻ ۾ چندو ڪري لاڙڪاڻي



جي ٽن شهيدن جي وارثن کي ڏئي اچئون. سمورن عزيزن ان تجويز جي حمايت ڪئي. سيد هارون شاهه راشدي بازار مان سوني تاج جي رقم ڪرائي عزيزن کان حصو پتي وٺي پاڻ سان ساڻ ڪري لاڙڪاڻي وچي شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪري هڪ جيتري رقم ورهائي ڪري ڏني.

---

ساگر هڪ رات ڪچهري لاءِ ڪريم ڏانهن ويو. ڪريم اسٽور تي موجود هو. ساگر ڪريم سان هٿ ملائي ويٺو.

ڪريم پڇيس، ”ساگر خاموش آهين ڪا پريشاني آهي ڇا؟“

ساگر وراڻيس، ”ها سنڌوءَ جي ياد ستائي رهي آهي.“

”موبائل تي ڳالهه ٻولهه ٿئي ٿي؟“ ڪريم پڇيس.

”ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي ٿي.“ ساگر وراڻيس.

ڪريم چيس، ”ساگر ٻيرلوءِ ڌرڻي جا ٻارهن ڏينهن ڪڏهن به وساري نٿا سگهجن. جنهن ۾ قومي محبت جو سراپا منظر هو. اهي ٻارهن ڏينهن ڪي عام رواجي ڏينهن نه هئا، اهي شينهن هئا، اهي نينهن هئا، اهي جذبا هئا، اهي حوصلا هئا، اهي عزم هئا، اهي وچن هئا، انهن ٻارهن ڏينهن عسڪري قوتن کان ڇرڪ پرائي ڇڏيا آهن. وفاق کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي ته سنڌ سان ناانصافي ٿيندي ته هيءُ ملڪ هلي نه سگهندو

ٻيرلوءِ ڌرڻي مان هڪ نئين اميد ڳر موڙي اُتر واءُ ٿي شعور ۽ سگهه جوڙي آهي. اها ٿيل زيادتين جي ورتائن جو حساب وٺندي.“

ساگر وراڻيس، ”ها ڪريم ٻارهن ڏينهن ٻيرلوءِ جا منزل جو پڙلاءُ آهي اڃان منزل ڏکي آهي، پر يقين ٿيو آهي نئون اُڀريل شعور سنڌ جي آسودگيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهندو.“

هو ڪچهري ڪري رهيا هئا ته سندن دوست عرفان آيو. عرفان هٿ ڏئي ويٺو ڪريم چانهه جو پڇيس عرفان چانهه پيئڻ کان انڪار ڪندي پڇيس، ”ٻيرلوءِ ڌرڻو ختم ٿي ويو ڇا؟ “

ساگر وراڻيس، ”ها ٻيرلوءِ ڌرڻو ختم ٿي ويو آهي.“

عرفان چيس، ”مان ڀيرلوءِ ڌرتي ۾ نہ پهچي سگهيس، مون وٽ حسرت رهجي وئي آهي.“

”ڇو نہ پهچي سگهين؟“ ساگر پڇيس.

”منهنجي امڙ بيمار هئي ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ داخل هئي سار سنڀال لاءِ مان اڪيلو هيس، ڊاڪٽر آسرو ڏنو پئي اڄ ڇڏيان ٿو سڀاڻي ڇڏيندس. اڄ وڃي ڇڏيو آهي ڪلاڪ ٿيو آهي گهر پهتا آهيون. مان ڀيرلوءِ ڌرتي ۾ شريڪ نہ ٿي قومي حج ڪرڻ کان رهجي ويو آهيان. اها حسرت جهنجهوڙي رهي آهي. سنڌوءَ جو گناهگار ٿي پيو آهيان. مان ڀيرلوءِ جي ڌرتيءَ کي سلام ڪرڻ لاءِ گهران نڪتو آهيان هاڻي مان هلان ٿو.“ عرفان وراڻيس.

ساگر پڇيس، ”هن وقت سواري ملندئي؟“

”نيشنل هاءِ وي آهي. ضرور سواري ملندي هاڻي دم غافل رهي ڪافر ٿيڻ نہ ٿو چاهيان.“ عرفان وراڻيس.

عرفان موڪلائي وين ۾ وڃي ويٺو. وين ڀيرلوءِ ڌرتي واري جڳهہ تي لاٿس. عرفان ڌرتي واري جڳهہ تي سجدو ڪري ڌرتي ۾ شامل سنڌوءَ جي عاشقن جي جتين جي ڇٽيل مٽيءَ کي چمي ڏئي اتر طرف سنڌوءَ ڏانهن منهن ڪندي چيائين ”اي! ڀيرلوءِ تون شاهد رهجان قضا ڪيل فرض ادا ڪرڻ آيو آهيان.“ سندس اکيون سنڌوءَ جي محبت ۾ ساوڻ جي مينهن وانگر وسي پيون. هو واپس ورڻ لاءِ وين ۾ وڃي ويٺو. وين سنڌو نگر ڇڏيس، جتان هو گهر هليو آيو.

ساگر ڪريم کان موڪلائي گهر ويو ۽ آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيو. سندس نيڻن مان ننڊ موڪلائي وئي. هن جي جاڳيل اکين ۾ سنڌوءَ جو عڪس هو دل ۾ سنڌوءَ جي سِڪ جون ڇوليون هيون، دماغ ۾ ملڻ جي ماند هئي.

---

ڀيرلوءِ ڌرتي مان اُٿي قوم پرست سياسي پارٽيون ۽ وڪيل ورچي نہ وينا. ڪارپوريٽ فارمنگ جي منصوبي خلاف مسلسل جدوجهد ۾ رهيا، سڄي سنڌ ۾ احتجاج، ريليون ۽ جلسا ٿيندا رهيا. ڀيرلوءِ ڌرتي ۾ وچولي طبقي جي نوجوانن گهڻي شرڪت ڪري هڪ سگهارو ڪردار ادا ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جيڪو وچولو طبقو وجايو هو ان ئي طبقي سنڌ جي سياست ۽ محبت ڏانهن



تيزيءَ سان موٽ ڪئي. ان طبقي ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبو رد ڪرائڻ لاءِ 20 مئي تي پنائي آباد شهر جي باءِ پاس تي پرامن ڌرڻو هنيو. سنڌ پوليس دهشت گردي جو مظاهرو ڪندي سوين اٿالن ۽ بڪتر بند گاڏين سان پرامن ڌرڻي کي گهيري ۾ آڻي، سڌي فائرنگ ڪري هڪ نوجوان زاهد کي شهيد ۽ ڪيترن کي زخمي ڪيو زخمين ۾ ٻن نوجوانن جي حالت نازڪ هئي، جن کي پوليس ڪٺي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. نوجوان زاهد گولين جي گونجار آڏو للڪار ٻڌجي ڌرتيءَ جيڏو سينو سپرد ڪري سنڌ امڙ لاءِ شهيد ٿي امر ٿي بڻجي ويو.

شهيد ۽ زخمين جي وارثن نوجوان جو لاش نيشنل هاءِ وي تي نٿهڻ اُس ۾ رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. ڌرتي ۾ عورتون ۽ ٻارڙا بہ موجود هئا. ڌرتي ۾ حراس ۽ دهشت ڦهلائڻ لاءِ وڏيڪ پوليس پهچي گهيرو هڻي ڇڏيو. پوليس وٽ بڪتربند گاڏيون موجود هيون. دهشت ۽ ڏهڪاءُ ڦهلائڻ باوجود هڪ نوجوان جنهن جي هڪ ٽنگ ڪٽيل هئي، بيساکين تي بڪتربند گاڏيءَ اڳيان بيهي رهيو. معزور جو هڪ هٿ بيساکين ۾ هو تہ هڪ هٿ ۾ ڏنڊو هو. هو تند ٿي هٿيارن اڳيان بڪتربند گاڏيءَ کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري رهيو هو. ان معزور کي پنهنجو ڪو بہ احساس نہ هو تہ هيڻو ۽ ڪمزور آهيان. هو سنڌ ڌرتيءَ جي محبت جي قوت سان سرشار هو. بڪتربند گاڏين ۾ ويٺل اهلڪار معزور جي ڇهري ۾ ڪروڌ ۽ ڏهڪاءُ ڏسي ڏڪي رهيا هئا.

شهيد جي وارثن لاش ڪٺائي قبرستان ۾ دفن ڪري تعزيتي تڏو وڇايو. قومي ڪارڪن، ساڃاهہ وَند ۽ وڪيل تعزيت لاءِ ويندا رهيا. هڪ زخميءَ جو بروقت ۽ بهتر علاج نہ ٿيڻ سبب هڪ ٽنگ ڪٽي وئي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ زخمين ۾ هڪ وڏيڪ نوجوان عرفان شهادت جو جام پيتو. اها خبر سنڌ ۾ جهنگ جي باهہ جيان پکڙجي وئي. قوم ۾ ڪاوڙ ۽ غصو وڌي ويو. شهيد جو لاش بہ وڙهي رهيو هو. پوليس بدترين ظلم جي تاريخ کي ورجائيندي اسپتال مان لاش کي اغوا ڪري سخت پهري هيٺ قانون ۽ انسانيت جي لتاڙ ڪندي، جبر ۽ ڏاڍ سان شهيد جو لاش ڪٺي ڳوٺ جي پرسان هڪ قبرستان تي ڪڙو چاڙهي رات جي اونداهي ۾ دفن ڪري ڇڏيو. وارثن کي منهن بہ نہ ڏيکاريو ويو. وارث لاش وٺڻ لاءِ منٿون ڪندا رهيا تہ اسان پنهنجي پياري

ڪي سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ سان غسل ڏيون، سنڌي قومي گيتن جي پيٽا پيش ڪيون پر پوليس هڪ بہ نہ مڃي.

وارثن وڪيلن سان گڏجي ڪورٽ ۾ درخواست جمع ڪرائي تہ اسان کي پنهنجي پياري جو لاش ڏنو وڃي. ڪورٽ سڀوريءَ حڪم جاري ڪيو تہ قبر جي کوٽائي ڪري لاش وارثن حوالي ڪيو وڃي. ميڊيڪل بورڊ جوڙي وارثن ۽ وڪيلن جي نگرانيءَ ۾ قبر کوٽي لاش ڪڍي وارثن حوالي ڪيو ويو. وارث اُپَ ڏارينڌڙ دانهون ڪندا رهيا، هر اک آلي هئي پر وارثن وٽ جذبو ۽ جنون موجود هو. وارثن پنهنجي پياري جون آخري رسمون ادا ڪري تعزيت وٺڻ لاءِ تڏو وڇايو.

شهيد جي تڏي تي تعزيت لاءِ قوم پرست اڳواڻ، وڪيل، قومي ڪارڪن ۽ ساڃاهَ وَند ويندا رهيا ۽ وارثن سان ڏک ونڊيندا رهيا.

ساگر وٽ دڪي تي خيرپور جا وڪيل دوست نور جي اڳواڻيءَ ۾ آيا. ساگر وڪيل دوستن سان گڏجي پٺائي آباد جي شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪري آيو. ميڊم شهناز شيخ شهيدن جي ڳوٺ تعزيت ڪرڻ لاءِ جلوس جي صورت ۾ وڃڻ جو اعلان ڪيو. پوليس رات جي پيٽ ۾ چؤديواريءَ جو تقدس پائمال ڪري ڪيس گهر مان گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو. سندس گرفتاريءَ جي خبر تي شهري ۽ سندس ساٿي عورتون نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيون. پوليس ڌرڻي اڳيان بيوس بڻجي ميڊم کي آزاد ڪري ڇڏيو. ميڊم عورت ساٿين سان گڏجي شهيدن جي تڏي تي وڃي وارثن سان تعزيت ڪئي. پٺائي آباد واقعو سوچيل سمجهيل سازش هو. اهو واقعو سنڌين جي عدم تشدد جي سوچ ۽ تاثر کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪرايو ويو.

هزارين پوليس اهلڪارن هوندي سنڌي نظم جي خوبصورت شاعر، پوليس اهلڪار فياض تي تشدد ڪرائي سنڌ جي شعور ۽ قومي ٻڌيءَ ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جيڪو شعور سانده ٻارهن ڏينهن ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ پرامن ۽ منظم رهيو هو ۽ ڪنهن ڏارئي کي اڙي بہ نہ ڪئي هيائين.



# 8

صبح جو ساگر دڪي تي آيو، اخبار کولي پڙهي رهيو هو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي اشتهار تي نظر پيس، جنهن ۾ ليڪچرارن لاءِ درخواستون گهرائڻ جي آخري تاريخ پنجويهہ جون 2025ع هئي. ساگر ڏاڍو خوش ٿيو. هن صبح جو بئنڪ ۾ چالان پياري سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان لاءِ آنلائن فارم ڀرائي ڇڏيو. فارم ڀرڻ کان پوءِ ساگر گهر ۾ رهي ڪميشن جي امتحان ڏيڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن دڪي جي پتي تي ساگر جو ليٽر سيٺ شريف کي مليو. رات جو سيٺ شريف ڪمري ۾ وڃي ساگر کي ڏنو. ساگر ليٽر کولي پڙهيو جنهن ۾ ويهہ آڪٽومبر تي ڪميشن جي ٽيسٽ جي ڪال هئي.

اڻويهہ آڪٽوبر تي ساگر حيدرآباد وڃي پنهنجي دوست آڪاش وٽ رات رهي، صبح جو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس ۾ وڃي ٽيسٽ ڏئي واپس سنڌونگر آيو.

ٽيسٽ جو رزلٽ آيو، ساگر پاس هو، هن پنهنجي تياري جاري رکي.

هڪ ڏينهن ساگر کي ليٽر مليو، جنهن ۾ ڏهہ نومبر تي زباني امتحان جي تاريخ لکيل هئي . ساگر نَوَ نومبر تي حيدرآباد وڃي دوست وٽ رهي، صبح جو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آفيس وڃي زباني ٽيسٽ ڏئي واپس سنڌو نگر هليو آيو.

صبح جو ساگر سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ويب سائيٽ کولي رزلٽ ڏٺو جنهن ۾ هو پاس هو.

هن بي حد خوش ٿي والدين جي قدمن تي هٿ رکي خوشخبري ٻڌائي.

والدين ساگر سان خوش ٿي پيار ڪيو. ساگر سنڌوءَ، نذير ۽ ڪريم کي بہ ڪال ڪري خوشيءَ جي خبر ٻڌائي.

پندرهين ڊسمبر تي ساگر کي آفر آرڊر مليو. ميڊيڪل ۽ پوليس اسٽيشن کان رپورٽون وٺي آفيس ۾ جمع ڪرائي آرڊر وٺي آيو. ساگر جو آرڊر سنڌو نگر ڊگري ڪاليج ۾ ٿيو. هو ڪاليج ۾ وڃي جوائننگ ڪري آيو ۽ روزانو ڪاليج ويندو هو.



# 9

هڪ ڏينهن ساگر سنڌوءَ کي ڪال ڪري چيو. ”مان سڀاڻي توهان سان ملڻ لاءِ ڪراچي اچان ٿو.“

”ڪهڙي وقت پهچندا؟“ سنڌوءَ پڇيس.

”رات ستين بجي تائين پهچي ويندس.“ ساگر ٻڌايس.

”پوءِ ان وقت پاڻ سي. ويُو تي ملنداسين.“ سنڌو چيس.

ساگر صبح جو ڪاليج وڃي ٻه ڏينهن موڪل ڪري ڪوچ اڏي تي ويو. ٿوري دير ۾ گاڏي آئي. ٽيلهو ڪٽي پنهنجي سيٽ تي وڃي ويٺو. ڪوچ ڪراچيءَ جي صدر جي اڏي تي ڇهين وڳين شام جو پهتي. گاڏيءَ مان لهي موبائيل کولي ٽائيم ڏٺائين، ملاقات جي وقت ۾ اڃان هڪ ڪلاڪ هو. هو اڳتي وڏي ريسٽورنٽ ۾ ويو. ٿيلهو ٽيبل تي رکي هينڊ واش تي وڃي هٿ ۽ منهن ڌوئي ڪائونٽر تان ٽشو وٺي هٿن ۽ منهن کي خشڪ ڪري ٽيبل تي وڃي ويٺو. بيري پاڻي ڪٽي اچي رکيو. هن چانهه لاءِ چيس. بيري ٿوري دير کان پوءِ چانهه آڻي سندس اڳيان ٽيبل تي رکي. هو چانهه پيئي بل ڪائونٽر تي ڏئي ٿيلهو ڪٽي ريسٽورنٽ کان ٻاهر نڪري سي ويُو لاءِ سواريءَ جي انتظار ۾ وڃي بيٺو. پيپلز بس آئي. ان ۾ چڙهي ٿيلهو هنج ۾ ڪري سيٽ تي ويٺو. سنڌ حڪومت شهرين جي سهولت لاءِ پيپلز بس سروس هلائي رهي هئي، جنهن ۾ ڪرائي جي رعايت هئي. عام شهري پيپلز سروس ۾ سفر ڪندا هئا, گاڏي خوبصورت ۽ ايئرڪنڊيشنڊ هئي، بس سي ويو تي وڃي بيٺي ساگر ٿيلهو ڪٽي لٿو.

ٿيلهي کي ڪلهي ۾ لٽڪائي موبائيل کيسي مان ڪڍي سنڌوءَ کي ڪال ڪري ٻڌايائين.

”مان رستي ۾ آهيان.“ سنڌو چيس.

هو بينچ تي پرسان ٽيلهو رکي ويهي رهيو. سندس نظرون وقت جي ڪانٽي سان گڏ راهن تي گهمنديون رهيون. ٿوري دير کان پوءِ سنڌو موج مستيءَ ۾ ڇوليون هڻندي بدن جي سازِ عشق جي سنگيت سان اچي ساڻس ملي.

هن گرم جوشيءَ سان کيس مبارڪ ڏني. هن مٺائيءَ جو دٻو کولي سنڌوءَ کي مٺائي کارائي. سنڌوءَ ساگر کي مٺائي کارائي.

ساگر چيس، ”اسان جي پهرين ملاقات سنڌوءَ جي پير ۾ ٻيرلوءِ ڌرتي ۾ ٿي هئي.“

سنڌوءَ وراڻيس، ”ها ساگر ٻي اڄ ملاقات ساگر جي ڪناري تي ٿي آهي.“

ساگر چيس، ”سنڌو ڪالهہ جُز هئاسين اڄ ڪُل آهيون.“

سنڌوءَ پڇيس، ”ٻڌاءِ تون خوش آهين؟“

محبت ۾ حجاب جو پردو ٽٽي پيو. توهان تون ۾ تبديل ٿي وئي.

ساگر وراڻيس، ”سنڌو توکان پري بي قرار هيس هاڻي قرار ۾ آهيان.“

سنڌوءَ چيس، ”ها ساگر رياضت کان پوءِ ئي قرار ماڻبو آهي. ٻيرلوءِ ڌرتو رياضت هئي، هاڻي قرار آهي.“

ساگر چيس، ”پٺائي آباد جي واقعي ذڪارو ڪري ڇڏيو آهي.“

سنڌوءَ وراڻيس، ”قوم ۾ وطن جي جدوجهد ۾ شهادتون ڏاج هونديون آهن، شهيدن جا گهر ۾ مزارون ڏاڍيون سهڻيون ۽ پياريون لڳنديون آهن، شهيدن جون قربانيون قوم لاءِ راهِ مشعل هونديون آهن. اهي شهادتون تاريخ هونديون آهن.“

سنڌوءَ پڇيس، ”ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبي خلاف هلندڙ احتجاجي جلسن ۽ ريلين ۾ تون شريڪ ٿيندو آهين؟“

ساگر وراڻيس، ”ها مان شريڪ ٿيندو آهيان.“

سنڌوءَ ٻڌايس، ”بہ ڏينهن اڳ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ اياز لطيف پليجو ٽنڊو محمد خان ۾ شاندار ريلي ڪڍي هئي ڪالهہ اسان وڪيلن بہ ريلي ڪڍي وزير اعليٰ جي آفيس آڏو احتجاجي جلسو ڪيو هو.“

ساگر وراڻيس، ”حڪومت ڌرتي جي دٻاءَ ۾ اچي وئي هئي بہ ڏينهن وڏيڪ ڌرتو هلي ها تہ ڪارپوريٽ فارمنگ وارو مسئلو حل ٿي وڃي ها.“

سنڌوءَ وراڻيس، ”حڪومت سدائين ويساهہ گهاتيون ڪيون آهن ۽ دوکو ڏيندي رهي آهي....“ کن پل رکي چيائين، ”تون صبح کان سفر ۾ آهين. ٿڪاوٽ ۾ بک بہ لڳي هوندئي هل تہ ماني کائون هلي.“



ساگر وراڻيس، ”ٿڪ ۾ بک ختم ٿي وئي آهي پر تنهنجو بہ واپسي لاءِ گهر ۾ انتظار ٿيندو هوندو اُٿو تہ هلون ٿا.“

هو اُٿي هلڻ لڳا، سمنڊ جا منظر ڏسندا رهيا، دل لُڀائيندا اڳتي وڌندا رهيا. ساگر جي هوشو ريسٽورنٽ تي نظر پئي، ساگر چيس، ”ان تي ٿا هلون ان جو مالڪ سنڌي آهي، اسان جي شهر جو رهاڪو آهي.“

هو ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿي ٽيبل تي وڃي ويٺا، بيري پاڻي کڻي ٽيبل تي رکي آرڊر جو پڇيو ”سنڌوءَ مينيو ڏسي مٽن ڪڙهائي جو آرڊر ڏنس.“

بيرو واپس ٿي اڳتي وڌڻ لڳو تہ ساگر کيس واپس اچڻ لاءِ سڏ ڪري چيس تہ، ”اڄ سنڌوءَ جي شيءِ ڪاڻي آهي.“

سنڌو حيرت مان نهارڻ لڳس. ساگر جي اندر ۾ تڏيون لهرون سسرائيون ڪيڻ لڳيون. هُو هٿن کي مهٽڻ ۽ پيرن کي لوڏڻ لڳو.

ساگر بيري کان پڇيو ”پلو آهي؟“

بيري وراڻيو ”ها صاحب پلو آهي.“

ساگر چيس، ”پلو تيار ڪراءِ.“

بيرو آرڊر تيار ڪرائڻ لاءِ هليو ويو.

ساگر مٿان ماٺار ڇائنجي وئي.

سنڌوءَ پڇيس، ”ڇو خاموش ٿي ويو آهين؟“

ساگر وراڻيس، ”ناراض نہ ٿيو تہ مان ڪجهہ چوڻ چاهيان.“

”ڇو ناراض ٿينديس؟“ سنڌوءَ پاٻوهہ سان وراڻيس، ”بہ دليون هڪ دڙڪن آهي، بہ بدن هڪ ساهہ آهي، بہ دماغ هڪ سوچ آهي، چار پير هڪ منزل آهي، ٻڌائڻ کان ڇو گهٻرائين ٿو؟“

”تنهنجي ناراضگيءَ جي ساعت جي بہ سهپ مون وٽ ناهي.“ ساگر چيس.

”تون جيڪو چوڻ چاهين ٿو چئُہ پوءِ منهنجي مرضي.“ سنڌوءَ محبت جي سرشاريءَ ۾ وراڻيس.

ساگر خوشي ۽ ڏک جي گڏيل ڪيفيت ۾ اچي ويو.

”ساگر منهنجي مرضيءَ جي جملي تي ملال ٿي ويو آهين؟“ سنڌوءَ حيرت مان پڇيس.

”ها سنڌو!“ ساگر ساڳئي موهہ سان وراڻيس.

"پوءِ ڇا تون منهنجي مرضيءَ تي نہ هلندين؟" سنڌوءَ پڇيس.

"پوءِ ٻڌ تنهنجي مرضي منهنجي مرضي."

"سنڌو تنهنجي مرضي مان راضي." ساگر موج ۾ اچي وراڻيس.

"پوءِ ڳالهہ ڪر نہ." سنڌوءَ ٽهڪ ڏئي پڇيس.

ساگر همٿ ڪندي چيس، "تون ۽ مان شادي ڪيون؟"

خاموشي ڇانئجي وئي.

ٿوري دير کان پوءِ ساگر وڌيڪ چيس، "اسان مان سنڌ کي صالح اولاد ٿيندو، ڌرتي کي صالح اولاد ڏيڻ لاءِ سانگ سجائڻو پوندو. وطن جي محبت جي ڪيتر ۾ ڦُٽل ٻن دلين جو ڦل منو ٿيندو آهي، ان گلشن کي نہ مايا نہ خزان اُجاڙي سگهي ٿي."

سنڌوءَ جي چهري تي لهرن جهڙي مُرڪ اُڀري آئي.

بيري آرڊر کڻي اچي ٽيبل تي رکيو. ساگر پليٽ کڻي هڪ سنڌوءَ اڳيان ۽ هڪ پنهنجي اڳيان ڪئي. سنڌو خاموشيءَ سان پلي مان گوشت پٽي ڪنڊا ڪڍي کائيندي رهي. ساگر ڏسندو رهيس.

ساگر پڇيس، "سنڌو، توهان جواب نہ ڏنو؟"

سنڌو وري بہ خاموش رهي. ساگر بي دليءَ سان کائيندو رهيو.

سنڌوءَ ساگر جي کائڻ تي نظر ڦيرائي چيس، "ساگر سنڌوءَ جي اندر مان جيڪا شيءِ طلبي آئي ان مان تہ پيٽ ڀر نہ!؟"

سنڌوءَ جي جواب تي ساگر جا احساس ڪومائجڻ لڳا. سنڌوءَ گوشت پٽي ڪنڊن سميت ساگر جي وات ۾ وجهڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايو. ساگر چپ ڀيڪوڙي ڪنڌ انڪار ۾ لوڏيو.

سنڌو هٿ پوئتي ڪري ڪنڊا ڪڍي ڀيهر هٿ وڌائي ساگر جي وات ۾ وڌو. ساگر ڳيت ڏئي ائين کائي ويو ڄڻ ازل کان بُکايل هجي.

سنڌوءَ چيس، "ساگر تون پنهنجي ڳالهہ مون کي ڪنڊن سميت کارائڻ چاهين ٿو؟"

سنڌوءَ جي جواب تي ساگر جي جذبن جو ڏيئو اُجهامڻ لڳو.

سنڌوءَ عشق جي ماچيس مان تيلي ٻاري ڏيئو ٻارڻ جي ڪوشش ڪندي چيس، "ساگر مان راضي آهيان."

ساگر ڀڙڪو ڏئي ٻرِي پيو. ڪوڙين ريتن ۽ رسمن جي اونداهيءَ ۾ روشن ٿي پيو.

سنڌوءَ وڌيڪ چيس، "ساگر پهريان ڪندا تہ ڪيڻ ڏي نہ."



ساگر پڇيس، "مان نہ سمجهي سگهيس."

سنڌوءَ چيس، "زندگي جي اهم فيصلي لاءِ والدين جو راضپو ضروري آهي. انهن جي رضامندي خوشين جي ضمانت آهي. ان رضامنديءَ ۾ اصل ۾ جٿادار خوشي شامل هوندي آهي. تون بہ والدين کي راضي ڪر مان بہ راضي ڪيان ٿي. مان والدين جي اڪيلي اولاد ۽ سهارو آهيان، ان عمل ۾ ڏينهن لڳن تہ لڳڻ ڏي پاڻ رابطي ۾ رهنداسين."

سنڌو ٽشو پيپر سان هٿ صاف ڪري بيري کي سڏ ڪري، ساگر کان پڇيو، "تون ڇا پيئندين؟"

ساگر مايوس لهجي ۾ وراڻيس، "ڪولڊ ڊرنگ."

سنڌوءَ بيري کي هڪ چانهہ ۽ هڪ ڪولڊ ڊرنگ کڻي اچڻ لاءِ چيو. بيري چانهہ ۽ ڪولڊ ڊرنگ آڻي ساگر اڳيان ۽ چانهہ سنڌوءَ اڳيان رکي.

سنڌوءَ ڪوپ کڻي سُرڪي ڀري چيس، "ساگر چانهہ جو رنگ ڏس سنڌوءَ جي پاڻيءَ جهڙو ۽ پورن ڳلن جهڙو آهي."

سنڌوءَ ڪوپ ساگر اڳيان رکي ۽ ڪولڊ ڊرنگ کڻي پنهنجي اڳيان رکندي چيس، "هيءَ پريت پيئُ، اجان ڪهڙي پريشاني ۾ دُک ۽ ٻرين ٿو پيو!؟" "ساگر جيڪڏهن تو وٽ منهنجي لاءِ محبت ۽ جذبو نہ هجي ها تہ مون کي ويري ختم ڪري ڇڏين ها، جسم ۽ جان تي ڪرٽن سان وڍ ڏين ها. اُنَ جو رُڪُ وجود کي ذرا ذرا ڪري ڇڏي هان، بقا جي خوف جي باهہ کي تنهنجي محبت، ساٿ ۽ جذبي گهٽائي ڇڏيو آهي."

ساگر وراڻيس، "سنڌو تون منهنجو ساهہ آهين... تون ئي منهنجو جياپو آهين."

ساگر مُرڪَ مُرڪي بيري کي چيو، "بل کڻي اچ."

بيرو بل کڻي آيو سنڌوءَ بيري کي بل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ساگر سنڌوءَ کي روڪيندي بل ڏيڻ جي ڪئي تہ سنڌوءَ چيس، "ساگر مان توکي مٺائي کارائي آهي."

سنڌوءَ بيري کي چيو، "مون کان بل وٺ."

ساگر خوش ٿيندي پنهنجا پئسا کيسي ۾ وجهندي چيس، "هاڻي اُٿو تہ هلون."

ٻئي ريسٽورنٽ مان نڪري سواريءَ لاءِ وڃي بيٺا.

"تون ڪٿي وڃي رهندين؟" سنڌوءَ پڇيس.

”ڊفينس ۾ منهنجو دوست طارق رهندوآهي ان وٽ وڃي رهان ٿو. صبح واپس سنڌو نگر هليو ويندس.“

سنڌوءَ جي سواري اچي وئي. هوءَ ساگر کان موڪلائي پنهنجي گهر هلي وئي. ساگر کي بہ سواري ملي وئي. هو پنهنجي دوست ڏانهن هليو ويو.

صبح جو ساگر تيار ٿي واپس سنڌو نگر آيو.

---

هڪ ڏينهن سنڌوءَ پنهنجي ماءُ روبينا کي چيو ”امان توهان اجازت ڏيو تہ مان شادي ڪيان.“

”سنڌو توکو ياڳ پريو ڳولهيو آهي ڇا؟“ ماءُ ڇرڪ ڀري پڇيس.

”ها امان!“ سنڌوءَ وراڻيس.

”ان شهزادي جو نالو ڇا آهي؟“ ماءُ پڇيس.

”امان نالو ساگر اٿس.“ سنڌوءَ وراڻيس.

”ڪٿان جو آهي؟“ ماءُ پڇيس.

”امان سنڌو نگر جو آهي.“ سنڌوءَ وراڻيس.

”تنهنجو هن سان واسطو ڪٿي ٿيو؟“ ماءُ پڇيس.

”امان پهرلو ڏرٽي ۾.“ سنڌوءَ وراڻيس.

”ان مختصر ملاقات ۾ زندگيءَ جو فيصلو ڪري ويهي رهي آهين؟“ ماءُ چيس، ”ڇا تو ساگر جي خاندان جي باري ۾ ڄاڻ ورتي آهي؟“

”ان جي ضرورت ڪهڙي آهي؟“ سنڌوءَ وراڻيس.

”ساگر توسان ڪٿي دوکو ڪري پوڙي نہ وڃهئي!؟“روبينا چيس.

”امان سهڻيءَ کي خبر هُئي گهڙو ڪچو آهي پر پوءِ بہ درياءَ ۾ گهڙي تَري اَمر بڻجي وئي. مان ساگر کي چڱيءَ ريت پرکيو آهي ان جو اوهان فڪر نہ ڪريو.“ سنڌوءَ وراڻيس.

”مان تنهنجي پيءُ سان ڳالھ ڪيان ٿي.“ روبينا وراڻيس.

روبينا سنڌوءَ جي مسئلي تي پريشان رهڻ لڳي.



# 10

ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبي خلاف جدوجهد هلندي رهي. قوم پرست سياسي پارٽين احتجاج، ريلين ۾ جلسا جاري رکيا.

سيد زين شاھ ٿٽائي آباد ۾ ريلي ڪيئي. ان ريليءَ ۾ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ وڪيل اڳواڻ عامر نواز شرڪت ڪئي. ريليءَ ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪري مطالبو ڪيو تہ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبو رد ڪيو وڃي.

---

هڪ ڏينهن ساگر سنڌوءَ کان ڪال ڪري پڇيو ”توهان والدين سان ڳالهايو آهي؟“

”امان کي ٻڌايو آهي اڄ رات بيهر ڳالهائيندس هاڻي پنهنجو مسئلو حل ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. پر ساگر توکي مون سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهڻو پوندو.“ سنڌوءَ وراڻيس.

ساگر وراڻيس، ”ها سنڌو مان بدلي ڪرائي ڪراچيءَ ايندس.“

”ساگر مان ڪوشش ڪيان ٿي، تون بہ والدين کي راضي ڪري وٺ.“ سنڌوءَ چيس.

هو روزانو ڪاليج ويندو هو پهرين تاريخ ٿي. پگهار وٺي رات جو والدين جي ڪمري ۾ اچي کين پئسا ڏيندي چيائين، ”هيءَ توهان جي لاءِ خرچي آندي اٿم.“

”پٽ اسان کي پئسا نہ ڏي. تون پنهنجي لاءِ ميڙي رک.“ سيٺ شريف وراڻيس.

زرينا چيس، ”ساگر پٽ تنهنجو بابا سهي چوي ٿو ’ها‘ ڪر تہ شهزادِي ڳولهي توکي پرڻايان. پنهنجي جيئري خوشي ڏسي وڃون. اهي پئسا پنهنجي شاديءَ ۾ اولاد لاءِ گڏ ڪندو رَهُ“

"امان ڳولهين وري ڪيئن ٿي؟ مان ڳولهي لڌي آهي. توهان اجازت ڏيو مان شادي ڪيان." ساگر مُرڪي وراڻيس.

ماءُ مسڪرائي وراڻيس، "نہ نہ..... ساگر مان پاڻ ڳولهينديس. توڪان سهڻي تہ ٿي نٿي سگهي پر گهٽ ۾ گهٽ تو جهڙي تہ حَسين هجي."

ساگر وراڻيس، "امان مان جيڪا ڳولهي لڌي آهي نہ، اها سونهن جي آخري حد آهي."

ماءُ وراڻيس، "ٺيڪ آهي. ٺيڪ آهي. ساگر منهنجي توکي اجازت آهي. پر پُٽ جيڪڏهن تو جهڙي سهڻي نہ هئي تہ اسان رشتو قبول نہ ڪنداسين."

"امان اهو شرط مون کي قبول آهي. ٻن ڏينهن ۾ تيار ٿيو ڪراچيءَ هلون توهان کي ملائي اچان." ساگر خوش ٿيندي وراڻيو.

سيٺ شريف چيس، "ساگر مان تہ ماءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ مذاق پئي سمجهي پر تون تہ تيار آهين."

ساگر وراڻيس، "ها بابا مان آيو ئي توهان کان اجازت وٺڻ لاءِ آهيان. پر امان مون کان اڳ موضوع کولي وِڌو."

"ڇوڪري ڪير آهي؟" سيٺ شريف پڇيس.

"بابا ڪراچيءَ جي سنڌي وڪيل آهي. نالو سنڌو اٿس." ساگر وراڻيس.

"ساگر پنهنجي پياءُ نذير سان وچي حال احوال ڪر. هو جيڪو فيصلو ڪندو اسان کي اهو قبول هوندو." سيٺ شريف چيس.

ساگر موڪلائي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

هڪ ڏينهن سنڌوءَ پنهنجي ماءُ کان پڇيو "امان بابا سائين سان توهان ڳالهايو آهي؟"

روبينا وراڻيس، "سنڌو پٽ تنهنجي بابا سان نہ ڳالهايو اٿم. اڄ رات ڳالهہ ڪيانس ٿي."

"امان ٻئي گڏجي بابا سان ملئون ٿيون." سنڌوءَ چيس.

روبينا ۽ سنڌو احمد جي ڪمري ۾ ويون.

روبينا چيو "احمد سنڌوءَ جو چوڻ آهي تہ اجازت ڏيو مان شادي ڪيان."

احمد سوچ ۾ گم ٿي پڇيو "سنڌو پٽ، نوجوان ڪير آهي؟"

سنڌوءَ وراڻيس، "بابا، سنڌي نوجوان آهي."



احمد پڇيس، "نالو ڇا اٿس؟"

سنڌوءَ وراڻيس، "نالو ساگر اٿس."

احمد پڇيس، "ڇا ڪندو آهي؟"

سنڌوءَ وراڻيس، "ليڪچرار آهي."

احمد پڇيس، "ڪٿي رهندو آهي؟"

سنڌوءَ وراڻيس، "بابا سنڌو نگر جو آهي."

احمد پڇيس، "سنڌو توهان جو واسطو ڪٿي ٿيو؟"

سنڌوءَ وراڻيس، "ٻہر لوءِ ڏرٽي ۾."

احمد چيس، "ساگر تہ پري جو آهي."

سنڌوءَ وراڻيس، "ساگر کي ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ شرط رکيو اٿم."

احمد چيس، "پٽ ٺيڪ آهي، ساگر کي گهر چانهہ تي گهرايو."

روبينا چيس، "سنڌو هاڻي تون هلي آرام ڪر."

هن پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ساگر کي ڪال ڪري چيو "مان والدين سان ڳالهايو آهي بابا جو چوڻ آهي توهان چانهہ پيئڻ لاءِ گهر اچو."

ساگر وراڻيس، "مان سُڀَڻُ ڪراچيءَ توهان وٽ ايندس."

ڇنڇر جو ڏينهن هو. ساگر ڪاليج وڃي ٽي ڏينهن موڪل ڪري ڪراچيءَ هليو ويو.

رات جو پنهنجي پياءُ نذير جي ڪمري ۾ وڃي حال احوال ڪندي چيائيس، "ادا اجازت ڏيو تہ مان شادي ڪيان."

"ڇوڪري پسند ڪئي آهي ڇا؟" نذير پڇيس.

"ها ادا پسند ڪئي آهي." ساگر وراڻيس.

"ڇوڪري ڪير آهي؟" نذير پڇيس.

"سچل ڳوٺ ۾ رهندي آهي. نالو سنڌو اٿس. پاڻ سنڌي وڪيل آهي." ساگر وراڻيس.

نذير چيس، "آفيس ۾ ملڻ لاءِ وقت وٺوس ملاقات ڪري پوءِ اڳتي لاءِ فيصلو ڪنداسين."

ساگر موڪلائي پنهنجي ڪمري ۾ ويو.

سنڌوءَ کي ڪال ڪري چيائين، ”مان ادا نذير وٽ ڪراچيءَ ۾ رهيل آهيان. مان سڀاڻي رات ستين بجي توهان جي گهر ايندس.“

ٻئي ڏينهن ساگر رات جو سچل ڳوٺ هليو ويو سنڌوءَ جي گهر جي وجي گهنٽي وڄايائين.

احمد ٻاهر نڪتو ساگر احمد سان جهڪي مليو.

”مان ساگر آهيان.“

”پٽ گهر هليو اچ.“ احمد وراڻيس.

”ساگر اندر آيو.“

گهر ۾ ٻه ڪمرا ۽ هڪ هال هو. هال ۾ ڪرسيون رکيل هيون. ساگر کي هال ۾ وهاريو. روبينا ٻه وجي مليس. سنڌوءَ چانهه ٺاهڻ لاءِ هلي وئي، روبينا ۽ احمد ساگر کان حال احوال وٺندا رهيا. ساگر چانهه پيئي وڃڻ جي اجازت گُهري.

احمد چيس، ”پلي پٽ توهان اجازت آهي.“

ساگر موڪلائي فليٽ تي هليو ويو.

احمد چيس ”سنڌو ساگر کي چئه ته والدين کي وٺي، مڱڻي ورهائي تاريخ وٺي وڃن.“

سنڌوءَ وراڻيس، ”بابا سائين منهنجو سڳورو بخت آهي.“

”سنڌو هاڻي تون هلي آرام ڪر.“ احمد مُرڪي چيس.

احمد ۽ روبينا پنهنجي ڪمري ۾ هليا ويا.

احمد چيو ”روبينا مون توکي چيو نه سنڌوءَ جي مخالفت ڪير ڪندو. ساگر ڪيترو نه فهم ۽ فضيلت وارو نوجوان آهي. سنڌوءَ جي پسند ٻه مون کي پسند آئي آهي.“

روبينا وراڻيس. ”سنڌو منهنجي ڏاهي نياڻي آهي پنهنجي لاءِ بهتر فيصلو ڪري سگهي ٿي.“

احمد وراڻيس، ”سنڌو پنهنجي ڪمري ۾ وجي ساگر کي ڪال ڪري چيو ته بابا چئي ٿو توهان پنهنجا والدين وٺي اچو مڱڻي ورهائي ۽ تاريخ وٺي وڃو.“

”سڀاڻي ٻارهين وڳي توهان جي آفيس ايندا سين، ان کان پوءِ جيڪو فيصلو بيٺو اوهان انتظار ڪجو.“ ساگر وراڻيس.

” نيڪ آهي. انتظار رهندو.“ سنڌوءَ چيس



صبح جو ٻارهين وڳي نذير ۽ ساگر هاءِ ڪورٽ بار جي آفيس ۾ سنڌوءَ وٽ آيا. سنڌوءَ گرمر جوشي سان سندن آڏرڀاءُ ڪري ويهڻ لاءِ چيو سنڌوءَ ملازم کي چانهه ۽ ڪيڪ وٺي اچڻ لاءِ چيو نذير سنڌوءَ سان ڪچهري ڪرڻ لڳو. ملازم چانهه ۽ ڪيڪ کڻي ٽيبل تي رکيا، هنن گڏجي چانهه پيتي.

”توهان هڪٻئي کي پسند ڪيو ٿا؟“ نذير پڇين.

ساگر ۽ سنڌوءَ هاڪار ڪئي.

”ادا نذير مان هڪ شيءِ توهان جي اڳيان رکڻ چاهيان ٿي، مان ساگر سميت پنهنجي والدين جي گهر ۾ رهنديس.“ سنڌوءَ چيس.

نذير وراڻيس، ”اهو ته مسئلو ناهي اسان صلاح ڪري ٻڌائينداسين.“

هو سنڌوءَ کان موڪلائي گاڏيءَ ۾ ويٺا.

نذير چيس، ”ڇوڪرا پاڻ جهڙي ڇوڪري ڳولهي لڌي اٿئي.“

ساگر مسڪرائي ڏنو.

نذير ڪائنس پڇيو ”تنهنجو سنڌوءَ سان واسطو ڪٿي ٿيو؟“

”ادا ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾.“ ساگر وراڻيس.

”اچا ڏاڍو زبردست.“

نذير ڪال ڪري والد کان ساگر جي رشتي جو پڇيو.

سيٺ شريف وراڻيس، ”توهان کي موزون رشتو لڳي ٿو ته اسان راضي آهيون.“

نذير چيس، ”ساگر ڪال ڪري سنڌوءَ کي چئُه سڀاڻي اسان مڱڻي ورهائڻ لاءِ ايندا سين.“

ساگر سنڌوءَ کي ڪال ڪري چيو ”سڀاڻي اسان توهان جي گهر مڱڻي ورهائڻ لاءِ ايندا سين.“

سنڌوءَ خوشيءَ جي اظهار ۾ وراڻيو ته، ”اسان انتظار ڪنداسين.“

ٻئي ڏينهن شام جو نذير پنهنجي زال کي چيو ”تيار ٿي ساگر جي مڱڻي ورهائي اچون.“

هُو تيار ٿي گاڏيءَ ۾ ويهي ٻاهر نڪتا بازار ۾ وجي گاڏيءَ کي بريڪ ڏئي نذيرساگر کي چيو ”هيءُ پئسا وٺ سامهون بيڪري تان مڱڻيءَ وٺي اچ.“

ساگر مڱڻي وٺي گاڏيءَ ۾ ويٺو هو سچل ڳوٺ ۾ سنڌوءَ جي گهر جي دروازي تي اچي بيٺا.

ساگر گهنٽي وڄائي. احمد نڪري آيو نذير ۽ ساگر سان هٿ ملائي کين گهر وٺي آيو.

روبينا ۽ سنڌو ساڻن پيار ۽ پاٻوهه سان مليا، کين ويهاري حال احوال ورتو.

نذير چيو "دعا گهرجي؟"

احمد وراڻيس، "بسم الله."

دعا گهري هڪٻئي کي مبارڪون ڏنائون.

نذير ساگر کي چيو "مٺائي کڻي اچ." ساگر گاڏيءَ مان مٺائي کڻي آيو.

نذير مٺائي ورهائي، سمورن کاڌي.

سنڌوءَ ماني کڻي ٽيبل تي لڳائي. هُو ماني کائي ويٺا.

نذير چيو "تاريخ ڪهڙي ڏيو ٿا؟"

"هيءُ مارچ مهينو آهي، موسم بهتر آهي. هن مهيني جي ڪهڙي به تاريخ رکو." احمد وراڻيو.

"اپريل جي ارڙهين تاريخ رکو." سنڌوءَ وراڻيو.

نذير چيو "اپريل سخت گرم رهندو."

"ادا ارڙهن اپريل تي ٻيرلوءِ ۾ ڊرٽو لڳو هو. اهو ڏينهن قوم جي سوڀ جو ڏينهن آهي. اوهان ان ڏينهن جي تياري ڪيو."

"نذير، سنڌو جيڪا تاريخ ڏني تي اها قبول ڪيو." احمد چيس.

"ارڙهن اپريل سنڌ لاءِ عظيم ڏينهن آهي. اهو ڏينهن بهتر آهي، اسان تياري ڪيون ٿا." ساگر وراڻيس.

هو موڪلائي گاڏيءَ ۾ ويهي فليٽ تي هليا آيا.

نذير ساگر کي چيو "صبح توهان درخواست ٺهرائي بدلي لاءِ تعليم جي سيڪريٽريءَ کي ڏئي اچو."

صبح جو ساگر تيار ٿي سنڌ سيڪريٽريٽ وڃي تعليم جي سيڪريٽري کي بدليءَ لاءِ سچل سرمست ڊگري ڪاليج سنڌو نگر کان ڊگري ڪاليج گلشنِ حديد ڪراچيءَ لاءِ درخواست ڏئي آيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ بدليءَ جو آرڊر کڻي فليٽ تي آيو.

رات جو نذير جي ڪمري ۾ ويو. کيس چيائين، " ادا منهنجي بدلي ٿي وئي آهي سياڻي مان واپس وڃي رليز ٿي جوائننگ لاءِ واپس موٽي ايندس."

نذير وراڻيس، "نيڪ آهي."



صبح جو ساگر تيار ٿي سنڌو نگر هليو ويو. رات جو والدين سان ملي حال احوال ڏنائين. والدين ڏاڍا خوش ٿيا.

صبح جو ڪاليج وڃي رليز ٿي آيو. صبح جوائننگ ڪرڻ لاءِ ڪراچي هليو ويو. رات جو نذير جي فليٽ تي رهي صبح جو ڪاليج وڃي جوائننگ ڪري آيو.

شام جو نذير گهرواري ۽ ساگر کي وٺي خريداريءَ لاءِ شهر ويو. هنن پهرين ڏينهن فرنيچر جي خريداري ڪئي. جنهن ۾ هڪ ڊبل بيڊ، صوفا سيٽ، ٽيبلون، ڪرسيون ٻه عدد الماڙيون، هڪ عدد ايئرڪنڊيشن ۽ ايل سي ڊي هئي.

نذير ساگر کي چيو "مزدا ڪرائي اچ هيءُ سامان کڻائي سنڌوءَ جي گهر پهچائي اچ."

ساگر مزدا گاڏي ڪرائي سامان کڻائي سنڌوءَ جي گهر ۾ وڃي رکرايو. سنڌو ۽ والدين کي خريداريءَ جي چونڊ ڏاڍي پسند آئي.

ساگر واپس فليٽ تي آيو.

هنن خريداري مڪمل ڪري ورتي ته هڪ ڏينهن نذير ساگر کي چيو. "توهان صبح هڪ هفتي لاءِ ڪاليج کان موڪل ڪري سنڌو نگر هليا وڃو. پروگرام جي وڃي تياري ڪريو. 16 اپريل تي توهان صبح جو اٺين بجي ڄڃ وٺي نڪري اچجو پاڻ هتان گڏجي سنڌوءَ جي گهر هلنداسين."

سنڌو ٻه والدين سان گڏجي وقفي وقفي سان خريداري مڪمل ڪري ورتي.

ساگر صبح جو تيار ٿي ڪاليج ويو. هڪ هفتي جي موڪل وٺي فليٽ تان ٽيلهو کڻي صدر ۾ ڪوچ اڏي تان ٽڪيٽ وٺي سنڌو نگر هليو ويو. شام جو چار وڳي سنڌو نگر پهتو.

گاڏي مان لهي ٽيلهو کڻي گهر آيو. والدين سان ملي حال احوال ڏنائين.

ساگر چيو "16 اپريل پاڻ ڄڃ وٺي صبح جو اٺين بجي ڪراچي هلنداسين. ادا نذير چيو آهي صرف اسان جي فيملي ۽ سؤٽ مهراڻ جي فيملي اچجو ٻين کي تڪليف نه ڏيجو."

"ماسي حليمان ۽ ادي نجمه واريون ڏک ڪنديون." زرينا چيو.

"امان ماڻهو غريب آهن، انهن جو ڪافي خرچ ايندو. انهن کي هتي گهر جي پروگرام لاءِ ارڙهين تاريخ رات جو ۽ ڏينهن جو ٻڌائجان." ساگر وراڻيو.

ساگر پيءُ کان مهمانن جا نالا وٺي ۽ پنهنجي دوستن جي لسٽ ٺاهي ڪارڊ ڇپرائي نالا لکيا.

صبح جو تيار ٿي ڪارڊ کڻي، گاڏي ڪڍي ڊڪي آيو.

منور کي چيائين، ”هي ڪارڊ آڻيئي بابا ڊڪي تي اچي ته کڻي ورهائي اچ. جيڪي رهن ته سپاڻي وڃجانءِ.“

ساگر پاڻ ڪارڊ کڻي دوستن ۾ ورهائي شام جو واپس گهر آيو. رات جو ڪارڊ کڻي ڪريم کي ڏيڻ لاءِ ويو. ڪريم اسٽور تي ويٺو هو. ساگر ملي ڪارڊ ڏنس. ڪريم ڪارڊ پڙهي خوشيءَ جو اظهار ڪيس.

ساگر ڪريم کان موڪلائي آرام ڪرڻ گهر آيو.

نذير نڪاح پڙهڻ لاءِ مولوي کان 17 اپريل 12 بجي جو وقت وٺي ڇڏيو هو. 16 تاريخ صبح ائين بجي ساگر تيار ٿي، بوسڪيءَ جو وڳو پهريو سنڌي انداز ۾ بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌي ڪُلهن تي اَجرڪ رکيو. ڪيس موڙ قوم پرست اڳواڻ غوث بخش خاصخيليءَ ٻڌا.

جَڃ ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿي، شام جو صدر ۾ نذير جي فليٽ تي پهتا ۽ رات اُتي ئي ترسي پيا. 17 اپريل تي تيار ٿيا ته مولوي حماد به فليٽ تي آيو. هو گاڏي ڪڍي ڄڃ سان گڏ سچل ڳوٺ ۾ سنڌوءَ جي گهر آيا، مولويءَ نڪاح پڙهايو. سنڌو هڪ سجايل ڪمري ۾ ويٺي هئي، ساگر کي ڪمري ۾ وٺي وڃي رسمون ادا ڪيون ويون. شاديءَ جون رسمون پوريون ڪري گاڏين ۾ وڃي ويٺا. هڪ ڪار ۾ گهوٽ، ڪنوار، احمد ۽ روبينا ويٺا. ڄڃ سنڌو نگر لاءِ نڪري وئي.

هو شام جو سنڌو نگر سيٺ شريف جي گهر پهتا، گهر مائٽ، عزيز ۽ پاڙيسري موجود هئا. عورتن لاڏا ۽ سهرا ڳايا.

سنڌوءَ عورتن کي چيو ”سنڌ جو جمالو ٻڌايو.“ عورتن سنڌ جو جمالو ڳايو. ماني کارائي وئي سڄي رات جشن هلندو رهيو.

18 اپريل صبح جو سيٺ شريف، احمد، نذير ۽ ساگر تيار ٿي ڪينجهر شادي هال تي پهتا. مهمان ايندا رهيا. هوريان هوريان شادي هال مهمانن سان پرجي ويو. ساگر کي اڇو ڪاٽن جو وڳو ۽ ڪاوَن تي سنڌي ٽوپي پاتل هئي. هال ۾ رنگين بلبن جي شعاعن تي ٽوپي جا شيشا نڪ جي ڦُلي وانگر جَرڪي رهيا هئا. ساگر کي ٻانهن ۾ ڳانو ٻڌل هو. ساٿس گهرا دوست ملندا رهيا. پئسن ۽ گلن



جون مالهائون پارائيندا ۽ مبارڪون ڏيندا رهيا. منجهند جو ٻين وڳي ماني لڳائي وئي. مهمان ماني کائي ڀاهت لکرائي واپس ٿيندا ويا.

آخر ۾ نذير هال جي مينيجر سان ملي بل ڀُڇي پئسا ڏنا. سيٺ شريف، نذير، ساگر، احمد ۽ باقي مائٽن سان واپس گهر روانا ٿيا.

ٽئين ڏينهن صبح جو نذير والدين کي چيو ”منهنجي سڀاڻي آفيس ۾ ميٽنگ آهي. مان فيملي وٺي وڃان ٿو.“

سنڌوءَ به چيو ”مون کي به سڀاڻي ڪورٽ ضرور وڃڻو آهي. گڏجي نڪرون ٿا.“

سيٺ شريف چوڻ لڳو ”سدائين خوش هوندئُو. ڀلي وڃو.“

هو سڀ تيار ٿيا.

سيٺ شريف پنهنجي گاڏيءَ جي چاٻي سنڌوءَ کي ڏيندي چيو ”پٽ هيءَ سوکڙي مان توهان کي ڏيان ٿو.“

سنڌوءَ وٺڻ کان انڪار ڪندي وراڻيس، ”بابا گاڏي اوهان کي ضرورت ۾ هوندي اسان هاڻي گڏجي وٺنداسين. اها توهان وٽ هجي.“

”پٽ مون کي ضرورت ۾ ناهي هوندي هتي به ساگر استعمال ڪندو آهي. توهان استعمال ۾ وڃي آڻيو.“

”ڀاڄائي، بابا کان چاٻي وٺو.“ نذير چيس.

سنڌوءَ چاٻي ورتي. سنڌوءَ پڇيس، ”بابا توهان ڪراچيءَ ڪڏهن ايندا؟“ سيٺ شريف وراڻيس، ”اسان جلد اينداسين.“

نذير جي فيملي، احمد، ساگر ۽ سنڌو، سيٺ شريف ۽ زرينا کان موڪلائي گاڏيءَ ۾ ويهي هليا ويا.

هو شام جو ڪراچي پهتا. نذير پنهنجي فيملي سان فليٽ تي آيو. ساگر، سنڌو، احمد ۽ روبينا سان گڏ پنهنجي گهر هليا ويا.

ساگر ۽ سنڌو صبح جو تيار ٿي گهر مان گڏ نڪتا. هو ڪيس هاءِ ڪورٽ ڇڏي پاڻ ڪاليج هليو ويو. سنڌو ڪورٽ کي وقت ڏيڻ کان پوءِ آفيس ۾ اچي ويٺي. سنڌوءَ کي سرتين توڙي مرد_وڪيلن ساڻس آفيس ۾ اچي مبارڪون ڏنيون.

واپسيءَ تي ساگر سنڌوءَ کي کڻي گهر آيو.

ائين ٿي سنڌوءَ ۽ ساگر جي سنڌ جي محبت ۾ خوشين ڀري زندگي گذرندي رهي.

